يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

ايم.فل ٿيسز

# ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر: تحقيقي اڀياس

[سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ماسٽر آف فلاسافي‘
جي گهُرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز]


**پشمينا چنا**

## سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي
ڄام شورو، سنڌ، پاڪستان


**2021ع/1443ھ**

# <u>CERTIFICATE OF M. PHIL DEGREE</u>

This is to certify that **Ms. Pashmeena Channa D/o Abdul Wahid Channa** has carried out research on the topic:

ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر: تحقيقي اڀياس

**AN IDEOLOGICAL STUDY OF ZAFAR HASSAN'S SHORT STORIES**

Under my supervision and that work is original and distinct and her dissertation is worthy of presentation of the University of Sindh for the award of the Degree of Master of Philosophy.

**DR. NAWAB KAKA**
Supervisor\
Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh
Jamshoro

# انتساب

مان پنهنجو هيءُ تحقيقي پورهيو

پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن جي نالي ڪريان ٿي

جن منهنجي هن تحقيقي ڪم ۾ منهنجي همٿ افزائي ڪئي آهي.

# فهرست


● مقدمو 01

باب پهريون: تحقيق جو طريقيڪار 02

**تحقيق جو طريقيڪار 02**

**موضوع جي اهميت** 04

**تحقيق جو طريقيڪار 04**

**تحقيق جا مقصد 04**

**تحقيق جي ضرورت 04**

باب ٻيو: ظفر حسن جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس ادبي سفر بابت رايا **06**

**جنم/ ننڍپڻ 06**

**تعليم ۽ تربيت 06**

**روزگار 07**

**شادي 07**

**اولاد 07**

**وفات 08**

**ادبي سفر بابت اديبن جا رايا 08**

باب ٽيون: ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر 22

**ظفر حسن جي جي دؤر جون سياسي ۽ سماجي حالتون 22**

**ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ فڪري تحريڪون ۽ لاڙا 35**

باب چوٿون: ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فني اڀياس 62

**پلاٽ 62**

**ٻولي 68**

**اسلوب 73**

**ڪردار نگاري 77**

باب پنجون نتيجا 87

- ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY) 91
- **Abstract** i-ii

# مقدمو

رب پاڪ جي لڪ ڪرمن ۽ منهنجي استادن جي مهربانين سان آخرڪار منهنجي ٿيسز مڪمل ٿي. جيئن ته منهنجي ٿيسز جو موضوع ”ظفر حسن جي ڪهاڻين جي فڪري پس منظر جو تحقيقي اڀياس“ آهي. هي موضوع شخصيت جي حوالي سان منهنجو پسنديده موضوع آهي. جيئن منهنجو ڪورس جو ڪم مڪمل ٿيو، ان ڪان پوءِ تحقيقي ڪم نئون هو، ڇو ته منهنجي بي.اي ڪاليج سائيڊ ڪان ٿيل هئي. ان ڪان پوءِ، مون ايم.اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ، مون پرائيويٽ نوڪري به ڪئي هئي ۽ وري سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ايم.فِل ڪيم. ڪافي موضوعن جي چونڊ ڪان پوءِ هي موضوع مليو. ان موضوع تي تحقيقي ڪم شروع ڪيم، جنهن ۾ منهنجو گائيڊ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا رهنمائي ڪندو رهيو آهي. هن موضوع سان لاڳاپيل سمورا ڪتاب، رسالا وغيره سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبرريءَ مان مليا ۽ ٻيو مواد جيئن ظفر حسن جي ڊائري روشني پبليڪيشن وٽان ملي. ظفر حسن جي حوالي سان ٻيو مواد انٽرنيٽ تان به مليو. يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب مان به مواد مليو. مختلف ٿيسز مان به مواد مليو ۽ تحقيق جي حوالي سان ڪتاب ۽ مختلف مواد هن ٿيسز ۾ شامل ڪري ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر اسحاق سميجو به سنڌالاجيءَ ۾ ڊائريڪٽر هئا، ان دؤر ۾، مواد گڏ ڪرڻ ۾ انهن به منهنجي مدد ڪئي ۽ سنڌالاجيءَ جي اسٽاف به منهنجي مدد ڪئي هئي ۽ سنڌي شعبي جي استادن ۽ ان جي اسٽاف به منهنجي مدد ڪئي هئي. هن ٿيسز جي ڪمپوزنگ گهڻي ڀاڱي مون پاڻ ڪئي ۽ ڪجهه مواد ادا سهيل راڄڙ ڪان به ڪمپوز ڪرايو. هن ٿيسز جو مواد جمع ڪري پنهنجي گهر ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري مڪمل ڪيم، جنهن ۾ منهنجي گهر وارن منهنجي مدد ڪئي آهي. ڪجهه عرصو ڪورونا وبا جي ڪري گهر ۾ ويهي ڪم مڪمل ڪيو اٿم. هي ڪم مون ڪيو پر ڪٿي منهنجي ڪم ۾ مالي مسئلا به درپيش ٿيا، جنهن ۾ منهنجي گهر وارن منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ منهنجي حوصلا افزائي به ڪندا رهيا آهن. مون کي هڪ سال جو ايڪسٽينشن وٺڻو پيو.

هن تحقيقي ڪم ۾ جن مون سان علمي ۽ تحقيقي تعاون ڪيو، انهن کي وساري نٿو سگهجي. سڀ کان پهريان ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي ٿورائتي آهيان، جنهن تحقيقي ۽ تخليقي ڪم ۾ رهنمائي ۽ همت افزائي به ڪئي

آهي. ان کان پوءِ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجو جي به شڪر گذار آهيان، جنهن تحقيقي ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ مون کي وقت ڏنو. سڀني گهر وارن جي به شڪر گذار آهيان، جن هر وقت، هر مشڪل گهڙيءَ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ حوصلا افزائي به ڪئي آهي.

**پشمينا چنا**

باب پهريون

# تحقيق جو طريقيڪار

## تحقيق جو طريقيڪار

تحقيق: ث (ع) اصليت معلوم ڪرڻ (ڪنهن واقعي يا شئي جي)، جاچ، پڪ، يقين (ظ)، برابر، بيشڪ. (سنڌي لغت، 2006ع: 164 ص)

’تحقيق‘ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي سنڌي معنيٰ آهي اصليت معلوم ڪرڻ، ڳولا، جاچ وغيره. جيئن ڪنهن ماڻهو/ شخص سان ڪو واقعو پيش اچي ٿو، ان جي جاچ ڪرڻ يا ڳولڻ ته اهو واقعو ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڇو پيش آيو. اهو خوشيءَ جو واقعو به ٿي سگهي ۽ ڏک وارو واقعو به ٿئي ٿو.

**مثال 1:** هڪ شخص نوڪريءَ لاءِ امتحان ڏئي ٿو پر ان وٽ ڪا به سفارش نه آهي، ان کي نوڪري نٿي ملي. پوءِ هو انهيءَ مسئلي جي باري ۾ پڇا ڪري ٿو ته ڇا جي ڪري اسن کي نوڪري نه ملي ۽ آخر ۾ ان کي خبر پوندي آهي ته ان وٽ ڪا سفارش نه آهي، جنهن جي ڪري ان کي نوڪري نٿي ملي هو سياسي نظام کان بيزار ۽ مايوس ٿئي ٿو. ان صورتحال جو هن شخص تي نفسياتي طور تي منفي اثر ٿئي ٿو.

**مثال 2:** ڪو شخص امتحان ۾ پاس ٿئي ٿو، ان کي خوشي ٿئي ٿي. ان جي نفسيات تي انهيءَ واقعي جو مثبت اثر ٿئي ٿو.

مثال 3: ڪو چور دڪان تان سونو هار چورائي ٿو ته دڪان جو مالڪ هن چوريءَ جي خلاف پوليس وارن کان مدد وٺي ٿو ۽ پوليس وارا انهيءَ سڄي واقعي جي تحقيق ڪن ٿا ته اهو واقعو ڪڏهن ۽ ڪٿي پيش آيو. پوءِ چور کان اهو سونو هار واپس حاصل ڪن ٿا ۽ دڪاندار کي سونو هار موٽائي ڏين ٿا. دڪاندار پوليس وارن کي ڪجهه رقم انعام طور ڏئي ٿو. دڪاندار جي نفسيات تي پوليس جي ڪردار جو مثبت اثر ٿئي ٿو. پهرين پوليس عام عوام جي مدد نٿي ڪري، پر هاڻي اها پوليس عوام جي مشڪل وقت ۾ مدد ڪري ٿي. ٻيو ڪردار چور جو منفي ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي محنت نٿو ڪري، چوري ڪري ٿو.

ڪنهن به ڳالهه جي حقيقت ۽ سچ جي ڳولا واسطي يا علمي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي شهادتن جي وسيلن کي استعمال ڪرڻو پوندو

آهي. جيئن ريتن رسمن، رواجن جي وجود ۽ انهن جي تصديق بابت علم، انهيءَ معلومات ڪان اسين پنهنجي وڏن جي باري ۾ اڳي واقف هوندا آهيون. انهن مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ اسان ڪي ورثي ۾ مليل آزمودا به هوندا آهن، پر حالتن جي ڪري جيڪي انهن ۾ تبديليون اچن ٿيون ۽ انهن مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، انهن جي معلومات، انهن جون شهادتون، انهن جا مقصد ۽ هيئت جي تبديليءَ جا سبب ڳولڻا پوندا آهن. موجوده دؤر ۾ تحقيق لاءِ ڪيترائي طريقا انهيءَ ڪري به استعمال ڪيا وڃن ٿا، ته جيئن سچ ۽ حقيقت جي ڳولا انسان پنهنجي اصلاح واسطي ڪري ٿو.

احمد سومرو تحقيق جي وصف جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”انگريزي ٻوليءَ جو لفظ Research هڪ اڳياڙي (Prefine) Re ۽ هڪ لفظ ”Search“ جو مرڪب آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ’ٻيهر تلاش ڪرڻ‘. عربي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ هن لاءِ تحقيق لفظ استعمال ڪيو وڃي آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ”حق جي تلاش“. سنڌي ٻوليءَ ۾ وري ان لاءِ ڪوجنا جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ”تلاش ڪرڻ“ آهي. جيتوڻيڪ اهي ٽيئي لفظ، ريسرچ، تحقيق ۽ ڪوجنا لغوي معنيٰ ۾ ورتا ويندا آهن ۽ علمي ۽ ادبي لحاظ ڪان انهن ٽنهي جو معنوي جوهر صحيح معنيٰ ۾ انگريزي لفظ ’ريسرچ‘ ۾ موجود آهي.“ (سومرو، 2014: 123)

هي وڌيڪ لکي ٿو ته:

”لفظ ريسرچ پنهنجي اندر ۾ هڪ لامحدود معنيٰ رکي ٿو. هي هڪ لڳاتار تحقيقي عمل جو نالو آهي، جنهن ۾ هر نئين تحقيق ۽ اڳ ٿيل تحقيق جي مدد سان حاصل ٿيندي آهي.“

هتي هيٺيون تحقيق جو طريقو اختيار ڪيو ويو. تحقيق جا ٻه بنيادي قسم يا طريقا هي آهن:

(1) خاصيتي تحقيق Qualitative Research

تحقيق جي هن طريقي جو تعلق مواد جي تجزيي (Analysis of data) سان آهي. تحقيق لاءِ حاصل ڪيل مواد ڪنهن تحريري ماخذ مان حاصل ڪيل هجي يا وري ڪنهن سروي، انٽرويو يا سوالنامي ذريعي حاصل ڪيل هجي. هن طريقي موجب مواد جو مڪمل جائزو وٺي تحقيقي ڪم لاءِ استعمال ڪيو

ويندو آهي. هي طريقو علم جي سيني شعبن ۾ استعمال ٿيندو آهي. ٻولين ۽ ادب تي ٿيندڙ تحقيقن لاءِ پڻ هن طريقي کي وڏيڪ استعمال ۽ پسند ڪيو ويندو آهي. ظفر حسن جي ڪهاڻين جي اڀياس لاءِ خاصيتي تحقيق جي طريقي کي اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق ڪهاڻين جي اڀياس بعد سندن معيار کي ڏسي نتيجا اخذ ڪيا ويا. (سومرو، 2014: 124)

## موضوع جي اهميت

ظفر حسن سنڌي ٻولي ۽ ادب جو هڪ اهم اديب، ڪهاڻيڪار، ليکڪ، ادبي صحافي ۽ ايڊيٽر هو. سندس ادبي پورهئي تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هن وقت تائين سندس ڪيل ادبي خدمتن تي ڪا جامع ۽ واضح تحقيق ٿيل نه آهي. ايم. فل يا پي.ايچ – ڊيءَ جو ڪو به مقالو نه لکيو ويو آهي، جنهن ذريعي سندس ڪيل ادبي ڪم کان چڱيءَ طرح واقف ٿي سگهون. هن تحقيق جي مدد سان ظفر حسن جي ادبي پورهئي جي فن ۽ فڪر تي صرف ڪجهه مقالا ۽ مضمون لکيل آهن، جيڪي تحقيق جي اصولن جي مطابق نه لکيا ويا آهن.

## تحقيق جو طريقيڪار

هن موضوع تي خاصيتي تحقيق جو طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. هن موضوع جي تحقيق ڪرڻ لاءِ تاريخي تحقيقي اصولن موجب پرائمري ۽ سيڪنڊري ذريعا استعمال ڪيا ويا آهن. مواد جو اڀياس ڪري نتيجا حاصل ڪيا ويا. حوالن لاءِ APA وارو طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي.

## تحقيق جا مقصد

هن موضوع تي تحقيق جو مقصد آهي ته اسان پڙهندڙ کي ظفر حسن جي ادبي لکڻين جي اهميت ۽ ڪهاڻيءَ جي فن، سندس ڪهاڻين جي فڪر، موضوع، اسلوب، ٻولي ۽ ڪردار نگاريءَ کي واضح ڪرڻ تحقيق جي مقصدن ۾ شامل رهيو.

## تحقيق جي ضرورت

هن تحقيق وسيلي ظفر حسن جي مختلف رسالن ۾ ڪهاڻين جي تحقيقي اڀياس سان سندس تخليق ڪيل ڪهاڻين ۾ مختلف موضوعن جي فڪري پسمنظر ۽ ايندڙ سماجي تبديليءَ جي خبر پوندي. ظفر حسن جي ان

دؤر جي سماج جو مطالعو ڪري مختلف ڪهاڻين جو جائزو وٺي پڙهندڙن کي تاريخي ۽ سماجي حالتن جي ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

## حوالا


1. پٺاڻ، غلام حسين، (1983): "تحقيق جو فن"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
2. ايضاً، ص 18

ايضاً، ص 19

ايضاً، ص 20

3. سومرو، احمد، (2014ع): ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد سترهون، شمارو ٻيو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

ايضاً، ص 123

ايضاً، ص 124

باب پهريون

# ظفر حسن جي زندگيءَ جو احوال
# ۽ سندس ادبي سفر بابت رايا

## جنم/ ننڍپڻ

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن شاعرن، اديبن، ڪهاڻيڪارن جنم ورتو آهي، انهن مان هڪ ڪهاڻيڪار ظفر حسن جو ڪردار اهم آهي.

ظفر حسن 14 آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد ۾ سيد نذر علي شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. هن کي ننڍپڻ ۾ 'سچل' به چوندا هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ سندس خاندان وارا قطب شاهه ڳوٺ مان لڏي اچي مستقل طور هير آباد، تعلقي حيدرآباد ۾ رهيا هئا. سندس والد بئنڪ مئنيجر هو. هن جي پيءُ سيد گهراڻي مان ئي شادي ڪئي هئي، تنهن مان ڪيس ستن ٻارن جو اولاد پيدا ٿيو، انهن مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويا. ظفر حسن ٽيون نمبر آهي. سيد ظفر جو ننڍپڻ حيدرآباد شهر ۾ گذريو. هن مذهبي تعليم سان گڏ انگريزي ٻوليءَ جي تعليم به حاصل ڪئي هئي.

## تعليم ۽ تربيت

ظفر حسن ابتدائي تعليم واڻڪي وسي اسڪول مان ورتي. هي پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو ته:

"جڏهن 1953ع ۾ بابا گذاري ويو ته ان وقت آئون مئٽرڪ ۾ هئس." (سيد، 2003: 269)

> "هن مئٽرڪ جو امتحان 1954ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو ۽ انٽر آرٽس جو امتحان ڊي.جي نيشنل ڪاليج مان 1957ع ۾ پاس ڪيو. تنهن کان پوءِ هن وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ داخلا ورتي، جتان هن بي.اي (آنرس) جو امتحان 1959ع ۾ پاس ڪيو ۽ اتان جاگرافي شعبي مان 1961ع ۾ ايم.اي جو امتحان پاس ڪيائين. اهڙيءَ

طرح ظفر حسن پنهنجو تعليمي سفر مڪمل ڪيو.” (سيد، 1981ع: 1)

ظفر حسن والد جي وفات باوجود پنهنجو تعليمي سلسلو جاري رکيو ۽ يونيورسٽيءَ تائين پنهنجو تعليمي سفر ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو.

## روزگار

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، ڪيس يونيورسٽيءَ ۾ خدمتن جو موقعو مليو.

> “پيءُ جي وفات کان پوءِ ماءُ سندس پرورش ڪئي هئي. ظفر حسن پڙهائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جاگرافي شعبي ۾ 1961ع ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ اتي اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو ۽ انهيءَ شعبي ۾ 1984ع ۾ پروموشن ملڻ کان پوءِ پروفيسر ٿيو ۽ وري ساڳئي شعبي ۾ چيئرمين جي عهدي تي به فائز ٿيو ۽ انهيءَ عهدي تان 1997ع ۾ رٽائر ٿيو هو.” (سيد، 2003: 158)

ظفر حسن پنهنجي پائرن ڪي تعليم ڏيارڻ ۽ ان کان پوءِ هن پنهنجي پيءُ جي نالي سان “نذر فروٽ فارم” به کوليو. هن پنهنجي ڳوٺ جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

## شادي

> “ظفر حسن 33 سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي. هن حيدرآباد جي مشهور شيخ گهراڻي جي عورت قمر شيخ سان (1975ع ۾) شادي ڪئي هئي. قمر شاهه هڪ پڙهيل لکيل عورت آهي، جيڪا زولاجي شعبي ۾ حيدرآباد شهر ۾ پروفيسر هئي، ڪجهه وقت کان وٺي رٽائرڊ آهي.” (سيد، 2003: 270)

## اولاد

ظفر حسن ڪي ٽئن ٻارن جو اولاد آهي، ٻه فرزند نذر علي شاهه، يوسف علي شاهه، ٻه نياڻيون ماهرا ۽ ناظرا آهن.

ظفر حسن پنهنجي اولاد کي سنڌي ٻوليءَ سان گڏ انگريزي ٻوليءَ جي به تعليم ڏياري هئي. سيد گهراڻي ۾ رواج هوندو آهي ته ڌيئن کي مذهبي تعليم ڏياريندا آهن. ان کان سواءِ انگريزي تعليم نه ڏياريندا آهن، پر نذر علي شاهه پنهنجي پٽ ظفر حسن کي انگريزي ٻوليءَ جي به تعليم ڏياري هئي. ان کان پوءِ ظفر حسن پنهنجي ڌيئن ۽ نياڻين کي مذهبي تعليم سان گڏ انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ڏياري هئي. هن پنهنجي گهر واريءَ کي به اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ۽ کيس ملازمت ڪرڻ جي به اجازت ڏني.

## وفات

ظفرحسن کي دل جو عارضو هو. هن کي ڪيترا ڀيرا دل جو دؤر به پئجي چڪو هو. ڊائريءَ ۾ پنهنجي ملازمت ۽ دل جي دؤري بابت لکي ٿو ته:

> ”مون کي 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪري ملي هئي. اتي ڪجهه عرصو ڪم ڪيم، تنهن کان پوءِ (1979ع ۾) اها نوڪري ختم ٿي، ته سنڌ يونيورسٽي موٽي آيس ۽ 19 ڊسمبر 1979ع تي زبردست هارٽ اٽيڪ ٿيو.“ (سيد، 2003: 270)

1998ع ۾ دل جو شديد دؤرو پوڻ سبب هي فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس اباڻي ڳوٺ قطب شاهه ڪٽياڻ، تعلقي حيدرآباد ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## ادبي سفر بابت اديبن جا رايا

ظفر حسن پهرين ڪهاڻي ’ڦليلي‘ رسالي ۾ (1956-57ع)، سنڌي باغ ۽ ٻاڱي ۾ ”سڳ جي سٽ“ نالي سان لکي هئي، تنهن کان پوءِ هن باقاعده ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ’سهڻي رسالي‘ ۾ ”قرض“ ڪهاڻي (1966ع) سان ڪئي هئي. طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل سان به دوستي هوندي هيس، جنهن ڪري سڻو پڙهيائين. شروع شروع ۾ پاڻ انهن سان ڪهاڻيءَ بابت پيو بحث مباحثا ڪندو هو، پر لکڻ ڏانهن ڌيان نه هئس. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي ظفر حسن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو ته:

”هڪ ڏهاڙي طارق اشرف مون سان بحث ڪيو ته تون ڪهاڻين تي ايترو گوڙ ٿو ڪرين ۽ ٻين ڪي رد ۽ صحيح ڪندو ٿو وتين. تون پاڻ ڇو نٿو لکين. نيٺ ڪهاڻي لکيم.“ (سنڌي، 2016: 158)

سيد ظفر حسن پنهنجي علمي ادبي پورهيي جي حوالي سان لکي ٿو:

”مون ۽ وليرام ولڀ گڏجي ڪتابي سلسلو ڪڍيو آهي ۽ پهرين مون ڪافي ڪتاب ڪڍيا، پر باقاعدگيءَ سان ڪم اڳتي نه وڌائي سگهيس. سهڻي رسالي ۾ طارق اشرف سان گڏ هئس، پوءِ ڌرتي ڪڍيم. انڊلٺ ڊائجيسٽ ۾ به منهنجو هٿ هو. عالمي ادب به ڪڍيو، سماجي سائنسون به شايع ڪرايم. ماهوار سائنس ۾ به اسسٽنٽ ايڊيٽر هئس. نذير ناز جي ناري پبليڪيشن ۾ ٿورو گهڻو منهنجو دخل هو. ’پروڙ‘ ڪتابي سلسلي جو به هڪ ڪتاب ڪڍيم. هڪ ڪتاب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو لکيل ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ به شايع ڪرايم.“ (سيد، 2003: 172)

آرسي رسالي جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو ته:

”آرسي جو شاعريءَ وارو حصو وليرام ولڀ، امداد حسيني کي ڏيکاريندو هو ته جيئن هو چونڊ ڪري ڏئي. آئون پاڻ ’ڌرتي‘ جي شاعري امداد حسيني کان منظور ڪرائيندو هوس ۽ طارق اشرف پاڻ به ’سهڻي‘ جي شاعريءِ وارو حصو امداد حسيني جي چارج ۾ ڏيئي ڇڏيو هو ۽ آرسي جو شاعريءَ وارو حصو امداد حسيني ئي نظر مان ڪڍي ڏنو ۽ نثر جو حصو ظاهر آهي ته وليرام ولڀ پاڻ به نظر مان ڪڍي سگهي ٿو ۽ هن ڪيو به ائين. جيئن ته ڇپائيءَ ۾ دير پئجي رهي هئي، ان ڪري نثر جا گهڻا ليک مون نظر مان نه ڪڍيا. منهنجو وليرام ولڀ ۾ ويساهه هو ته هن جي چونڊ واقعي معياري هوندي، انڪري مون کي ڪو اُلڪو نه هو ته جيڪڏهن مون ڪجهه مواد نه ڏنو ته اڻ معياري مواد اچي ويندو. انهيءَ ڪري

> ڪافي مواد وليرام ولڀ پاڻ نظر مان ڪڍي آرسي ۾ شايع ڪيو.” (سيد، 2003ع: 174-175)

هن پاڻ به آرسي ۾ پنهنجون ڪهاڻيون لکيون آهن. هن پنهنجي ذاتي خرچ تي هڪ پريس به کولي هئي. اها پين کي ٺيڪي تي ڏني، پر نه هلي سگهي. پوءِ هن پريس پاڻ سنڀالي. ان ۾ ڪافي پين اديبن جا ڪتاب شايع ڪيائين.

ظفر حسن ڪهاڻين کان سواءِ، کل ٺوڪ اخباري ڪالم، خاڪا، مضمون، ڊائري ۽ تنقيد تي ڪتاب لکيا آهن.

سندس چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو 1981ع ۾ “رهيل قرض” جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 10 ڪهاڻيون شامل آهن. (سيد، 1981: 158)

> “ظفر حسن جي سڃاڻپ نه رڳو هڪ ڪهاڻيڪار واري هئي، پر هو هڪ سٺو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. پاڻ 1970ع ڌاري حيدرآباد ۾ پرفيڪٽ پرنٽرس قائم ڪيائين ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا انڊلٺ، ڌرتي، آرسي، سهڻي، عالمي ادب ۽ عام جائزو ڪتاب وغيره ڪڍيائين. ان ئي پريس ۾ پيو ڪيترو ئي سنڌي انقلابي ساهت پڻ ڇپجندو هو.” (1981ع: 158ص)

انقلابي ڪتابي سلسلن کي شايع ڪرڻ جي ڪري ڪيس تڪليفن کي به منهن ڏيڻو پيو. هي وڌيڪ لکي ٿو ته:

> “پرفيڪٽ پريس منهنجي پنهنجي هئي. ان تي 8-10 ڪيس به ٿيا. ممتاز ڀٽو (ان وقت سنڌ جو وڏو وزير) هڪ پيري ڪوٽڙيءَ ۾ ترسيو ۽ حڪم ڪيائين ته ان پريس جي پرنٽر/ مالڪ کي شام تائين حاضر نه ڪيو ته توهان سڀني جو خير ناهي. ان وقت اتي تحريڪ ملير ڊائجسٽ اڳتي قدم ۽ ٻيا سڀئي اصل ۾ جيڪو به انقلابي پرچو توڙي ادب هو، اهو اتي ڇپجندو هو.” (سنڌي، 2016: 159)

ظفر حسن جي اها پريس به پبليڪيشن ڪڏهن ڊيمي ۽ ڪڏهن تيز هلندي رهي. طارق عالم جو مشهور ناول “رهجي ويل منظر” به پهريون

پيرو ظفر حسن ئي حسينا سيد پبلشرز پاران ڇپايو. طارق عالم کي سنڌي ادب ۾ صحيح معنيٰ ۾ متعارف ڪرايو.

ظفر حسن ’سماجي سائنسون‘ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن سان گڏ اعجاز قريشي به هو. سائنس مئگزين جو ايڊيٽر به رهيو. ان کان علاوه، ظفر حسن هيٺيان ڪتابي سلسلا جاري ڪيا:

ڏرتي

1974ع ۾ ظفر حسن پنهنجي ادارت هيٺ ماهوار ”ڌرتي“ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جنهن جو پهريون پرچو مارچ 1974ع ۾ نڪتو. اهو نج ادبي پرچو هو، جنهن ۾ ڪهاڻيون، شاعري، مضمون ۽ ٻيو مواد شامل هو.

ظفر حسن ڌرتي پبليڪيشن جا ڏهه اصول به مقرر ڪيا، جن تحت اهو پرچو هلڻو هو، جنهن ۾ چيو:

(1)’ڌرتي‘ جو مقصد سنڌي ادب، فن ۽ سپيتا کي پيش ڪرڻ آهي.

(2)’ڌرتي‘ جو مقصد سهڻو، صحتمند، پرامن ۽ تعميري مواد پيش ڪرڻ آهي.

(3)’ڌرتي‘ جو مقصد پراڻين، منفي ۽ غير انقلابي روايتن جو خاتمو آڻڻ آهي.

(4)’ڌرتي‘ جو مقصد پراڻين، صحتمند ۽ مثبت روايتن جي پٺڀرائي ڪرڻ آهي.

(5)’ڌرتي‘ جو مقصد نين، ڪارآمد، اصولي روايتن کي جنم ڏيڻ آهي.

(6)’ڌرتي‘ جو مقصد سنڌي ادب، فن ۽ سپيتا کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ آهي.

’ڌرتي‘ جو ٻيو پرچو اپريل ۽ مئي جو گڏي ڪڍيو ويو.

’ڌرتي‘ جا ٽوٽل پنج پرچا نڪري سگهيا. پنجون پرچو ڊگهي عرصي کان پوءِ جنوري 1986ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن جو مرتب عبدالرحمان سيال هو. انهيءَ ۾ ظفر حسن جو نالو اعزازي صلاحڪار طور لکيل آهي. اهي سڀئي پرچا ڊبل سائيز

۽ فور ڪلر ٽائيٽل سان هڪ سؤ ڪان به مٿي صفحن جا آهن.
(سنڌي، 2016: 159)

## عالمي ادب

ظفر حسن جو زرخيز ذهن سدائين سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ نت نيون رٿائون پيو گهڙيندو هو. عالمي ادب به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو وليرام ولڀ سان گڏجي جلد وار ڪڍڻ جو پروگرام رٿيائين. انهيءَ ۾ سهيوڳي، عالمي ادب مان چونڊ لکڻين کي ترجمو ڪري شامل ڪرڻو ارادو هئس. انهيءَ جو پهريون پرچو ڊيمي سائيز ۾ جنوري 1978ع ۾ شايع ٿيو. جيتوڻيڪ انهيءَ جو اهو فقط هڪ ئي جلد ڇپجي سگهيو، پر اهو هر لحاظ کان چونڊ معياري عالمي لکڻين جو مجموعو هو. پرچي جي واقفيت ڏيندي مرتب لکي ٿو:

> ”سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي سهيوڳي تخليقي ادب کي هڪ هنڌ گڏ ڪري جلد وار پيش ڪرڻ جي هڪ پهرين جاکوڙ آهي. هن کان پهرين جيتوڻيڪ ڪهاڻين جا ڳڻتيا ۽ انٿالاجيون الڳ روپن ۾ پبلش ٿينديون رهيون آهن، پر باقاعده هن ڪتاب وانگر سهيوڳي عالمي ادب کي سهيڙڻ جي پهرين وک آهي.“
> (سنڌي، 2016: 160)

## عام جائزو

عام جائزو پڻ مٿين ڪتابي سلسلن وانگر ظفر حسن جي ذهن جي تخليق آهي، جنهن جي جاري ڪرڻ جي پيش منظر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو:

> ”ڪافي وقت کان منهنجي ذهن ۾ اهو ويچار پئي رهيو آهي ته اهڙو ڪتابي سلسلو يا رسالو ڪڍجي، جيڪو جڳ/ ملڪ ۾ ٿيندڙ اهم واقعن ۽ مسئلن جي باري ۾ معلومات ڏيندو هجي ۽ اهي اهم واقعا ۽ مسئلا سماج سان واسطو رکندڙ هجن ته جيئن نئين سماج جي مجموعي طرح تبديل ٿيندڙ شڪل ۽ ان جي پس منظر ۾ ان کي متحرڪ ڪندڙ قوتن جي خبر پئجي سگهي ۽ اهڙي طرح اسان جي قوم ۾ اها سجاڳي پيدا ٿئي، جيڪا آئون پنهنجي نقطه نظر کان سمجهان ٿو ته ضروري

آهي. . . ٻي ڳالهه اها آهي ته روزاني اخبار مان ورتل، يعني ته اسان جي سنڌي اخبارن اها معلومات سنڌي عوام تائين نه پهچائي، ان ڪري مون کي خيال آيو ته جيڪو ڪم سنڌي اخبارن کي ڪرڻو آهي، اهو ڪم اسان جون سنڌي اخبارون ته نه ڪري سگهيون آهن ۽ اهو نقطو اسان جي سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن تائين پهچائڻ ۽ انهن کي قائل ڪرڻ جي مون کي اجائي ڪوشش ڏيندي، ڇو ته آئون سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن کي اها ڳالهه سمجهائڻ ۾ سڦل نه ٿي سگهندس. ان ڪري مون سوچيو اهو ڪتابي سلسلو/ رسالو مون کي برپا ڪرڻو پوندو.“ (سنڌي، 2016: 161)

انهيءَ جو فقط هڪ پرچو آگسٽ 1992ع ۾ نڪري سگهيو. هن پرچي جي هڪ خاص ڳالهه اها به هئي ته انهيءَ ۾ مضمونن جي مترجمن جا نالا پڇاڙيءَ ۾ ڏنا ويا آهن.

ظفر حسن جي هڪ ٻي خوبي/ عادت اها هوندي هئي ته هو پنهنجي روزاني ڊائري لکندو هو، جنهن ۾ ٻين ڳالهين کان سواءِ حالتن جو جائزو پڻ وٺندو ويندو هو. اهڙا ڪيترائي بڪ لکيل اٿس، جنهن جو پهريون جلد ”ظفر حسن جي ڊائري“ جي نالي سان مارچ 2003ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي، جيڪو وليرام ولڀ ۽ ظفر جوٽيجي مرتب ڪيو.

مٿين ڪتابن/ ڪتابي سلسلن کان سواءِ ظفر حسن اعجاز قريشي سان گڏ سماجي سائنسون ۾ پانهن ٻيلي ۽ سائنس مئگزين جو اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو. (سيد، 2003: 161)

ظفر حسن کي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب سان تمام گهڻو پيار هو. ڪلا پرڪاش ظفر جي سنڌيت سان محبت جو مثال ڏيندي لکي ٿي ته:

”منهنجو ڀاءُ ظفر دبئيءَ مان آيل مهمانن کي برابر ڳولي رهيو. موهن، موتي ۽ ڪلا کي، جيڪي سنڌي آهن، جن جو سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان گهرو واسطو آهي. ظفر کي اسان جي اسان جهڙن سپني سنڌين جي تلاش آهي! سچن سنڌين جي سدائين ڳولا ۾ آهي ظفر حسن.“ (پرڪاش، 1987: 14)

جمهوري حڪومت ۾ هندو اديبن جو سنڌ اچڻ ۽ وري ادبي طور سنڌي اديبن سان ملاقات ٿي ته ظفر حسن هند جي سنڌي اديبن کي وٺڻ ڪراچي ايئرپورٽ ويو، جيڪي دبئي مان آيا هئا. انهن کان هندستان وڃڻ کان پوءِ هنن جي زندگيءَ جو حال احوال ورتائين ته جيئن هتان لڏي وڃڻ کان پوءِ هنن اتي زندگيءَ کي ڪيئن گذاريو ۽ ڪهڙين تڪليفن کي منهن ڏنو. انهن ظفر حسن کي سچي حالتن جو احوال ڏنو ته انهن ڪيئن اتي مشڪلات کي منهن ڏنو.

ڪلا پرڪاش ظفر جي باري ۾ وڌيڪ لکي ٿي ته:

”ظفر تمام سٺي طبيعت جو شخص آهي. ظفر سان اسان جي خط و ڪتابت آهي. ظفر جي خطن ۽ فون تي گفتگو ڪيس اسان جي دل جي بيحد قريب آندو هو، پر جڏهن روبرو ملندي ساڻ دل ۾ ديرو ڪري چڏيائين. اصل ۾ ائين لڳو ٿي ڪين ته ڪو ظفر پهريون پيرو مليو آهي. سندس سهڻو منهن چڻ اڳيئي ڏٺل پئي لڳو. هن جي ڪهاڻين مان سندس شخصيت نمايان آهي. ظفر پنهنجي ابي امڙ جو لائق فرزند آهي.“ (پرڪاش، 1987: 15)

ڪلا پرڪاش ظفر حسن جي اديبن ڏانهن رويي بابت لکي ٿي:

”هڪ ٻي ڳالهه به منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو. اها هيءَ ته ظفر لائق ۽ خاص ماڻهن ۽ خاص ليکڪن جو قدر دل سان ڪري ڄاڻي. هن اياز عالم جي اسان سان واقفيت اهڙي نموني ڪرائي جو اياز جي خوددار شخصيت اسان جي دلين ۾ ان ئي دم يا مهل اڪرجي ويئي. جنهن صداقت سان ظفر، گرامي صاحب بابت مهراڻ گرامي نمبر ۾ لکيو آهي، ان مان پروڙ پوي ٿي ته ظفر وٽ هڪ پارکو دل آهي.“ (پرڪاش، 1987: 17)

ظفر جو هڪ اصول هو ته سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. جڏهن ون يونٽ لڳو، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪيو ويو. ان واقعي کان پوءِ ظفر پهرين پنهنجي گهر وارن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۽ ڳالهائڻ جي تلقين ڪئي هئي، ڇو ته انگريزيءَ کان پوءِ اردو ٻولي رائج ڪئي ويئي. سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي. انهن حالتن کي ڏسندي سنڌي اديبن سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين اديبن کي به چيو ته پنهنجي

ٻولي ڪنهن به صورت ۾ نه وسارجو ۽ ايندڙ نسل کي به آگاهه رکجو ته اهي به پنهنجي ٻوليءَ کي بچائين، ڇو ته جنهن قوم به پنهنجي ٻولي ڇڏي، اها قوم فنا ٿي ويندي آهي.

ڪلا پرڪاش لکي ٿي ته:

”اسان جي لکڻ سان ظفر نالي واري شخص کي ڇا ملندو؟ پر هو پاڻ کي سنڌ کان، سنڌي قوم کان، سنڌي ٻوليءَ کان ۽ سنڌي ادب کان الڳ سمجهي ئي ڪين ٿو. جيڪو سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ لکي ٿو، جيڪو سنڌ جي آسودگيءَ جو تمنائي آهي ۽ سنڌي قوم جو سچو فرد آهي، اُهو ظفر جو دوست آهي، ظفر جي محبت جو حقدار آهي.“(پرڪاش، 1987: 19)

همسفر گاڏهي ليکڪ ظفر حسن کان هڪ ڏينهن انٽرويو ورتو، جيڪو هن جي حياتيءَ کان پوءِ ڇپيو آهي. هي لکي ٿو ته:

”ظفر حسن پاڻ مليو، انٽرويو وٺڻ واري ڳالهه تي کِلي ڏنائين. چيائين ته درويشن جا ڪهڙا ٿا انٽرويو ڪريو؟ ڪنهن دانشور جو ڪريو. بس اسان به طئه ڪري آيا هئاسين ۽ ظفر حسن صاحب جي به ضيائي اهل قلم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ اديبن سان هٿ نه ملائڻ توڙي سماجي لاڳاپا نه رکڻ جي حوالي سان ڪافي شهرت هئي.“ (گاڏهي، 2004: 241)

ظفر حسن پاڻ دانشور هو. ادب جي سماجي ڪارج بابت ڪيل سوال تي جواب ڏنائين:

”ادب جو سماج ۾ وڏو ڪارج هجي ٿو. ادب رڪارڊ متبادل تاريخ جي حيثيت رکندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو تاريخ کي سهيڙڻ جو ڪم ادب ڪري ٿو. دنيا جو سمورو ادب پنهنجي پنهنجي دؤر جي نمائندگي ڪري ٿو، جيئن انگريزي ادب لاءِ چيو ويندو آهي ته هي وڪٽورين ايلزبيٿ دؤر جو ادب آهي. ادب ماڻهوءَ جي سوچ، حالت ۽ فڪر کي رڪارڊ ڪري ٿو. جماليات کي ماڻهو ردي ۽ سماج کان ڪٽيل شيءِ سمجهن ٿا، پر ائين ڪونهي. جماليات به سماج سان ڳنڍيل ٿئي ٿي. ان جو به

سماجي ڪارج آهي. ناٽڪ، فلمي منظرناما، ناول، راڳ ڳيچ اهو سڀ ڪجهه ادب جو حصو ته آهي ۽ جي اهو سڀ ڪجهه نه لکيو وڃي ها ته اسان جانورن جي ويجهو هجون ها.” (ڳاڏهي، 2004: 247)

عالمي ادب جي تناظر ۾ سنڌي ادب ڪٿي بيٺو آهي، جو جواب هن طرح ڏنائين:

”مون کي نهايت ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اسان لکڻ ۾ به زوال پذير آهيون. سنڌيءَ ۾ ناول ته آهي ئي ڪونه. 1947ع کان وٺي 1995ع تائين آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ناول مس لکجي سگهيا آهن. ناول لکڻ محنت وارو ڪم آهي، انڪري ان طرف ڌيان نٿو ڏنو وڃي، باقي ڪهاڻيون لکجن پيون. اها وچولي درجي جي آهي. شاعري تمام سٺي پيئي ٿئي. ان کي همعصر عالمي شاعريءَ سان برميچي سگهجي ٿو. اسان ادب ۾ ڪافڪا، ڪاميو ۽ چوائس جا نالا ته پيا وٺندا آهيون، پر انهن جا ناول به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪونه ٿيا آهن. دنيا جو طويل ناول War and Peace سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪونه ٿيو آهي. آغا سليم، امر جليل، علي بابا، ملڪ آگاڻي، طارق عالم ابڙو، غلام نبي مغل به هڪ اڌ ناول ڏيئي خاموش ٿي ويهي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪوشش ڪن ته سٺا ناول لکي سگهن ٿا. اسان جا نوجوان به گهڻ محنت ڪن ٿا. اهي جيڪڏهن محنت ۽ مطالعو ڪن ته شاهڪار ڪهاڻيون لکي سگهن ٿا. سنڌيءَ ۾ به ادب جي خدمت لاءِ نج ادبي رسالي جي اڄا به ضرورت آهي.” (ڳاڏهي، 2004: 250)

اهڙي طرح هو پنهنجي دؤر جي ادب تي تنقيدي نظر به رکندو هو. سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ هن وٽ تعميري سوچ هئي.

ظهير احمد ڪلهوڙو هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ پنهنجي استاد سيد ظفر حسن لاءِ لکي ٿو:

”منهنجي استاد سائين ظفر حسن سيد صاحب سائين سان منهنجو تعلق جاگرافي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺندي ئي (1992ع ۾) ٿيو، جيڪو سائينءَ جي زندگيءَ جي

آخري گهڙين مارچ 1998ع تائين رهيو. سائين جادوئي شخصيت جو مالڪ، خوبصورت، پُروقار، جاهه جلال، رعبدار، نفاست ۽ شخصيت سان ڀرپور، بااصول، تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو نرالو ۽ انوکو انداز رکندڙ هي شخص سچ پچ ته هڪ آدرشي انسان هو، جيڪو دنيا جي ڪنهن نامور يونيورسٽيءَ جو پرفيڪٽ پروفيسر لڳندو هو.“ (سيد، 1981: 7)

سيد ظفر حسن سان وليرام ولڀ وڏو عرصو گڏ ڪم ڪيو. ’آرسي‘ رسالو ۽ ٻيا ادبي رسالا گڏجي هلايا. وليرام ولڀ سندس شخصيت ۽ ڪم جي حوالي سان لکي ٿو:

”ظفر حسن سماجي، ادبي ۽ سياسي سوچ رکندڙ، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق ڪندڙ اديب هو، جنهن وٽ اونهي، اوچي ۽ پرانهين سوچ هئي. هن پنهنجي رٿابنديءَ کي ڪاميابيءَ جي ڪناري تي پهچائڻ لاءِ پرنٽنگ پريس خريد ڪئي، پر ڪيترن ئي موضوعن تي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جو حامي هو. اپريل 1973ع ۾ هن ”پروڙ“ جو پهريون شمارو شايع ڪيو، جيڪو ان وقت جي سياسي ماحول ۽ حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. ادبي اُڃ اجهائڻ جو اپاءُ ڪندي، هن مارچ 1974ع ۾ ”ڌرتي“ جو پهريون شمارو شايع ڪيو، پر پوءِ اهو رسالو هو جاري رکي نه سگهيو. ساڳئي سال يعني مئي 1974ع ۾ غلام محمد ميمڻ جي سرپرستيءَ ۾ ”اندلٺ“ ڊائجسٽ جاري ٿيو، جنهن جو ايڊيٽر سنڌي ڪهاڻيڪار مشتاق حسين شورو هو ۽ صلاحڪار بورڊ ۾ ظفر حسن آخر تائين شامل رهيو.

آرسي رسالي جي سلسلي کي شروع ڪرڻ جو پسمنظر بيان ڪندي لکي ٿو:

1977ع کان مارشل لا جو ضيائي دؤر شروع ٿيو. سياسي گهُٽ ۽ ٻُوسٽ جي ماحول ۾ اظهار جي آزاديءَ تي پابنديون هيون. رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت محدود ٿي محتاط ٿي ويئي. هڪ ڏينهن هن مون سان صلاح ڪئي ته، ”چو نه پاڻ گڏجي هڪ ادبي ڪتابي سلسلو جاري ڪريون، جنهن لاءِ اسان ٻئي گڏجي ٿورو سرمايو سيڙايون. مواد جي چونڊ ان شرط تي ٿئي ته شماري ۾ مواد جي چونڊ متفق راءِ سان هجي ۽ ڪري جو انتظام يعني ورهاست جو نيٺ ورڪ پاڻ تي هموار ڪري،

مارڪيٽنگ پاڻ ڪريون، پر پنهنجو نالو تيستائين ظاهر نه ٿئي، جيستائين پهريون شمارو شايع نه ٿئي.“ متفق فيصلو ٿيو ۽ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ليکڪ برادريءَ سان رابطو رکيو سين. اسان کي سڻي موٽ ملي ۽ مواد جي چنڊڇاڻ ڪري پريس ۾ ڏيئي ڇڏيوسين. ڇپائيءَ جي هر مرحلي جي نگراني منهنجي ذمي هئي ۽ مواد جي چونڊ ۾ گڏ ويهندا هئاسين. شروع ۾ اسان 100 صفحن جو شمارو شايع ڪرڻ جو رٿيو هوسين، پر پوءِ رفته رفته جو مواد وڌندو ويو، پرپور ۽ جامع ٿي پيو. آخر مارچ 1983ع دؤران 300 صفحن تي مشتمل ”آرسي“ ڪتابي سلسلي جو پهريون شمارو مارڪيٽ ۾ آندوسين. ظفر حسن جو يونيورسٽيءَ ۾ ميل جول جو وسيع حلقو هو. پهرئين شماري جي موٽ ايڏي پرپور ملي جو ٻئي شماري جو مواد گڏ ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانه لڳي. انهيءَ سلسلي جا جنوري 1986ع تائين 5 شمارا شايع ٿيا، پر پوءِ ورهاست جي نيٽ ورڪ جي اوڻاين ۽ بڪ اسٽالن ۽ بڪ شاپس جي بي توجهيءَ سبب ڪيترين ئي ڪاپيون بچي پيون، جنهن ڪري مالي نقصان جي ڪري اڳتي لاءِ پئسن جي کوٽ ٿيندي ويئي ۽ بچيل ڪاپين جو ڍڳ ٿيندو ويو. ”آرسي“ پنج شمارا شايع ٿيڻ سان ادبي حلقن ۾ ته نالو ۽ ساک حاصل ڪئي، پر مالي طور کوٽ کي منهن نه ڏيڻ سبب پاڻيرو نه ٿي سگهيو.“

سندس همعصر اديبن ۾ غلام نبي مغل اهم ليکڪ آهي. هن ”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اڇي بوءِ بهار جي“ عنوان تحت پرپور مضمون لکيو آهي. سندس شخصيت کي ساريندي غلام نبي مغل لکي ٿو ته:

”الائي ڪيترين بهار جون مندون گذري ويون آهن، پر ڪو انسان، دنيا ۾ هر پنهنجي بوءِ ۽ طبعيت جي بهار ائين ڇڏي ويندو آهي جو اوهان ڪيس ڪنهن به موسم ۾ ياد ڪريو ته هو پنهنجي اعليٰ تربيت يافته طبعيت، موتئي جي گلن جهڙي خوشبو ۽ زندگيءَ جي بهترين قدرن سان، اوهان کي محسوس ٿيندو رهندو. سچي جنگ جو گهٽگهرو ۽ دوستن جي چڱن مٺن ڪمن تي نظر رکڻ وارو دوست، اهڙو دوست، جو سپني جو پلو چاهيندو، سو هو سيد ظفر حسن – هو اهڙو انسان هو، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته: Larger than life

”ظفر حسن نهايت ايماندار ماڻهو هو. دوستن جو دوست ۽ مخالفن سان ڪو به تعلق نه هوندو هوس. سنڌ جو سچو عاشق هو. ايتريقدر جو

جنهن دوست اردو زبان سان ڪو لاڳاپو رکيو ته ان کي صاف چئي ڏيندو هو تون سنڌ جو پٽ ناهين، توسان ڪو نه ڳالهائبو. اهو سلسلو ان جو آخر تائين هو. اهڙن دوستن جن سان هٿ ملائڻ ۽ ڳالهائڻ گناهه سمجهندو هو، تن مان عبدالقادر جوڻيجو ۽ امداد به هئا. انهن جو ڏوهه اردو ادب سان وابستگي هئي.“

ظفر حسن جي شخصيت جي باري ۾ پروفيسر انور فگار هڪڙو پنهنجا ويچار هن طرح ونديا آهن:

”سائين ظفر حسن هڪ اصول پرست،دانا ماڻهو/ شخص هو. هو هر هڪ سان خوش اخلاقي سان پيش ايندو هو ۽ وقت جو پابند هو. سنڌي ادبي سنگت جو اڳواڻ هو، انڪري وقت تي ايندو هو، ٽيچرس ڪلب ۾ پين ڪان اڳ اتي حاضر هوندو هو.

سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيڻ کان پوءِ جڏهن به شعبي ۾ آيو، تڏهن پنهنجي احتجاج کي قائم رکندي ٿي يا پنج منٽ گفتگوءَ کان اجتناب ڪندو هو. مون کي سندس اهڙن روين ۾ سندس اصول پرستي، دانائي ۽ گهري پنهنجائپ محسوس ٿيندي هئي. بيشڪ هو با فضيلت، پڙهيل لکيل ۽ منفرد مرد پيو لڳندو هو. سنڌ جي نوجوانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ هر وقت پاڻ کي پابند سمجهندو هو. پنهنجي زبان، ادب، قوم، تهذيب ۽ تمدن جو درد رکندڙ تي هو ئي، پر عملي طور به ڪڏهن پير پوئتي نه رهيس. سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري جي سنڌي ادبي سنگت جي شاخ جو اڳواڻ هئڻ ڪري، هر جمعي ڏينهن شام جو نهايت پابنديءَ سان ٽيچرس ڪلب ۾ مقرر وقت تي حاضر رهندو هو. پوءِ پلي ڪو اچي يا نه اچي، پر سائين ظفر حسن ناغو نه ڪندو ۽ اڪيلو ويٺو رهندو. گڏجاڻي ٿئي نه ٿئي، پر هو پاڻ تي عائد فرضي ادائگيءَ کان غافل نه ٿيو.“

مختيار احمد ملاح ظفر حسن جي علمي پورهيي ۽ ان جي سهيڙ بابت لکي ٿو:

”سيد ظفر حسن جو سنڌي ادب جي ترقي ءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي، جيڪو شايد اڄ جي نوجوان اديبن جي ڄاڻ کان اوجهل آهي. هو ڪهاڻيڪار، خاڪا نويس، مضمون نگار، نقاد، ايڊيٽر، پبلشر، مترجم ۽ ادب پرور شخص هو. 1977ع کان 1979ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به ٿي رهيو. سندس سموري زندگي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذري.

سندس هيستائين به ڪتاب ”رهيل قرض“ (1981ع) ۽ ”ظفر حسن جي ڊائري“ (2003ع) شايع ٿيل آهن. جڏهن ته اجا سندس ڪيترو اهڙو مواد آهي، جنهن کي گڏ ڪري شايع ڪرائي سگهجي ٿو. مثال طور سندس ڪهاڻين جو ڪليات طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل، سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون، آرٽيڪل ۽ ايڊيٽر جي 30 کن ڊائريون ۽ ڊان اخبار ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل آرٽيڪل ۽ ايڊيٽر جي نالي سان لکيل خط وغيره. ادبي دنيا ۾ سندس خدمتن جا الڳ الڳ پهلو آهن.“

بحيثيت ڪالم نويس

ظفر حسن مختلف اخبارن ۾ ڪالم به لکندو رهيو، جيڪي انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۾ شايع ٿيا. اخبارن ۾ خاص طور تي پاڻ ”ڊان“ ۾ انگريزي ڪالم لکندو هو. ته ماهي جرنل ”سنڌ ڪئارٽرلي“ (Sindh Quarterly) ۾ به تفصيلي پيپر لکندو هو. 1975ع واري سال ۾ ’آفتاب‘ اخبار ۾ هفتيوار ڪالم لکيائين. 1977ع ۾ مولابخش ڪوسي جي ايڊيٽر شپ ۾ ڪتابي سيريز ”سهائي پبليڪيشن“ ۾ به ڪالم لکيائين. عوامي آواز ۽ ڪاوش اخبارن ۾ سندس ڪالم شايع ٿيل آهن، پر سندس ڪالم نگاري مستقل ڪانه هئي. پاڻ سياسي معاملن، سماجي مسئلن ۽ راندين بابت خط ۽ ڪالم لکندو هو. اهي ڪالم اڃ تائين ترتيب هيٺ اچي نه سگهيا آهن. اگر سائينءَ جا ڪي شاگرد يا اديب دوست ڪوشش ڪن ته هڪ سٺي ڪتاب جو اضافو ٿي سگهي ٿو. (ملاح، 2021: 289)

سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ڪيل سندس خدمتن تي مختيار ملاح لکي ٿو:

”ظفر حسن جي اچڻ سان بورڊ جي حالت ئي تبديل ٿي ويئي، ڇو جو ظفر حسن هڪ پابند ماڻهو هو، جيڪو هر شئي پابندي ۽ رٿابنديءَ سان ڪندو هو. وقت تي اچڻ، وڃڻ، آفيس جو ڪم ڪرڻ وغيره ، ان ڪرڻ سان بورڊ جي ٻين ملازمن کي به پابند ٿيڻو پيو، جنهن جي ڪري بورڊ جا ڪي ملازم ظفر حسن سان ناراض رهندا هئا. اگر ڪو ملازم دير سان پهچندو هو ته آفيس ميمو سندس ٽيبل تي اڳيئي پيو هوندو هو. ظفر حسن بورڊ ۾ پيل پراڻا ڪم اڪلائڻ شروع ڪيا ۽ گهٽي وقت کان انتظار ۾ پيل ڪتابن جي اشاعت جو ڪم شروع ڪيو. ظفر حسن جي دؤر ۾ ٻارن جي رسالي ”گل ڦل“ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو. هن پاڻ به ٻارن لاءِ لکيو ته ٻين اديبن کان به ٻارن لاءِ لکارايو. ٻاراڻي ادب جي مشهور اديب اڪبر

جسڪاڻي ڪي ظفر حسن جي دؤر ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ لائبررين مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ٻارڙن جي ماهوار رسالي ”گل ڦل“ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1987ع ۾ ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح مهراڻ رسالي ۾ به بهتريون آنديون. مواد تي خاص ڌيان ڏنو ويو، بر وقت رسالي جي اشاعت ٿيڻ لڳي. ظفر حسن پاڻ مهراڻ جي ايڊٽ ۽ چونڊ جي معاملن ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ پاڻ به رسالي جي لاءِ ريگيولر ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح خواتين جي رسالي ”سرتيون“ ۾ به سڌارا آندا ويا. سندس دؤر، بورڊ جي تاريخ ۾ انتظامي طور تي هڪ بهترين دؤر هو.“ (ملاح، 2021: 291)

حميد سنڌي ظفر حسن جي شخصيت جي باري ۾ ڪجهه هن طرح ويچار ونڊيا آهن ته:

”سائين اصول پرست هو، مون کي ياد آهي ته سيد ظفر حسن صاحب مون سان ڏاڍو ناراض ٿيو هو. جڏهن منهنجي ڪتاب ”ويرون“ کي سرڪاري طور پنجويهه هزار رپيا انعام مليو ته سيد مون کي چيو توهان ضياءُ الحق کان اهو انعام نه وٺو، جو ضياءَ سنڌي ماڻهن جو قاتل آهي. مون چيومانس ته انعام وٺڻ ۾ هڪڙو آءٌ ڪونه آهيان، تنوير عباسيءَ وارا به آهن. اسان کي پنهنجي محنت ۽ فن جو صلو مليو آهي. اسان انهن پئسن مان سنڌي زبان جا ٻيا ڪتاب به ڇپرائينداسون، پئسا گهر ڪونه کڻي وينداسون. تڏهن مس مس وڃي همراهه راضي ٿيو.

سيد ظفر حسن کي جو ڪجهه سمجهه ۾ ايندو هو، منهن تي سامهون چئي ڏيندو هو. ان کان بعد دل ۾ نه رکندو هو. سائين ڪجهه عرصو اڳ مون کي هڪ ادبي رهاڻ ۾ مليو ۽ ڀاڪر پائيندي چيائين ته يار ملو ئي ڪونه ٿا، چڻ پهرين واري ناراضپي واري ڳالهه سندس ذهن تي ڪانه هئي. ظفر حسن ۾ تمام گهڻو ”ول پاور“ هو. اهڙا ماڻهو تاريخ ۾ هميشه مٿانهين صفحن تي پنهنجو نالو لکرائيندا آهن ۽ تاريخ انهن کي وڏي احترام سان ياد ڪندي آهي.“ (ماهوار عوامي امنگ، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

امداد حسيني ظفر حسن کي هن طرح منظوم ڀيٽا ڏني آهي:

هري ٿو هانو تي

“جڏهن به ياد ٿو ڪريان وطن وطن
تڏهن هري ٿو هانو تي ظفر حسن!

جڏهن به قول فعل ساڳيا رهن،
جڏهن ته ٿو ٻڌان ڪٿان سچا سخن،
لُڇي ٿي لونءَ لونءَ جي لڳن،
۽ نيڻ سنڌ لاءِ خواب ٿا ڏسن،
تڏهن هري ٿو هانو تي ظفر حسن.

جڏهن اديب سنڌ لاءِ ٿا لکن،
۽ سٽ سٽ ساڻ ٿا سچا رهن،
ڪڏهن به ڏاڍي جي اڳيان نٿا جهڪن،
۽ ڪڏهن به واڪ تي نٿا وڪامجن،
تڏهن هري ٿو هانوَ تي ظفر حسن.

جڏهن ڏکن جا ڏينهن ڏيهه تان لهن،
جڏهن به گاهه ٿا گسن مٿان گسن،
بهار ۾ خواب گلاب ٿا ڦٽن،
جڏهن به يوسف ۽ نظر نظر اچن،
تڏهن هري ٿو هانوَ تي ظفر حسن!

جڏهن به ياد ٿو ڪريان وطن وطن،

تڏهن هري ٿو هانوَ تي ظفر
حسن!”

(ماهوار عوامي امنگ، مارچ-اپريل 1998ع تان ورتل)

(ملاح، 2021: 61-62)

## حوالا


(1) سيد، ظفر حسن (1981ع)، ”رهيل قرض“ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
ايضاً، ص 1
ايضاً، ص 158

(2) سيد، ظفر حسن (2003ع): ”ظفر حسن جي ڊائري“، (جلد پهريون، ناليج سينٽر، ڪراچي.
ايضاً، ص 158
ايضاً، ص 270.
ايضاً، ص 270
ايضاً، ص 141.
ايضاً، ص 128.
ايضاً، ص 174
ايضاً، ص 172.
ايضاً، ص 175
ايضاً، ص 281.
ايضاً، ص 161

(3) ڪلا پرڪاش (1987): ” جي هينئڙي منجهه هرن“، (سفرنامو)، سچائي اشاعت گهر، دڙو.
ايضاً، ص 14.
ايضاً، ص 15.
ايضاً، ص 17.
ايضاً، ص 19

(4) چانديو، خادم حسين (2003): ”مارو جي ملير جا“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد.
ايضاً، ص 355.

(5) سنڌي، يوسف (2016): ”سنڌي ادب: هڪ سؤ سنڌي اديب، سچائي اشاعت گهر، دڙو.
ايضاً، ص 158.

ايضاً، ص 159.
ايضاً، ص 160.
ايضاً، ص 161.
ايضاً، ص 162.
(6) https://www.sd.wikipedia.org/wiki سيد، ظفر حسن
(7) https://www.enwikipedia/wiki/encyclopedia.sindhiana.
(8) گاڏهي، همسفر (2004ع): ”سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو، سارنگ پبلشنگ هائوس، ڪمرو نمبر 3.
ايضاً، ص 241
ايضاً، ص 247
ايضاً، ص 250
(9) ملاح، مختيار احمد (2021): ”سيد ظفر حسن هڪ مثالي ۽ آدرشي ادبي شخصيت“، (ڇاپو پهريون)، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي.
ايضاً، ص 53
ايضاً، ص 44
ايضاً، ص 48
ايضاً، ص 283
ايضاً، ص 291

باب ٽيون

# ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر

## سياسي سماجي حالتون

ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻي نويسيءَ جو باقاعده آغاز ورهاڱي کان پوءِ ڪيو ۽ مختلف آمريت جا دؤر رهيا ۽ جمهوري دؤر به آيو، جنهن ۾ ظفر حسن ڪهاڻيون لکيون آهن.

جڏهن ظفر حسن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، ان وقت ون يونٽ ۽ پوءِ فوجي دؤر ايوب خان جي حڪومت هئي. ملڪ جي بگڙيل حالتن سبب هن مارشل لا لڳايو. پاڪستاني عوام تي پهريون پيرو فوجي حڪومت قائم ڪئي ويئي هئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته اهو مارشل لا صرف سنڌ لاءِ ئي سخت هو. سياستدانن، اديبن، عالمن ۽ صحافين جي سخت اعتراض ڪرڻ تي جنرل ايوب خان کان ضياءَ الحق تائين سنڌ جي ماڻهن مسئلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيون ۽ ڪميشنون مقرر ڪيون ۽ تعليم جي مسئلي لاءِ به هن هڪ تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي. سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، دانشورن، اديبن، ليکڪن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن پنهنجي مادري زبان سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ مارشل لا جي سخت ترين دؤر ۾ آواز اٿاريو. سنڌي ليکڪن ۽ روزانه اخبارون انسان، عبرت، خادم وطن ۽ رسالو مهراڻ، سهڻي، آرسي، ڌرتي، سارنگ، مهراڻ، گل ڦل سلسلي ۾ ورتل خدمتون وسارڻ جوڳيون ڪين آهن. اها ٻولي جيڪا سيني سنڌين جي شاندار تهذيب تمدن ۽ ثقافت جي صدين کان وٺي آئينه دار رهي آهي ۽ جنهن سنڌ توڙي دنيا کي شاهه، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين عظيم شاعرن ۽ دانشورن کان متعارف ڪرايو. ان کي ايوب شاهي دؤر ۾ سنڌي ٽئين درجي تائين محدود ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو ۽ ان جي مقابلي ۾ اردو کي لازمي قرار ڏنو ويو.

1972ع ۾ جڏهن ملڪ تي پهرين مڪمل جمهوري حڪومت هئي، جنهن جو وزيراعظم هڪ سنڌي هو ۽ اهو دؤر به هڪ لساني ۽ فسادن کي روڪي نه سگهيو. ان کان پوءِ مختلف ٻيا فوجي دؤر ۽ جمهوري دؤر آيا. يحيٰ خان جو دؤر، ڀٽو دؤر ۽ ضياءُ الحق دؤر آيا.

ظفر حسن جي لکڻ واري دؤر جون اهي سياسي سماجي حالتون هيون، جن جو سندس زندگي ۽ ادبي تحريرن تي اثر پيو. سندس تحريرن جي فڪري پس منظر ۾ ان دؤر جي حالتن جا عڪس ملن ٿا.

ظفر حسن آرسي رسالي ۾ ڪهاڻيون لکيون ۽ عوام کي سجاڳ رهڻ جي آگاهي به ڏني آهي. ضياءُ الحق جي دؤر ۾ وڏيرن ۽ پوليس وارن جي ظلم تي ڪهاڻيون ڌرتي رسالي ۾ لکيون آهن.

آرسي ۾ ’ورهيه‘ ڪهاڻي، ڌرتي رسالي ۾ ويندڙ چٽ جا ڏينهن ڪهاڻيون آمريت جي دؤر جي عڪاسي ڪن ٿيون.

ون يونٽ جي دؤر ۾ سنڌ جا پيا قومي ڪارڪن، اديب ۽ دانشور جيڪي تحريڪ ۾ شامل رهيا، انهن ۾ سيد ظفر حسن به شامل رهيو. (اعجاز 2018: 351)

مطلب ته مزاحمتي ادب ان وقت جي اهم ضرورت هو، جنهن جي ذريعي ليکڪن سنڌي قوم جي جذبن جي ترجماني ڪئي، جن ۾ ظفر حسن جو ڪردار پڻ ساراهه جوڳو آهي. ظفر حسن جي لکڻين جي فڪري پسمنظر ۾ سماج جون اهي حالتون هيون. جيڪي هن سماج ۾ ڏٺو، ان کي پنهن سماج جي فردن اڳيان رکيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي فڪر ۽ خيال نمايان آهن. ظفر حسن جي ڪهاڻين جا موضوع مختلف آهن. ون يونٽ جي دؤر ۽ ان کان پوءِ جي دؤر ۾ مختلف واقعن تي ڪهاڻيون لکيون.

ظفر حسن اهو ليکڪ هو، جنهن سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي لڙائي پنهنجي منفرد انداز سان وڙهي. هن سنڌ ۽ سنڌي قوم کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ان وقت جي سامراجي قوتن خلاف قلمي جهاد ڪيو. گڏوگڏ هن مختلف قسمن جي ڦورو ٽولن مثلاً وڏيرن، سماج جي لالچي ماڻهن ۽ پوليس جي ڦهري ڪاررواين، ٺڳن وغيره خلاف پڻ مزاحمت ڪئي. بقول يوسف سنڌيءَ جي ته:

> ”سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسڪين ۽ پيڙهيل طبقن، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا، تمدن ۽ ثقافت کي وڏي نمايان اهميت آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي اڻ برابري، نفسياتي موضوعن ۽ اجاين ريتن رسمن جي خلاف درس ڏنو ويو ۽ هن

پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌيت، سائنسي سوشلزم، سماجي انقلاب ۽ آزاديءَ جو وڏي واڪي پرچار ڪيو آهي.”(سنڌي، 2016: 158)

سندس ڪهاڻين تي نظر وجهبي ته انهن ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون انهيءَ سماجي فڪر جي ترجماني تي مشتمل نظر اينديون، جنهن ۾ سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ واقعن، سنڌي سورمن جا ڪارناما، سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي اجاگر ڪرڻ جو سماجي فڪر ۽ مقصد نمايان نظر ايندو. اديب جي تخليقن ۾ زندگيءَ سان لاڳاپيل ماحول جون روايتون ۽ توهمات جو ذڪر شامل هوندو آهي. هو پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي نه صرف انهن کي وائکو ڪندا آهن، پر انهن ظلمن ۽ زيادتين جي خلاف مزاحمت پڻ ڪندا آهن. ظفر حسن جو شمار به اهڙن پرجوش ۽ همدرد ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جن زندگيءَ جي تبديل ٿيندڙ مختلف رجحانن جي پيروي ڪري، سماج جي منفي قدرن ۽ روين کي ادب وسيلي بي نقاب ڪيو. سماجي ڦيري ۽ قومي آجپي لاءِ ادب کان وڌيڪ سهڪاري ذريعو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

ظفر حسن اهو ليکڪ هو، جنهن بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي انهن سڀني سياسي ۽ سماجي تبديلين ۽ محرڪن کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين خلاف نفرت، تعصب ۽ حقارت جو زهر ڦهلائي رهيون هيون. جيئن ته ظفر حسن ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جو اونو رکندڙ اديبن منجهان هڪ هو ۽ هي بنيادي طرح “انسان دوست” هو، ان ڪري هن هر ان پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي، جنهن ۾ سنڌين جي حقن جي پائمالي ڪيل هجي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف انهن مسئلن جي نشاندهي ڪئي، پر انهن مسئلن جي پاڙ پٽڻ لاءِ پنهنجي ڪهاڻين وسيلي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ان سان گڏ هن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سيپتا ۾ سچ ۽ سونهن جو هڪ نئون روح ڦوڪيو. هن جاگيرداري نظام جي مدي خارج ويچارن ۽ اڏوهي کاڌل سماجي ۽ معاشي نظام خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندي، نئين انقلابي فڪر کي هٿي وٺرائي، جيڪا ترقي پسند ليکڪ جي خوبي آهي.

ظفر حسن سنڌيت جي فڪر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت اجاگر ڪرڻ لاءِ ۽ پڙهندڙن ۾ قومي شعور جاڳائڻ لاءِ جيڪي ڪهاڻيون لکيون، انهن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

ورهيه: ڪجهه گذريل سال ”ورهيه“ موضوع تي ڪهاڻي لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ شخص جي ذهني ڪيفيت جي عڪاسي ٿيل آهي. ڪجهه گذريل وقت/ ورهيه جيڪي واقعا ۽ حادثا هن سان ٿيا، هڪ واقعو هن کي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ ڪري جيل موڪليو وڃي ٿو ۽ ڪجهه ورهين کان پوءِ هن کي آزاد ڪيو وڃي ٿو. اهو واقعو ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪجهه نه ٿيو، پر پنهنجون گذريل يادون ڇڏي ويو ۽ ٻيو واقعو هن جي چاچي جي مري وڃڻ جي هن کي پوءِ خبر ملي ٿي. ان کي ڏک ٿئي ٿو ۽ هي ان جي گهر وارن سان ملڻ وڃي ٿو. انهن ڪجهه ورهيه گذري ته وڃن ٿا، پر هن جي ذهن تي يادون ڇڏي وڃن ٿا. ليکڪ ظفر حسن ان وقت جي ماڻهن ذهني عڪاسي ڪئي. ان کي جيئن ڏٺو، تيئن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو. ان ۾ تشبيهه به ڏني آهي. گذريل ورهين کي ”وڻ جي وڍڻ کان ڪٽڻ تائين“ ان ماڻهن جي ذهني ڪيفيت کي بيان ڪيو ته وقت گذري ويو، پر پنهنجون يادون ڇڏي ويو. هڪ ٻوٽو ننڍو آهي، پر وقت سان وڏي وڻ ٿئي ٿو، پوءِ هڪ ڏک سان ان کي ڪٽيو وڃي ٿو، پر وڻ کي احساس نه آهن جو هو اظهار ڪري، پرماڻهوءَ کي جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، اهو پنهنجن احساسن ۽ جذبن جو اظهار لفظن ذريعي ڪري ٿو.

ليکڪ سياسي حالتن جي عڪاسي ڪئي. ايوب دؤر هو. سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ تي پابندي هنئي ويئي. ان جي حوالي سان جيڪو ان کي ٻوليءَ جي باري ۾ ڳالهائي پيو، ان کي گرفتار ڪرايو پئي ويو.

هڪ شاگرد جي گذريل ’ورهيه‘ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو وچين طبقي سان تعلق رکي ٿو. وڏيڪ پڙهائي لاءِ وڃي ٿو، پوءِ سياسي حالتن جي ڪري ان کي سنڌي ٻوليءَ جي حمايت ۾ گرفتار ڪري قيد ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري هن کي ۽ سندس گهر وارن کي تڪليفون ڏنيون وڃن ٿيون. هي جيل مان نڪرڻ کان پوءِ هڪ پريس کولي ٿو ۽ هن جا پنهنجا غريب مائٽ هوندا آهن، پوءِ ڏارين مان شادي ڪري ٿو، جيڪي هن کي جيل مان ڇڏرائين ٿا.

ظفر حسن، سنڌي قوم کي سنڌي ٻوليءَ جي قدر ۽ قيمت ڏسڻ لاءِ ۽ انهي ڪسمپرسيءَ واري سوچ مان ڪڍڻ لاءِ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون، ڇاڪاڻ ته هو هڪ قومي سوچ جو مالڪ، انسان دوست ليکڪ هو. سندس ڪهاڻيون جيڪڏهن علمي، ادبي ۽ فني ڪسوٽيءَ تي رکبيون، ته اهي مخصوص فڪري، معاشي، سياسي ۽ معاشرتي ۽ سماجي حالتن جي

اولڙي ۾ لکيل ۽ پڙهندڙن ۾ شعور بيدا ڪندڙ فڪر سان سلهاڙيل، صحتمند ۽ ترقي پسند سوچ جي ترجمانيءَ تي مشتمل ايندين، جن جي ٻولي، سپ ڪجهه سادي ۽ سليس سنڌيءَ تي مشتمل نظر اچي ٿي، انڪري ظفر حسن جي ڪا به ڪهاڻي منجهيل ۽ بي مقصد نه ملندي، بلڪ بامقصد ۽ فڪر انگيز به هوندي آهي.

ظفر حسن هڪ سنجيده ليکڪ هو، جنهن پنهنجي تخليقن ذريعي سنڌي قوم جي آجپي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪئي. پُراثر مزاحمتي ۽ احتجاجي ادب تخليق ڪيو، جنهن جو مقصد عام ماڻهوءَ نئين جاڳرتا جي سوچ بيدار ڪرڻ هو.

## ظفر حسن جي ڪهاڻين جوفڪري پسمنظر

اسان جو سنڌي سماج اهڙن ڪيترن ئي واقعن سان پريو پيو آهي. علم جي ڪمي، اڻچاڻائي ۽ جهالت سنڌي سماج کي زماني جي اعليٰ قدرن کان گهڻو پري رکيو آهي. جيئن ته ليکڪ سماج جو هڪ سوچيندڙ فرد آهي، ان ڪري سماج جي منفي روين ۽ قدرن جو هن تي عام فرد جي برعڪس وڌيڪ اثر ٿئي ٿو. سماج جا اڪيچار مسئلا، ليکڪ جا بنيادي موضوع هوندا آهن. ظفر حسن اهو ليکڪ هو، جنهن طبقاتي نظام جي هر برائيءَ جي ڪهاڻين جو موضوع بنائي، ماڻهن ۾ انهن دشمن قوتن سان ويڙهه ڪرڻ لاءِ شعور جاڳايو، جيڪي سماج کي اندر ئي اندر کائي کوکلو بنائي رهيون هيون، پوءِ اهي چاهي گهريلو هجن يا مذهب يا سماجي هجن يا فرسوده رسم رواج هجن، يا ذات پات جي ويڇا هجن. هن شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي سماج جي هر ڪنهن موضوع کي ڪهاڻين جو ويس ڍڪايو. هن وٽ ٻولي، ثقافتي ۽ سماجي هٿيار هئا، جنهن جي وسيلي هن پڙهندڙن ۾ غير معمولي شعور جون شمعون روشن ڪيون. ظفر حسن پراڻن سماجي روين ۽ ڍانچي کي پوري طرح ختم ڪرڻ لاءِ سياسي شعور بيدار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. سندس ڪهاڻين جو مقصد هڪ اهڙو سماجي انقلاب آڻڻ هو، جنهن ۾ هر انسان جي زندگيءَ ۾ پيار، امن ۽ سلامتي هجي. هو بنياد طور سچ، حق، انصاف ۽ صداقت جو متلاشي هو ۽ هن پنهنجي سڄي ڄمار انهيءَ فڪر جو پرچار ڪندي گذاري.

ظفر حسن جون ڪهاڻيون انهيءَ ڪسوٽيءَ تي بلڪل ڪريون نظر اينديون. سندس ڪهاڻيون پوءِ اهي چاهي قوميت جي رنگ ۾ رڱيل هجن يا ٻولي توڙي زميندار ي ظلم جي خلاف هجن يا سرمائيداري ظلمن جي يا ڪٽي سماجي برائين جي پس منظر ۾ لکيل هجن، يا مڪارين، فريبن تي مشتمل هجن، هڪ ڳالهه جا سيني ڪهاڻين ۾ واضح ملندي، اها آهي ته پاڻ ڪٿي به علامت يا اشارن کان ڪم نٿو وٺي، پر ان جي برعڪس سڌو سنئون مسئلي جي تهه تائين پهچي، سندس بنياد اُکيڙي، ان جو حل ڪڍي ٿو، جنهن لاءِ سندس هي چوڻ هو ته:

اڄ ڏينهن تائين اهڙيون ڪهاڻيون لکيون پئي ويون آهن، جن ۾ ڪنهن سماجي يا سياسي برائيءَ جو احساس پئي ڏياريو ويو آهي. هاڻي اهڙيون ڪهاڻيون لکجن، جن ۾ اهو ڏيکاريو وڃي ته اهڙي برائي يا اهڙي سرشتي کي ختم ڪيو پيو وڃي.

رهيل قرض: هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڏيري جو غريب هاريءَ ڏي ”ڪجهه قرض“ رهيل هوندو آهي ۽ هاريءَ کي فڪر هوندو آهي ته هي قرض ڪٿان لاهيندو. هن وٽ هڪ وؤنٽن جو فصل هوندو جيڪو تيار هوندو آهي، پر اچانڪ آسماني آفت ان تي ڪِرندي آهي. مينهن وسندو آهي، جنهن سان هن هاريءَ جو سڄو فصل تباهه ٿي ويندو آهي. هي هاري مسجد ۾ نماز پڙهندو آهي. هن کي وڏيري جي قرض لهڻ جو فڪر ٿيندو آهي ته هاڻي اهو قرض ڪٿان لاهيندو. هي پٽ کي اسڪول مان ڪڍرائي ڇڏي ٿو ۽ ٻنيءَ تي پاڻ سان گڏ ڪم ڪرائي ٿو، پر اتي به هن کي ڪجهه پئسا ٿين ٿا. هاڻي هن کي فڪر هوندو آهي ته هن وٽ هڪ نياڻي آهي، جنهن تي وڏيرو نظر رکندو آهي. هي هاري مرزو سوچيندو آهي ته هو وڏيري جي چوري ڪري يا واٽ تان ڌاڙو هڻي. هي انهيءَ سوچ ۾ گم هوندو آهي ته هن سان هڪ واقعو ٿيندو آهي، جنهن ۾ سندس پٽ حادثي ۾ مري ٿو وڃي. ان جي عيوض هن کي په ماڻهو هڪ هزار (1000) جو نوٽ ڏيندا آهن. هاريءَ کي پٽ جو ڏک تمام گهڻو ٿيندو آهي، پر هن کي پنهنجي نياڻيءَ جو فڪر به هوندو آهي ته ان کي ڪيئن به ڪري بچائي ۽ قرض لاهي. پوءِ هو اهي پئسا وڏيري کي ڏيئي راتو واهه ان ڳوٺ مان نڪري ويندو آهي. هيءَ ڪهاڻي زميندار جي ظلم ۽ غريب هاريءَ جي هيٺائيءَ جي موضوع تي لکيل آهي.

هن ڪهاڻيءَ مان خبر پوي ٿي ته وڏيرا ڪيترا به ظالم ڇو نه هجن، هن غريب هاريءَ جي الله تعاليٰ جي مدد ڪري ٿو. هاري وڏيري جي ظلم کان به بچي ٿو وڃي ۽ پنهنجو رهيل قرض موٽائي ڏيئي نياڻيءَ کي بچائي ڳوٺ ڇڏي نڪري وڃي ٿو.

ظفر حسن جي ڪهاڻيءَ مان سماج کي سبق ملي ٿو ته جيڪڏهن هاريءَ جا ارادا مضبوط آهن ۽ پنهنجي لاءِ ڪا خاص واٽ اختيار ڪري ٿو، هاري همٿ کان ڪم وٺي ته هيٺو نٿو ٿئي. ظفر حسن جي ڪهاڻين جا ڪردار بهادر آهن. وڏيرو ڪيترو به ظالم ڇو نه هجي، اهو غريب هاريءَ جو ڪجهه به نٿو بگاڙي سگهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ تشبيهه 'وڏيري جي اکين ۾ چمڪ' ڇڻ 'ڪتي جي اکين ۾ چمڪ' شڪار کي ڏسي ايندي آهي ۽ 'عورت' جي تشبيهه 'شڪار' سان ڏني آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عام ٻولي استعمال ٿيل آهي.

مرجهايل گلن جي سوڪڙي: هيءَ شاگرداڻيءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا اسڪول ۾ پنهنجي ماسترياڻي کي هر ڏينهن هڪ گُل ڏيندي آهي، پر اچانڪ هڪ ڏينهن هن جي اسڪول جي موڪل ٿي ويندي آهي. ٻئي ڏينهن جڏهن هي سوپيا ۽ ان جي پيڻ اسڪول وينديون آهن ته کين خبر پوندي آهي ته هن جي مس مارئي اچانڪ گذاري ويئي آهي. هن ڇوڪري سوپيا کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. مس جي قبر تي مائٽن سان گڏجي ويندي آهي، اهو 'گل' رکندي آهي "مرجهايل گلن جي سوڪڙي". هن جي نفسيات تي ان واقعي جو گهرو اثر ٿئي ٿو، جنهن جو اثر ٻار وٺن ٿا. ٻار هڪ ماءُ پيءُ سان پيار ڪن ٿا، پر سماج ۾ استاد جو سٺو رويو ڏسي ٻارن کي ان سان به پيار ٿئي ٿو. هن کي پاڻ اسڪول پڪنڪ تي وٺي وڃڻ، اسڪول ۾ ٻيون سرگرميون ٿين ٿيون، جن ۾ استاد توڙي شاگرد حصو وٺن ٿا. ان دؤران شاگرد توڙي استادن جو هڪ ٻئي سان رابطو ٿئي ٿو، ٻئي هڪ ٻئي جو خيال رکن ٿيون. پر هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻار نفسياتي طور تي ان واقعي جو گهرو اثر وٺي ٿو. ان ٻار جي نفسياتي حالت سڌارڻ ۾ هن جو پيءُ ۽ ماءُ ساٿ ڏين ٿا. وري ان تي سوپيا کي ان جي گهر وٺي ويندا آهن ته واقعو ڇا جي ڪري ٿيو. پوءِ مس جا مائٽ هن کي ٻڌائين ٿا ته هن جي ڏيءَ جي شادي هئي، ان کي نوڪري اچا نه هئي ته ان جو مڱڻو ٿيل هو، پوءِ هن جي مڱيندي جو زور هو ۽ هن جي ڏيءَ کي نوڪري ملي ٿي ته هن جا ساهرا تڪڙ ڪندا آهن ته هاڻ شادي ڪرڻ ۾ دير نه ڪريو. هو

شاديءَ جون تياريون ڪندا آهن، پر هنن وٽ پئسا نه هوندا جو ڌيءَ کي ڏاج ڏين. هن وٽ ڪو ٻيو ذريعه معاش نه هوندو آهي. پيءَ کي نوڪري هئي، اها گهر ۾ خرچ ٿي ويندي آهي. هاڻي نياڻيءَ کي پگهار مليو ته هن مائٽن کي ڏنو. هوءَ چوندي اٿن ته هوءَ هاڻي مائٽن جو ساٿ ڏيندي، پر اچانڪ هن جي ساهرن تڪڙ ڪئي. جنهن ڪري مس نفسياتي مونجهارن جو شڪار ٿئي ٿي. ڪيس اچانڪ بخار ٿئي ٿو ۽ اها مري ويندي آهي. هيءَ ڪهاڻي سماج جي وچين طبقي جي دردن جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ طرف ٻار جي نفسياتي ڪيفيت ۽ احساس ۽ جذبات تي ظفر حسن لکي، ٻئي طرف هڪ اسڪول ماسترياڻي ۽ سندس مائٽن جي احساسن ۽ جذبات جي عڪاسي ڪئي آهي ته چاهي ٻار هجي يا وڏو ٻنهي وٽ احساس ۽ جذبات آهن ۽ منفي ڳالهه جو اثر وٺن ٿا، ۽ ڪهاڻيڪار اهڙن ماڻهن جي سخت مزاحمت ڪئي آهي، جيڪي لالچي آهن. وٽن ڪي به احساس ۽ جذبات نه آهن، اهي مفاد پرست آهن، اهڙن ماڻهن کان پري رهڻ گهرجي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي اهڙن ماڻهن جي ڪردار تان ڪهاڻيڪار ظفر حسن پردو لاهي ٿو، جيڪي لالچ ۾ اچي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي تنگ ڪن ٿا. بجاءِ هن نياڻيءَ جي مدد ڪرڻ جي نوڪري ملڻ بعد ڪيس پريشان ڪن ٿا ته هاڻي شاديءَ ۾ تڪڙ ڪريو. پوءِ هن جا مائٽ ۽ هي پاڻ نفسياتي طور منجهي پوي ٿي ته هڪ طرف مائٽ آهن، انهن جو ساٿ ڏئي يا ٻئي طرف ساهرا آهن، انهن جو ساٿ ڏئي. سماج ۾ اڻ برابريءَ جي ڪري اهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا، جن جي ڪري اهڙا واقعا پيش اچن ٿا. سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري مائٽ اهڙا فيصلا ڪن ٿا، پر اڳتي هلي انهن لاءِ ان جي ايندڙ نسل لاءِ ڪيتريون پيچيدگيون، مشڪلاتون اچن ٿيون، جن تي هو سواءِ روئڻ جي مسئلو حل نٿا ڪري سگهن. ڪهاڻيڪار ظفر حسن انهن ماڻهن جي پنهنجي لفظن ۾ سخت مذمت ڪري ٿو ۽ ٻين ماڻهن کي ائين ڪرڻ کان روڪي ٿو. جيڪي ماڻهو بظاهر ته پنهنجا مائٽ آهن، پر پوءِ وقت اچڻ تي پنهنجو روپ مٽائين ٿا، نتيجي ۾ ٻين مائٽن کي نقصان ٿا ڏين. آخر ۾ سوپيا کي سندس والدين انهيءَ نفسياتي مسئلن مان ڪڍن ٿا ۽ اسها پنهنجي تعليم ٻي مس وٽ مڪمل حاصل ڪري ٿي.

سڳ جي سٽَ: هيءَ ڪهاڻي ظفر حسن سماجي اڻ برابري ۽ رشتو ٽٽڻ جي موضوع تي ڪهاڻي آهي. هڪ غريب يوسف ۽ وڏيري جي ڪهاڻي آهي. پهرين وڏيرو، يوسف کي ڌيءَ ڏئي ٿو، جڏهن يوسف ڳوٺ مان

نڪري شهر روزگار جي تلاش ۾ نڪري وڃي ٿو ته هن جي پويان وڏيرو ان سان رشتيداري ختم ڪري پنهنجي خاندان ۾ ڏيءَ جو سڱ ڏئي ٿو. ان ڪان پوءِ، يوسف شهر مان ڳوٺ موٽي اچي ٿو ته هن کي اها ڏک جي خبر ملندي آهي ته هن جي مڱ جي وڏيري سازش ڪري پنهنجي خاندان ۾ شادي ڪرائي ڇڏي آهي. يوسف کي ٻي ڏک جي خبر ملندي آهي ته هن جي ماءُ به مري ويئي آهي. هاڻي انهن ٻنهي واقعن جو يوسف تي نهايت ئي گهرو اثر ٿئي ٿو، جنهن ڪري يوسف مري وڃي ٿو. وڏيري لاءِ ته سڱ ٽوڙڻ ڪا ڳالهه نه هئي، پر ان کي غريبن جو احساس نه هوندو آهي ته ٻين تي سندس ڪيل فيصلي جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. هو پنهنجي مفاد جي باري ۾ سوچي ٿو.

ڪهاڻيڪار ظفر حسن سماج ۾ ٿيندڙ واقعن ۾ وڏيري جي ڪردار کي بي نقاب ڪيو آهي. اهڙا ڪردار سماج ۾ موجود آهن، جيڪي پنهنجي مفاد/ فائدي لاءِ غريب سان رشتيداري ڪن ٿا ۽ وقت اچڻ تي وري ڦري وڃن ٿا. سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري غريب جو ڪيترو نقصان ٿئي ٿو، جيڪي هي ڄاڻي واڻي ڪن ٿا. غريب ۽ امير رشتيداري ڪري ٿو ته به نقصان ۾ جيڪڏهن رشتو نٿو ڪري ته به نقصان ۾ هوندو آهي.

مالدار طبقي کي هميشه وڌ کان وڌ ڌن هٿ ڪرڻ جي حوس هوندي آهي. شاهوڪارن اڪثر ڪري غريبن ۽ مسڪينن جو استحصال پئي ڪيو آهي ۽ غريب طبقو هميشه پنهنجي حال تي شاڪر هوندو آهي. اديبن هميشه هيٺين طبقي سان همدردي ڏيکاري آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ”اکين مان پاڻي وهڻ“ کي تشبيهه ڏئي ٿو، ”شعلا نڪري“ رهيا هئا. يوسف کي خبر پوي ٿي ته هن جي اکين مان آب جي بدران شعلا نڪري رهيا هئا. مطلب هڪ طرف هن کي ڪاوڙ اچي رهي هئي ۽ ٻئي طرف پنهنجن جي جدائيءَ جو ڏک به ٿئي ٿو، جنهن ڪري هي به وڌيڪ هن دنيا ۾ نٿو جيئي ۽ پنهنجا آسرا ۽ اميدون لاهي ٿو ويهي، هن کي دوست گهڻا دلاسا ڏئي ٿو، پر هي ڪنهن جي به پرواهه نٿو ڪري ۽ مري ٿو وڃي.

عيد جي خرچي: عيد جتي اميرن جي ٻارن لاءِ خوشيون آڻيندي آهي، انهن کي پئسا ملندا آهن، نوان ڪپڙا ۽ ٻيا رانديڪا ملندا آهن، جن جي ملڻ سان ٻارن کي خوشي ٿيندي آهي، اهي خوشيءَ مان نچڻ لڳندا آهن ۽ ٻيون

سرگرميون ڪندا آهن. ٻارن کي عيد يعني عيد جي خرچي به ملندي آهي. انهيءَ پيٽ ۾ غريبن جي مائٽن وٽ هنن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو آهي. اهي ٻارن کي دلاسا ۽ ڪوڙا آسرا ڏيندا آهن. اهي ٻار وڏن ماڻهن جي ٻارن کي ڏسي حسرت ۽ پريشانيءَ ۾ هوندا آهن ته انهن کي به نوان ڪپڙا هجن، جيڪي هي عيد جي ڏينهن پائين ۽ انهن جي وڏن وٽ پئسا هجن جو انهن ٻارن کي خرچي ڏين.

"عيد جي خرچي" سماج ۾ بک ۽ بدحالي جي ڪهاڻي آهي. ساران کي انتظار هوندو آهي ته عيد جو چنڊ نظر اچي ته ٻئي ڏينهن وڏيري جي گهران عيد جي خرچي وٺي اچي، سو رات جو عيد جو چنڊ نظر ايندو آهي. ٻئي صبح جو هن جي گهر عيد جي تياري هوندي آهي. ان جي گهر ۾ ڪجهه مٺيون شيون ٺهنديون آهن. هن جي گهر ۾ ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ ۽ ساران چار ڀاتي ڪردار آهن. ساران جو ڀاءُ عيد نماز پڙهي ايندو آهي ۽ ٻئي ساران ۽ ان جو ڀاءُ ماءُ پيءُ کان موڪلائي وڏيري جي گهر لاءِ نڪري وڃن ٿا. ساران جو خيال هوندو آهي ته هوءَ عيد جي خرچي مان گهڻيون شيون وٺندي. هوءَ انهن سوچن ۾ گم هوندي آهي ۽ سندس ڀاءُ جو خيال ٻئي طرف هوندو آهي. انهيءَ وچ ۾ رستو پار ڪندي اچانڪ هڪ موٽر ساران کي ٽڪر هڻندي آهي، جنهن کي اسپتال وٺي ويندا آهن، پر اها رستي ۾ مري ويندي آهي. ان جون حسرتون ۽ ارمان اتي رهجي وينديون آهن. هو پنهنجي ٻي ڏيانيءَ جي ڪري پنهنجي جان وڃائي ويهندي آهي.

غريبن جي حياتي هن طرح حادثن ۾ ختم ٿي وڃي ٿي:

> "چٽڪاٽ ٿيا، بريڪ لڳي ويا – ٺڪاءُ جو آواز ٿيو ۽ ڪو اڇلجي وڃي پري ڪِريو . . . اسپتال ڪٺائي ويوس، ڪنهن صلاح ڏني." (سيد، 1981ع: 100-101)

هيءَ ڪهاڻي سماج ۾ بک بدحاليءَ جي تصوير آهي. جتي غريبن جا ٻار احساس محروميءَ ۾ هوندا آهن ته انهن وٽ عيد اچي ٿي ته هو ڪا شئي نٿا وٺي سگهن. انهن جي مائٽن جون معاشي حالتون خراب آهن، انهن وٽ ڪو به هُنر يا روزگار نه آهي، جنهن سان هي پنهنجون معاشي حالتون ٺيڪ ڪري سگهن. ٻارن جي نفسيات تي ان غريبي جا خراب/ منفي اثر پون ٿا، جنهن جو هو احساس محروميءَ جو شڪار ٿين ٿا. غريب ماڻهو شادي ته ڪن ٿا پر هي پنهنجون معاشي حالتون نٿا سڌارين، جنهن

جو اثر ٻارن جي نفسيات تي پوي ٿو. ھيءَ ڪھاڻي غريب طبقي جي ماڻھن سان تعلق رکي ٿي.

ليڪڪ ظفر حسن ڪھاڻيءَ ۾ سماجي حالتن جي عڪاسي ڪئي آھي ته ڪيئن غريب ٻار مائٽن وٽ پئسا يا معاشي حالتون ٺيڪ نه ھئڻ ڪري پريشان ٿين ٿا. اھي ٻئي، ٻئي ھنڌ وڏيري جي در تي وڃن ٿا، پر اچانڪ ٻي ڏيانيءَ جي ڪري ھو پنھنجو ھوش حواس وڃائي ويھن ٿا ۽ پنھنجي جان ٻه وڃائي ويھن ٿا. نتيجي ۾ ھڪ واقعو پيش اچي ٿو. غريب جون اھي حالتون ڪھاڻيڪار پنھنجي ڪھاڻيءَ ۾ پيش ڪيون آھن. عيد مسلمانن لاءِ خوشيءَ جو ڏينھن آھي، اتي غريب وٽ اچانڪ واقعو ٿئي ٿو، جنھن جون خوشيون غميءَ ۾ مٽجي وڃن ٿيون.

حياتيءَ جي ٽه رقمي: ھڪ غريب شاگرد جي نفسيات جي ڪھاڻي آھي، جيڪو فرسٽ ڪلاس پاس ھوندو آھي. ھاڻي نوڪريءَ جي تلاش ۾ آھي. ھن وٽ پئسا نه ھوندا آھن. ھي ڪوشش ڪري ٿو ته ڪٿان ٻه پئسا ھٿ ڪري انٽرويو ڏيڻ لاءِ ڪراچي وڃي. پوءِ ھي دوست وٽ ويندو آھي ۽ اڌار سڌار ڪندو آھي، پر ھن کي مدد نٿي ملي. ھو دوستن کان ڪجھه اڌار ڪري نوڪريءَ جي انٽرويو لاءِ ٻئي ڏينھن ڪراچي وڃي ٿو، پر اتي ٻه ھن کي چيو وڃي ٿو ته ھن وٽ ڪا پرچي (سفارش) آھي. ھي چوي ٿو ته ھن وٽ ڪا ٻه سفارش نه آھي، پر ھن وٽ فرسٽ ڪلاس ڊگري آھن. ھن کي پنھنجي قابليت تي اعتماد ھوندو آھي پر پي.اي ھن کي چوندو آھي ته بنا پرچيءَ جي توکي نوڪري نه ملندي. ھتي وڏيرن جي سفارش ھلي ٿي. ھن کان نمبر وار انٽرويو ورتو وڃي ٿو. پوءِ ھن کي خبر پوي ٿي ته وڏيري پنھنجي ماڻھن کي نوڪريءَ لاءِ منتخب ڪيو آھي.

اتان ھي مايوس ٿي موٽي ٿو ۽ وڏيرن کان ھن کي نفرت ٿئي ٿي. اھي ھن جي ڏکي مھل ۾ ڪم نٿا اچن، نه وري دوست ٻه ھن جي مدد ڪن ٿا. ھي ھن سماج ۾ وڏيرڪي نظام جي مذمت ڪري ٿو، جيڪي ھن کان ووٽ وٺڻ اچن ٿا، پر مھل تي ڪم نٿا اچن، نه ڪي دوست ھن جي مدد ڪن ٿا، ھن کي انھن ماڻھن جو اھو رويو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو.

مختيار احمد ملاح "حياتيءَ جي ٽه رقمي" ڪھاڻي بابت لکي ٿو ته:

> "جڻ ھر بيروزگار نوجوان جي ڪھاڻي آھي، جنھن کي حيدرآباد
> کان ڪراچيءَ تائين وقت سر پنھنجي انٽرويو ڏيڻ ٽه رقمي جو

> حساب بڻجي پوي ٿو. هو چوي ٿو ته وقت ۾ مفاصلا طئه ڪرڻ ته حساب جي لحاظ کان قرض ڪري سگهجن ٿا، پر ڪيسا خالي يا پيٽ خالي واري حالت ۾ قرض ڪري نٿو سگهجي.“

مطلب خالي پيٽ هڪ شخص اڏار سڏار ڪري ڪلو ميٽر جو مفاصلو طئه ري نوڪريءَ تي وڃي ٿو، پر ان کي مايوسيءَ کان سواءِ ڪجهه نٿو ملي.

هيءَ ڪهاڻي سماج جي اهڙي فرد جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي نفسيات تي پنهنجي دوستن جو ۽ وڏيرن جي رويي جو خراب اثر ٿئي ٿو، جيڪي هن جي مهل ۾ مدد نٿا ڪن. وڏيرا ووٽ وٺڻ مهل هن وٽ اچن ٿا ۽ ووٽ وٺي هليا وڃن ٿا، پر هن جي نوڪريءَ مهل هن کي ڪونه ٿا سڃاڻن. اهڙن ماڻهن کان هن کي نفرت آهي. اهي بي حس آهن. وڏيرا جن جي دل ۾ غريب جي لاءِ ڪو به احساس نه آهي. اهي وڏيرا ڪراچي ناپاس ماڻهن کي پرچي سفارش جي ڪري نوڪري ڏين ٿا. هن جي دل تي انهن ماڻهن جي لاءِ احساس ۾ جذبات جو خراب اثر ٿيندو. پڙهڻ پڙهائڻ کي جتي سٺو سمجهيو وڃي ٿو ته هڪ فرد پڙهي لکي قوم ۽ ملڪ جي مدد ڪندو، پر وڏيرن جو اهو رويو ڏسي غريب جي پڙهائيءَ تان دل ڪڇي وڃي ٿي. نوڪري ته معاشي حالتن کي سنڀالڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي. هڪ فرد جنهن کي سماج جو سٺو شهري بڻجڻو آهي، ان تي وقت ۽ حالتون ۽ سماج جو ماحول کي ان کي سماج کان پري ڪري ٿو ڇڏي. هڪ فرد معاشي مشڪلاتن جي ڪري پريشان آهي، اهو ملڪ ۽ قوم جي ڪهڙي خدمت ڪندو.

مطلب ليکڪ وڏيرن جي انهي ڪردار کي وائکو ڪري ٿو. سماج جي فرد کي سجاڳ ڪري ٿو. هن جي نظر ۾ انهن ماڻهن جي ڪا به حيثيت نه آهي، جيڪي غريب عوام جي مدد نٿا ڪن، پر انهن کان ووٽ وٺي عوام جا ڪم نٿا ڪن. هڪ ماڻهوءَ جو وقت ۾ پئسو نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ اجايو گذري وڃي ٿو. ان کان سٺو ته هو ڪو ڪم، هُنر يا تجارت ڪري زندگي گذاري.

تکي اُس ٿڌي ڇانوَ: هڪ ماڻهوءَ جي معاشي حالتن جي ڪهاڻي آهي. هڪ غريب ماستر جنهن تي ڇئن گهر جي ڀاتين جي ذميواري هوندي

آهي. پيءُ کي مدي جو بخار آهي، ان لاءِ دوا جا پئسا ڪٿان اچن جو هي ان جو علاج ڪرائي. پاءُ مئٽرڪ ۾ پاس ٿيو آهي. هاڻ ان جي وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ پئسا گهرجن. انهن سڀني مسئلن سبب هو پنهنجو دوست وٽ ويندو آهي، پر ڪٿان به هن کي مدد نه ملندي آهي. هي سوچيندو آهي ته "تکي اُس، ٽڏي چانوَ" کي ڪائي ويئي. مطلب دوستن مان هن کي ڪا به مدد نٿي ملي. پوءِ هي سڄو ڏينهن پاهران اچي سمهي پوي ٿو ته اچانڪ هن جو دوست مشتاق هن کي پنج سؤ رپيا ڏيئي ويندو آهي. وري هن کي سوچ اچي ويندي آهي ته اهي دوست جيڪي هن جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪن ٿا ۽ هن کي محسوس ٿيو ته سندن "بدن تي پرندڙ باهه" تي "ڪنهن ٿڌي پاڻيءَ جو مٽ" اوتي ڇڏيو هجي ۽ هو "ڪاڙهي تتل واٽ" تي هلندي هلندي، "وڻ جي ٿڌي ڇانوَ" هيٺ اچي ويٺو هجي. ان ڪهاڻيءَ مان نتيجو نڪري ٿو ته هي پين جي باري ۾ تڪڙي راءِ ڏئي ٿو. دوست مدد نٿا ڪن پر پوءِ هن کي خبر پوي ٿي ته دوست ئي آهن، جيڪي هن جي ڏکيءَ مهل ۾ مدد ڪن ٿا. ليڪڪ ظفر حسن انهن ماڻهن جي ڪردار بابت پڌائي ٿو ته هڪ دوست ٻئي دوست جي مدد ڪري ٿو ۽ ٻيا دوست به هن جي مهل ۾ ڪم اچن ٿا، پر ڪجهه پريشان حالتون آهن ۽ معاشي حالتن کي سڌارڻ ۾ وقت لڳي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي سماج جي وچين طبقي جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي عڪاسي ڪري ٿي. هيءَ ڪهاڻي ترقي پسند فڪر جي موضوع تي ظفر حسن لکي آهي.

پنهنجو پنهنجو غرض: سماج ۾ هڪ وڏيرو آهي. بظاهر امير آهي. هن وٽ نوڪر چاڪر آهن. بنگلا، ڪارون آهن. هي پنهنجي گهر واريءَ جي ڪجهه مدد ڪري ٿو. هن جو دوست ايم ڊي آهي، ان جي دعوت ڪري ٿو، پر هن جي (گهر واريءَ) کي ڪجهه رقم جي وڌيڪ ضرورت پوي ٿي. اهو هن جي ڪجهه مدد ڪري هن کي هڪ بئنڪ مئنيجر ڏي موڪلي ٿو ۽ چوي ٿو ته هڪ نوجوان (خانداني) آهي، ان کي ڪجهه رقم جي ضرورت آهي پٽ جي پڙهائيءَ لاءِ، ٻن ڌيئرن جي شادي اٿس، ان کي ڪجهه رقم کپي. هن بئنڪ مئنيجر کي چوندو آهي ته تو وٽان وڏا انڊسٽريل قرض کڻن ٿا، انهن کي منٿ ڪري چئو ته هن جي مدد ڪن. پوءِ هي مئنيجر جيڪو بئنڪ جو معمولي ملازم آهي، اهو پنهنجي کيسي مان هن جي گهر واريءَ جي مدد ڪري ٿو، ڇو ته هو بئنڪ جو معمولي ملازم آهي، جيڪو پاڻ قرض نٿو کڻي، پر هن جي پنهنجي خرچ مان هڪ هزار (1000) رپيا

ڏئي ٿو، پر وڏيري نواب حشمت علي خان کي چوي ٿو ان کي مون وٽ موڪلجو، پوءِ ان کي ڏسندو آهي هن جي گهر واري آهي ۽ وڏيرو رڪشا ۾ ويٺل هوندو آهي.

سماج ۾ جتي وڏيرا وڏيرن سان رشتيداري ڪن ٿا، پر انهن جو پويان خيال نٿا رکن. ان جي نياڻيءَ سان ٻيا ڪهڙو سلوڪ رکن ٿا. ان کي پئسا نٿا ڏين ۽ ٻين جي در تي نياڻيءَ کي موڪلين ٿا. اها ٻين کان اڌ رات جو پئسا پيئي وٺي. ليڪ ظفر حسن اهڙن وڏيرن جي ڪردار کي ماڻهن اڳيان بيان ڪيو آهي، جيڪي سڀ ڪجهه هوندي به پنهنجي گهر واريءَ کي ٻين ڏي مدد وٺڻ لاءِ موڪلين ٿا ۽ پاڻ ٻئي طرف لڪي ٿا ويهن. (1975ع: 33 – 44ص)

مطلب ته وڏيرو ٻين کان مدد وٺڻ ۾ ڪو به عيب نٿو سمجهي، پر اهو غلط آهي.

هيءَ ڪهاڻي مٿئين طبقي جي مفاد پرستيءَ واري سوچ جي عڪاسي ڪري ٿي. هيءَ ڪهاڻي ترقي پسند فڪر جي موضوع تي ظفر حسن لکي آهي. هيءَ ڪهاڻي جمهوري دؤر ۾ ظفر حسن لکي آهي.

سوکڙي هڪ تحفو هوندو آهي، جيڪو خوشيءَ جي موقعي تي ڏنو ويندو آهي. شاديءَ ۾ يا ڪنهن جي جنم تي سوکڙي طور تي ڏنو ويندو آهي.

سوکڙي: هڪ تحفو، جيڪو ڪنهن به ڏيئي سگهجي، پر واپس نه ورتو ويندو آهي. اها سوکڙي سونو هار آهي، جيڪو هڪ دوست ٻئي دوست کي شاديءَ ۾ ڏيندو آهي. هاڻي رشيد کي ڳڻتي ٿيندي آهي ته هو دوست جي شاديءَ ۾ هن کي ڪهڙي سوکڙي ڏئي. پوءِ هن جي ذهن ۾ خيال ايندو آهي ته هن وٽ هڪ سونو هار آهي، جيڪو هن جي دوست هن جي شاديءَ ۾ ڏنو هو. هاڻي هو ڪنهن به طريقي سان پنهنجي گهر واريءَ کان اهو هار وٺندو آهي ۽ ٻئي دوست جي شاديءَ ۾ ان کي سوکڙي طور ڏيندو آهي. ائين هن جي دوستي به رهجي ويندي آهي ۽ دوست کي به سوکڙي ملندي آهي.

رشيد کي ڪجهه دوست مشتاق ۽ انور شاديءَ ۾ هڪ سوکڙي ڏين ٿا، وري انور جي ڪجهه عرصي کان پوءِ شادي ٿئي ٿي. رشيد سوچي ٿو ته

انور کي ڪهڙي سوکڙي ڏيان. پوءِ هن کي دوست جي ڏنل سوکڙي ياد اچي ٿي. هو پنهنجي گهر واريءَ سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ انور جي شاديءَ ۾ اها سوکڙي سونو هار ڏئي ٿو، پر انور کي ان جي ڏنل سوکڙي تي حيرت ٿئي ٿي. اسان هن کي سوکڙي ڏني، وري هن رشيد اها سوکڙي مون کي موٽائي ڏني. پر اها سوکڙي نه پر اڌاري ڏنل شئي هئي، جيڪا واپس ڏيئي هن پنهنجو بار ٿي لاٿو، پر ٻئي کي اها ڳالهه نٿي وڻي. پر اها اڌار هئي، پر هن جي پنهنجي خريد ٿيل هجي ها ته ان کي احساس ٿئي ها، ڏيان يا نه.

هيءَ ڪهاڻي وچين طبقي جي عڪاسي ڪري ٿي، جتي ماڻهو هڪ ٻئي کي شاديءَ ۾ سوکڙي ڏين ٿا. ظفر حسن ان سوچ جي عڪاسي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪئي آهي. هڪ دوست ٻئي دوست کي خوشيءَ مان اها سوکڙي ڏئي ٿو، جيڪا ان وقت هن وٽ گهر ۾ هئي.

ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي انهن جاگيردارن، پيرن، وڏيرن ۽ ڪامورن جي منهن تان شرافت جو نقاب لاهي، ڪين وائکو ڪري، سماج جي گهٽيل پيڙهيل طبقي کي عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي نئون سماجي ۽ طبقاتي شعور ڏنو. گڏوگڏ اهو به سمجهايو ته هو صرف پنهنجي مدد پاڻ تحت، منظم ۽ متحد جدوجهد ذريعي ئي پنهنجي مطلوبه زندگيءَ کي حاصل ڪري سگهن ٿا.

هت سندس وڏيرا شاهي ۽ ان جي چاڙتن خلاف لکيل ڪجهه اهڙين ڪهاڻين جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

ويندڙ چٽ جا ڏينهن: هن ڪهاڻيءَ ۾ ظفر حسن ويندڙ چٽ جا ڏينهن هڪ گرميءَ جي موسم کي وڏيري جي ظلم سان تشبيهه ڏني آهي، ”ظلم هڪ ڏينهن ختم ٿيندو“. وڏيري ۽ پوليس جي قهري ڪارروائن کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ وڏيري کي ڪم کان جواب ڏيندڙ پنهون پٽيوالي کي بس ۾ پوليس وارا مارين ٿا. جنهن کي سندس گهر ۾ آڻين ٿا، ان جي اچڻ سان گهر ۾ ماتم مچي وڃي ٿو. هن جو هڪ ياءُ چوندو آهي ته پلاند ونبو. هن جو پيءُ وري هن کي جهلي ٿو ته پوليس طاقت واري آهي ۽ اسان غريب ماڻهو آهي. هيءَ ڪهاڻي وڏيرن ۽ غريب طبقي جي ماڻهن جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪا سماجي اڻ برابريءَ جي ڪهاڻي آهي.

ليڪڪ ظفر حسن سماج ۾ وڏيرن جي ظلم ۽ پوليس جي ڪردار کي واضح ڪيو آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا ۽ ماڻهن تي ظلم ڪن ٿا. پوليس وارا وڏيرن جي چوڻ تي غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين ٿا ۽ انهن ۾ غريب جو احساس نه هوندو آهي. اهي رڳو پنهنجي مفاد لاءِ هڪ ٻئي سان گڏ هوندا آهن. ڇٽ جي ڏينهن کي ظفر حسن تشبيهه ڏني سخت گرم موسم سان، جيئن سخت گرم موسم گذري ويندي، تيئن وڏيرن ۽ پوليس وارن جو ظلم به ختم ٿيندو، هڪ نه هڪ ڏينهن ٿيندو. (سيال، 1986: 36– 46)

گناهه جو ڏڪ (معنيٰ پڙدو): وڏيرو غريب هاريءَ جي ننگ تي نظر رکي ٿو ۽ پوليس وارا ۽ ڪمدار ان جي گناهه کي ڍڪين ٿا ۽ سندس ساٿ ڏين ٿا. غريب جي عزت سان راند ٿا کيڏن ۽ پوليس وارا به هن جو ساٿ ٿا ڏين.

ظفر حسن سماج ۾ پيدا ٿيندڙ هر مسئلي تي ڪهاڻيون لکيون آهن. سماج ۾ ماڻهو بک ۽ بدحالي، سماجي اڻ برابري جي ڪري پريشان آهن، پر ويتر وڏيرا ان غريب تي ظلم ڪن ٿا. وڏيرو بيگناهه ڪولهيءَ کي سازش ڪري ڦاسائي ٿو، پر ٻيا ڪولهي ان ڪولهيءَ کي بچائي ٿر موڪلين ٿا. (سيد، 1981: 33-53)

## ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ فڪري تحريڪون ۽ لاڙا

ننڍي کنڊ ۾ اٿندڙ سماجي تحريڪن جي لهر سماج جي هر شعبي سان گڏ ادب کي پڻ متاثر ڪيو، بلڪ ڪٿي ڪٿي ته ائين ٿيو ته ادب انهن سماجي تحريڪن کي ترقي وٺرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو، ڇو ته ادب ۽ سياست ٻئي سماج جو حصو آهن، ان ڪري انهن تحريڪن سان وابسته سرگرمين جو اثر ادب تي هئڻ اٽل آهي. بقول علي سردار جعفريءَ جي ته:

> "ادب اورتحریک کا اپنے ملک کی قومی اور انقلابی سیاست سے متاثر ہونا فطری عمل ہے، لیکن ادب اور تحریک کو کسی سیاسی جماعت کا آلہ کار نہیں بنایا جا سکتا۔ اگر کوئی سیاسی جماعت اپنے ممبروں پر مشتمل کوئی تنظیم بنائے تو یہ الگ بات ہے۔ اس صورت میں وہ تنظیم اس سیاسی جماعت کے نام سے منسوب

ہوگی۔ پریم چند نے اپنے خطبہ صدارت میں یہ کہا تھا کہ: ادب سیاست کے پیچھے پیچھے چلنے والی حقیقت نہیں بلکہ وہ مشعل ہے جو سیاست کو راہ دکھاتی ہو تو وہ ادب کی انفرادیت اور معاشرے کی اجتماعیت کے رشتے کو ظاہر کر رہے تھے۔" (جعفری، 1994: 61)

مطلب ته ان حوالي سان سنڌي ادب جي تاريخ تي نظر ڊوڙائبي ته ان ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ مواصلاتي نظام جي تيز رفتاريءَ سبب، هن ڪيترين ي سماجي تحريڪن جو اثر قبوليو. ننڍي ڪنڊ ۾ اهي تحريڪون اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ اُڀريون، جنهن مان خاص طور هاري تحريڪ الاٽي تحريڪ جو به ذڪر ڪري سگهجي ٿو.

**هاري تحريڪ الاٽي تحريڪ**

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سماجي سڌارن تحت پڻ ڪيترين ئي تحريڪن جنم ورتو. مثلاً حيدر بخش جتوئيءَ جي حقن ۽ فلاح و بهبود لاءِ قائم ڪيل هاري حقدار تحريڪ، الاٽي تحريڪ، جنهن سنڌي سماج جي مظلوم ۽ مجبور ڪردار هاريءَ جي حقن لاءِ آواز اٿاريو. هن تحريڪ ان وقت وڏيڪ زور پڪڙيو، جڏهن سنڌي هارين کان زمينون ڪسي پارت کان لڏي آيل مسلمانن کي ڪليم ۾ ڏنيون ويون. بقول سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ته:

"هيءَ تحريڪ انهيءَ هلائي ويئي هئي، ته جيڪا به زمين هندو ڇڏي ويا آهن، اها مهاجرن کي الاٽ ڪرڻ بدران سنڌي هارين کي الاٽ ڪئي وڃي، جن جو انهيءَ ۾ پيڙهي به پيڙهي پگهر ۽ رت شامل هو. اها زمين انهن کي ڏني وڃي." (گيانچنداڻي، 2011: 320)

هن تحريڪ پڻ سنڌي ادب، خاص ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين فڪري شعور سان متعارف ڪرايو. پروفيسر محبوب علي چنا جي لفظن ۾ ته:

“ایک انقلابی تحریک بنام “ہاری حقدار تحریک” کا آغاز ہوا۔ ہاری اور مزدور جو فرائض کے بوجھ تلے دبے ہوئے تھے، جسکو ناانصافیاں کھائے جا رہی تھیں، جسکو حق تلفیوں نے دبوچ رکھا تھا ادب کا موضوع بن گیا۔ اس تحریک نے نوجوان نسل کے روشن دماغوں میں ایک نئی کرن بیدار کی اور گلستانِ ادب کی نئی نئی کلیاں انگڑائی لیکر جاگ پڑیں اور وہی ہوا جو ہماری دنیا کی زبان اور ادب میں ہوتا آیا ہے۔ سندھی بھی جدید اشتراکی خیالات و معتقدات سے متاثر ہوئے اور ادب میں وہ نیا موڑ آ گیا جس کو ترقی پسند تحریک کہا جاتا ہے۔ پھر ترقی پسند خیالات پر مبنی شاہکاروں کی بارش ہونے لگی۔” (چنہ، 1972: 61)

انهن حالتن پڻ افسانوي ادب تي پنهنجا اثر مرتب ڪيا. افسانه نگارن انهيءَ موضوع تي پڻ ڪيترائي افسانا لکيا، پر سڀ کان وڏو سياسي بحران ون يونٽ جي قائم ٿيڻ سان ٿيو، جنهن جي سياسي توڙي سماجي سطح تي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويئي، جنهن کان پوءِ سنڌي ادب ۾ قوميت جي لاڙي زور پڪڙيو، جنهن ڪري ”ون يونٽ“ ٽهڻ کان پوءِ قوميت ۽ جديديت جا ادبي فڪري لاڙا ۽ تحريڪون به سنڌي ادب جو حصو بڻجي اڀريون. بقول ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ جي ته:

”سنڌي ڪهاڻيءَ جا فڪري لاڙا مختلف رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته فڪر ڪهاڻيڪار جو پنهنجو آهي، ليڪن جنهن سماج ۾ هو رهي ٿو ۽ جنهن سماجي صورتحال بابت ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ٺاهيو ويو آهي، انهيءَ ۾ گهٽائي ٽڪر، ٽوڙ، ڦٽر، لاهه ڪٽل آهن، جن کي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ ڪهاڻيڪار لاءِ لازمي امر ٿئي ٿو. پوءِ جنهن سماج جا ڪي پول پڌرا ٿين ٿا، ته خود به انهيءَ سماج جو حصو آهي، ٻين سان گڏ سماجي اڻ برابري، ناانصافي، ڏاڍ ۽ ڏمر جو خود به شڪار بڻيو آهي، تنهنڪري لامحالا سندس قلم هڪ رخ اختيار ڪري ٿو. اها نعري بازي هجي، قومي پرستي ۽ ترقي پسند جي تنوار هجي، علامتي اظهار جو تڪرار هجي يا انقلابي نعرا بياني هجي، اها روئيداد سڀني اديبن سان لاڳو آهي. ان ۾ ڪهاڻيڪار گهٽ ۾ گهٽ

تضاد جو مظاهرو ڪري ٿو ۽ وڏ ۾ وڏ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي پلاٽ، ڪردارن ۽ واقعن ڪي مؤثر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو." (صديقي، 2007: 133)

سياسي ۽ سماجي تحريڪن جي اثر کان بچڻ، هڪ عام ماڻهوءَ لاءِ ته مناسب ٿي سگهي ٿو، پر هڪ سجاڳ انسان جو انهن تحريڪن کان متاثر ٿيڻ اٽڙ هوندو آهي. ان لاءِ جو اديب صرف پنهنجي ذات تائين، پنهنجي ذات جو جوهر محدود نٿو رکي سگهي. ادب مٿان ملڪ، معاشري ۽ قوم جي به ذميواري آهي، ان ڪري سندس تخليق ۾ انهن سڀني رجحانن جو عمل دخل شامل هوندو آهي. بقول غلام نبي مغل جي ته:

"اديب ۽ شاعر سماجي، سياسي ۽ تهذيبي تحريڪن ڪي پنهنجي تحريرن سان همٿائيندا آهن." (مغل، 1989: 20-39)

انهن تحريڪن هر قسم جي سياسي توڙي سماجي ظلم ۽ جبر خلاف ڀرپور آواز بلند ڪيو، جنهن جو مثبت اثر ادب تي پڻ رهيو. ليڪڪن ۾ ظفر حسن پنهنجي فن ۽ فڪر سان ان جي ڀرپور حمايت ڪندي مزاحمتي ادب تخليق ڪيو. ليڪڪن ۾ ظفر حسن ظلم ۽ جبر جي ان دؤر جو مختلف تحريڪن جي مدد سان مقابلو ڪيو، جنهن جو مقصد هر قسم جي جبر جو خاتمو هو. بقول شيخ اياز جي ته:

"جبر ڪميونسٽ جو هجي يا بورجوازيءَ جو يا فوجي آمر جو – جبر، جبر آهي. هر سچي اديب ڪي جابر کان نفرت هوندي آهي. ۽ هو انهيءَ فلسفي جي پاڙ پٽڻ چاهيندو آهي، جنهن جي آڙ ۾ جبر ڪيو ويندو آهي." (شيخ، 1986: 170)

مطلب ته ويهين صدي پاڻ سان گڏ وڏا انقلاب ۽ آزاديءَ جون تحريڪون ڪٺي نمودار ٿي، جنهن ۾ ادب جو سماج سان ڪمٽمينٽ جو بنياد پيو. نوان انقلابي لاڙا ۽ علمي قدر ۽ فڪري رجحان ادب جو موضوع بنيا. ليڪڪن ۾ ظفر حسن معاشري سان جانبداريءَ تحت سماج سڌار مقصد ڪي سامهون رکي، ادب تخليق ڪري، عام ماڻهن ۾ شعوري سگهه بيدار ڪرڻ جي لاءِ مڪمل ڪوششون ڪيون. قاضي خادم ويهين صديءَ جي انهن سياسي توڙي سماجي تحريڪ ۽ فڪري تبديلين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

”گذريل صديءَ ۾ دنيا وڏا انقلاب ۽ جنگيون ڏٺيون، ته هندستان ۾ به اهي واقعا ٿنديا ئي سهي پر اهو ثابت ٿي ويو ته جانبدار ادب ئي اهڙن ڏينهن ۾ پيدا ٿيو آهي، جڏهن ڪا هلچل يا تحريڪ آنديون هجن. جيڪڏهن انگريزن جي خلاف تحريڪ نه هلي ها ۽ آخرڪار به ملڪ نه ٿهن ها، ته شايد قرت العين حيدر ”آگ ڪا دريا“ نه لکي ها، نه عبدالله حسين ”اداس نسلين“ لکي ها، نه هاجر مسرور ”انگن“ لکي ها. قاضي فيض محمد به شايد ”جنسار“ نه لکي ها، نه ڪو محمد عثمال ڏيپلائيءَ کي ”سانگهڙ“ جو مواد ملي ها. اياز، فيض ۽ جالب جي شاعريءَ جا رُخ به ٻيا هجن ها.“ (قاضي، 2012: 182)

ٻين ليکڪن سان گڏ ظفر حسن به اهو ادب تخليق ڪيو جو هڪ انقلابي ۽ سماج سڌار جو موضوع ٿهيو، جنهن جو مقصد عوام ۾ سجاڳي ۽ شعور پيدا ڪرڻ هو. ظفر حسن جي ڪهاڻي ”رهيل قرض“، وڏيرن جي ظلم جي عڪاسي ڪري ٿي، جتي وڏيرا، هاريءَ کان ”رهيل قرض“ وٺن ٿا.

گناهه جو ڍڪ: هڪ وڏيري جي گناهه کي ڪمدار ڍڪي ٿو، پردو وجهي ٿو. پنهنجي زمين تي ڪولهيءَ کي رکي ٿو. انهن کان زمين جي پوکيءَ جو ڪم وٺي ٿو ۽ انهن جي ننگ ۾ نظر وجهي ٿو، جنهن ۾ هن جو ڪمدار به هن سان گڏ هوندو آهي ۽ پوليس به هن سان گڏ هوندي آهي. ڪولهي غريب ۽ بک جي ڪري هن وڏيري جي زمين تي ڪم ڪن ٿا، پر انهن کي خبر نه هوندو آهي ته وڏيرا انهن کي ڪنهن چار ۾ ڦاسائي، انهن جي ننگ ۾ نظر وجهندا آهن. انهن جي چال جي غريبن کي خبر نه هوندي آهي. هيءَ ڪهاڻي مارڪسزم جي فڪر تي ڪهاڻيڪار ظفر حسن لکي آهي. غريب ڪولهيءَ کي فڪر هوندو آهي ته هو ڪٿي ڪم ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو ٻارن جو پيٽ پالين ۽ اهي جڏهن وڏيرن جي ٻنيءَ تي ڪم ڪن ٿا ته وڏيرو انهن کي پنهنجي ذاتي مفاد پري پنهنجي چار ۾ ڦاسائي ٿو ۽ سورج جي هٿان چيٽا کي مارائي ٿو ۽ سورج تي الزام هڻي ان کي ڪاٺ ۾ وجهرائي ٿو ته ٻيا ڪولهي سورج کي بچائين ٿا. سورج کي ٿر موڪلي ڇڏين ٿا. ڪمدار وڏيري جي گناهه تي پردو وجهي ٿو. هيءَ ڪهاڻي بک ۽ بدحاليءَ، اميري غريبيءَ جي فرق جي فڪر تي لکيل ڪهاڻي آهي. وڏيرن جو غريبن تي ظلم ڏيکاريو ويو آهي.

غريبن کي هن طرح ڦاسائي ماريو وڃي ٿو:

”وڏنئونس ته بلائتو ڪري؟“ وڏيري پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.
”سائين بنهه بلائتو ڪري, ڳچيءَ ۾ اڌ مٽي پچري ٻڌي پوءِ چڏيوسونس. اسين ڪي پوڪ ته ڪين آهيون.“ مطلب وڏيري جي گناهه ۾ ان جو ڪمدار به گڏ هوندو آهي, جيڪو چالاڪ هوندو آهي.“ (سيد, 1981: 43)

## ترقي پسند فڪر

مطلب ادب ۾ لکڻيون, ڪهاڻيون وڏي طبقي لاءِ لکيون وينديون هيون, پر هاڻي وچولي ۽ گهٽ طبقي لاءِ ادب ۾ ڪهاڻيون لکڻ لڳا. ترقي پسند تحريڪ جي ننڍي ڪنڊ ۾ اچڻ سان هتي وچولي ۽ هيٺين طبقي ۾ سڌارو آيو. ان سان سماجي حالتون تبديل ٿيون, جنهن ڪري ماڻهن کي ادب پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ موقعا مليا, جنهن ڪري عام عوامي موضوع ادب ۾ شامل ٿيا. جن ڪهاڻيڪارن انهن حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي ڪهاڻين جو ويس ڍڪايو, انهن ۾ اياز قادري, شيخ اياز, جمال ابڙو, محمد عثمان ڏيپلائي, رشيد ڀٽي, سراج الحق ميمڻ, امر جليل, نجم عباسي, شيخ حفيظ, غلام رباني, نسيم کرل, طارق اشرف, قاضي خادم, غلام نبي مغل, حميد سنڌي, شمشير الحيدري, زينت چنا, نورالهُديٰ شاهه, عبدالقادر جوڻيجو, ظفر حسن وغيره شامل آهن.

سنڌن ڪهاڻين جا موضوع هڪ پاسي پرمار طبقي (سرمائيدارن ۽ جاگيردارن) جي غريب ابوجهه ماڻهن مٿان ٿيندڙ ظلمن جي نشاندهي ڪن ٿا, پر ٻئي پاسي انهن مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي انهن پرمار قوتن جي ناانصافين خلاف احتجاج کي پڻ بيان ڪن ٿا. ترقي پسند اديبن جو منشور هو ته ڏاڍي هيڻي, غريب, امير, سرمائيدار, مزدور, هاري, زميندار, عورت ۽ مرد, نفسياتي, سماجي اڻ برابري جي ويڇن کي مٽائي غير طبقاتي, سماجي, اخلاقي ۽ معاشي قدرن کي فروغ ڏيئي, هڪ اهڙو صحتمند سماجي, معاشي نظام قائم ڪيو وڃي, جنهن ۾ هر هڪ فرد کي هڪ جيترا سياسي, معاشي ۽ اقتصادي حق حاصل هجن, ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته سنڌي افسانوي ادب شروع کان وٺي ترقي پسند رجحانن جو ترجمان ادب رهيو آهي, جنهن تي ورهاڱي بعد يڪسر ٿيندڙ سياسي ۽

سماجي تبديلين جو اثر گهرو نظر اچي ٿو. مجموعي طور تي اهو چئي سگهجي ٿو، ته ترقي پسند ادب جا فڪري ۽ نظرياتي مقصد ساڳيا هئا، جن جو اظهار ترقي پسند ليکڪن پنهنجي پنهنجي انداز بيان، مشاهدي جي قوت ۽ اسلوب سان پنهنجي تخليقن ذريعي ڪيو.

ظفر حسن ادبي رسالو ’آرسي‘ وليرام ولڀ سان گڏجي ڪڍيو هو، جيڪو فڪري حوالي سان ادب ۾ ترقي پسند فڪر جو ترجمان آهي. هي رسالو جيڪو ظفر حسن سماجي ۽ معاشي حالتن کي مدنظر رکندي وليرام ولڀ سان گڏجي ڇپرايو هو، سماج ۾ سماجي ۽ معاشي حالتون جيئن جيئن سڌرنديون ويون، تيئن تيئن اديبن جي لکڻين ۽ فڪر ۾ تبديلي ايندي ويئي. ان کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف فڪري لاڙن تي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. سماج ۾ جيئن تبديليون ايندي ويون، تيئن ادب ۾ ترقي پسند فڪر وڌندو ويو. سماج ۾ وڏيرن ۽ سرمائيدارن جو طبقو اُڀريو، ٻيو وچولو طبقو وجود ۾ آيو، ٽيون غريب طبقو هي مزدور، هاري، وغيره. جيئن سماجي حالتون ۽ معاشي حالتون مٽيون تيئن ادب ۾ ماڻهن کي روزگار جا موقعا مليا.

ظفر حسن جون سموريون ڪهاڻيون طبقاتي ڪشمڪش ۽ عوامي مسئلن تي لکيل آهن. انهن ۾ ترقي پسند فڪر موجود آهي.

مٿي ڄاڻايل ان دؤر جون حالتون ۽ فڪري لاڙا ظفر حسن جي ڪهاڻين جي فڪري پسمنظر ۾ شامل آهن.

ظفر حسن هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن تي ڪهاڻيون لکيون آهن. وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي موضوع تي ڪيتريون ڪهاڻيون آهن. سنڌي سماج ۾ وڏيرا نوڪري ڪونه ڪندا آهن ۽ پنهنجا ڪم پاڻ نه ڪندا آهن. انهن وٽ وڏن جي دولت هوندي آهي، جنهن تي هي عيش عياشي ڪندا آهن. اهي صرف زميندار ڪندا آهن ۽ هاريءَ کان مفت ۾ ڪم ڪرائيندا آهن، انهن تي ظلم ڪندا، سياست ڪندا آهن. ماڻهن کان ووٽ وٺي اليڪشن ۾ ايندا آهن، ماڻهن کي ڪوڙا دلاسا ڏيندا، اليڪشن کٽي وري ماڻهن کان ڪو حال احوال نه وٺندا آهن ۽ ماڻهن کي اهو يقين آهي ته هي ووٽ وڏيرن کي ڏيندا. هنن جا وڏيرا مسئلا حل نه ڪندا آهن. عام ماڻهو ڪنهن اداري ۾ نوڪري ڪرڻ وڃي ٿو ان کي چيو ويندو آهي ته وڏيري جي ڪا سفارش (پرچي) اٿئي، جنهن تي هي چوي ٿو ته هن وٽ

ڊگريون آهن، پر وڏيري جي پرچي نه آهي. پوءِ هن کي چيو ويندو آهي ته بنا پرچيءَ جي توکي نوڪري نه ملندي. ان جي ڪري عام ماڻهو مايوسيءَ جو شڪار ٿئي ٿو. هي سوچي ٿو ته وڏيرن کي ووٽ ڏيڻ اجايو آهي، جيڪي وقت اچڻ تي ڪم نٿا اچن. ڪو به عام شاگرد پڙهڻ ٿو وڃي ٿو ته ان کي سياسي حالتن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو. ون يونٽ جي دؤر ۾ ملڪ تي ٻين صوبن جا ماڻهو حڪومت ڪن ٿا. وڏيرا ماڻهن کان ووٽ وٺندا آهن، پر هو پنهنجي فيصلا سوچي سمجهي نٿا ڪن ته ٻين يعني عوام جا کهڙا فيصلا ڪندا. ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ اهڙن وڏيرن جو عڪس ملي ٿو، جيڪي مٿي چاڻايل حالت جي عڪاسي ڪن ٿيون. سماج جي وچين طبقي تي ظفر حسن به ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي نمائندگي ڪن ٿيون. ماڻهو پهرين رشتا ناتا ڪن ٿا، جن ۾ سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري لالچ رکن ٿا، پوءِ انهن جا اهي لالچي ڪردار ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيا آهن. هڪ ته عام ماڻهن سان پنهنجائپ جي ڪري رشتو ڪن ٿا، پوءِ ڏاج جي لالچ رکن ٿا يا هڪ عورت کي نوڪري ڪري ان جي نوڪري ملڻ کان پوءِ تڪڙ ڪن ٿا، جنهن ڪري نياڻيءَ جا مائٽ ذهني نفسيات جو شڪار ٿين ٿا ۽ هنن جو ڪو به مائٽ هن جي مالي مدد نٿو ڪري ۽ هن وٽ نوڪري ڪرڻ کان علاوه ٻيو معاشي ذريعو نه آهي، جنهن ڪري ڪمائي نياڻيءَ کي ڏاج ڏين. پنهنجائپ جي ڪري لالچي ماڻهن هن تي زور زبردستي ڪن ٿا ۽ رشتا ٽوڙي ڇڏين ٿا. انڪري ڪنهن جو اچانڪ موت واقع ٿئي ٿو. شادي جتي امير لاءِ خوشي آڻي ٿي، اتي غريب ماڻهوءَ جي گهر ۾ ڏک ۽ مايوسيءَ جو ماحول پيدا ٿئي ٿو. ڪهاڻيڪار ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج ۾ رهندڙ هر طبقي جي موضوع تي ڪهاڻيون لکيون آهن. سماجي اڻ برابري، وڏيرن جو غريب تي ظلم ۽ لالچ ماڻهن جو عام ماڻهن تي ظلم ۽ ڏاڍ ، وڏيرن جو غريبن سان مٿي مائٽي ڪرڻ کان پوءِ ان کي پنهنجي مفاد جي ڪري ٽوڙي ڇڏڻ، ان کان علاوه وڏيرن جو ظلم جيڪو غريب تي ڪيو وڃي ٿو، پوليس جي هٿان هڪ غريب کي ڪنهن سبب جي ڪري مارائي ڇڏين ٿا. انهن تي ڪوڙو ڪيس ناهين ٿا ۽ غريب انهن جو مقابلو نٿا ڪري سگهن، ڇو ته غريب طاقت ۽ پئسي ۾ ڪمزور آهن. وڏيرن وٽ گهڻي طاقت ۽ پئسو آهي، جيڪي پنهنجي ناجائز ڪم لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ پنهنجي گهر جي عورتن کي وڏيرا پئسا نه ڏيندا آهن. پنهنجي عياشين تي پئسا خرچ ڪن ٿا. سماج ۾ ٻيا رهندڙ ٺڳ ڪردار آهن، جيڪي پنهنجي چالاڪيءَ سان عام ماڻهن کي ٺڳين ٿا، پر پهرين هي ماڻهو ٺڳجي وڃن ٿا، پوءِ وري انهن ٺڳن

ڪي پنهنجي سوچ جي ڪري نڳين ٿا ۽ سماج ۾ رهندڙ غريب طبقي تي ظفر حسن ڪهاڻيون لکيون آهن. وڏيرا پنهنجن بنگلن جو خراب تلاءُ (پاڻي) غريبن جي جهوپڙين ۾ موڪلين ٿا ۽ سوچين نٿا ته غريب انهن حالتن کي ڪيئن منهن ڏيندا. وڏن ماڻهن وٽ احساس ۽ جذبات نه هوندا آهن، پر غريب وري غريب ماڻهن جو احساس ڪري ٿو ۽ اهو پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي ذريعي پنهنجن کي بچائي ۽ انهيءَ ڪني تلاءَ کي ڏڪي پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ٿو، جنهن مان خبر پوي ٿي ته غريبن وٽ پئسا نه آهن، پر انهن وٽ احساس، جذبات ۽ سوچ آهي، جنهن ڪري هو پنهنجن جو بچاءُ ڪن ٿا. انهن ڪهاڻين جي ذريعي ظفر حسن هر دؤر جي ماڻهن جي سوچ کي واضح ڪيو ۽ سماج جي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ته هو پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪن ۽ اهي ماڻهو چونڊين جيڪي هنن جا مسئلا حل ڪري سگهن ٿا ۽ سماج ۾ هر هڪ مسئلي تي سوچ ويچار ڪري پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪن. سنڌي سماج ۾ ماڻهو هاري پوڪيءَ جو ڪم ڪندا هئا. ان کان پوءِ شهرن طرفان ماڻهن جو رجحان وڌيو، جتي سرڪاري نوڪريءَ جو رجحان وڌيو ۽ وقت گذرڻ سان انهن کي ڪي حڪومتون نوڪريءَ ۾ رکن ٿيون ۽ ڪي حڪومتون سياسي انتقام جي ڪري ٻي حڪومت ۾ رکيل ماڻهن کي لاهي ڇڏين ٿيون، جنهن ڪري ماڻهن ۾ ذهني ۽ نفسياتي پريشانيون جنم وٺن ٿيون. ان کان علاوه ماڻهن وٽ ڪو به ذريعو معاش نه آهي، جنهن ڪري هو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن ٻارن جو خيال رکي سگهن، ڪو هُنر ڪري هو پنهنجو ذاتي ڪاروبار ڪري سگهن. سرڪاري نوڪريءَ جي پويان رُلي پنهنجو وقت زيان نه ڪن. سنڌي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ مهاجر تجارت ڪن ٿا ۽ پنهنجي ٻارن کي ننڍپڻ ۾ هُنر سيکاري ڇڏين ٿا، جيڪي هن وقت خوشحال قوم ٿي اُڀريا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌي ماڻهو سرڪاري نوڪريءَ جي پويان پنهنجو وقت وڃائي ڇڏين ٿا ته سنڌي ماڻهو جيڪي اصل سنڌ جا رهاڪو آهن، انهن وٽ ڪو به هُنر نه آهي، جنهن جي ڪري هو شهري علائقن ۾، پنهنجي جاءِ نه ناهي سگهيا آهن ۽ سماج ۾ پوئتي پيل قوم آهن. مهاجر قوم جنهن ٻاهران هتي اچي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجا پير ڄمايا آهن، هنن جا ٻار پڙهائيءَ سان گڏ ڪپڙي جي تجارت ڪن ٿا، پر هتان جا اصلوڪا رهواسي صرف پڙهائي ڪن ٿا، پڙهڻ کان سواءِ انهن وٽ ڪو هُنر ۽ ڪو به ڪاروبار جو ذريعو معاش نه آهي، جنهن ڪري اهي پوئتي پيل آهن. سماج ۾ انهن ماڻهن کي پسند نٿو ڪيو وڃي. سماج ۾ انهن ماڻهن کي اهميت ملي ٿي، جنهن وٽ وڏو پئسو آهي، وڏن جي ملڪيت آهي يا سرڪاري نوڪري آهي. سنڌي

سماج ۾ انهن ماڻهن ڪي وڏيڪ اهميت، عزت ۽ مانُ ملي ٿو. ماڻهو به انهن سان رشتا ناتا رکن ٿا. پهرئين دؤر ۾ غريب، غريب سان رشتا ناتا رکندو هو، پر هاڻي انهن ماڻهن ۾ به ترقي پسنديءَ جي ڪري تبديلي آئي آهي. ماڻهن ۾ سوچ فڪر وڌيو آهي. سنڌ ۾ سنڌي سماج ۾ تباهيءَ جو سبب حڪومتي پاليسيون آهن، جنهن ڪري سنڌي ماڻهو نوڪريءَ جي پويان پنهنجون زندگيون گذارين ڇڏين ٿا. سماج جا ماڻهو پنهنجو مال ملڪيتون ٻار جي تعليم تي خرچ ڪن ٿا. سرڪاري ادارن ۾ ايترو خرچ نه آهي، پر خانگي اسڪول ۾ گهڻو خرچ آهي. سماج ۾ ماڻهو پنهنجو خيال نٿا رکن ۽ پنهنجو سڄو خرچ ٻار جي تعليم تربيت تي صرف ڪن ٿا ۽ پوءِ انهن کي نوڪريءَ لاءِ سفارش ۽ پئسي جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪان پوءِ، انهن جي شادين، گهر ۽ سماجي زندگيءَ جا انيڪ مسئلا جنم وٺن ٿا. حڪومتي پاليسين جي ڪري ماڻهن ۾ طبقاتي فرق اڇي ٿو، جيڪو ماڻهن ۾ نفسياتي ۽ ذهني مونجهاري جو سبب بڻجي ٿو. وڏيرن جي طبقي ۾ گهڻو پئسو آهي، زمينون آهن. وچون طبقو نوڪرين ڪان سواءِ انهن وٽ ٻيو ذريعو معاش نه آهي ۽ غريب طبقو جيڪو هاري ۽ مزدور طبقو آهي، هاري جيڪي زميندار جي زمين تي ڪم ڪن ٿا، ڪيئي ظالم وڏيرا انهن کي سندن محنت جو اجورو نٿا ڏين ۽ انهن جي ننگ ۾ نظر ٿا رکن. شهر ۾ ٻيو مزدور طبقو جيڪو ماڻهن جا گهر ٺاهي محنت مزدوري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا. عام ماڻهو شهر ۾ ننڍي اسڪول کولي ڪمائي ڪن ٿا. وڏيري طبقي ۾ اڻ پڙهيل توڙي پڙهيل ماڻهو پنهنجي دولت عياشيءَ ۾ خرچ ڪن ٿا. وچولي طبقي جا ماڻهو نوڪري ڪري ۽ اڌار ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا ۽ غريب طبقو جنهن وٽ ڪجهه نه آهي، انهن جا مائٽ ڪجهه ڪمائي نٿا سگهن ۽ نه انهن وٽ ڪو هُنر آهي. اُهي ۽ انهن جا ٻار احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿين ٿا. غريبن جا ٻار وڏيرن جي ٻارن کي ڏسي انهن ۾ حسرتن ۽ احساس محرومي جو فڪر جنم وٺي ٿو، جيڪو ڪنهن حادثي کي جنم ڏئي ٿو، جنهن ڪري غريب جي گهر ۾ ڏک، مايوسي پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ سچي واقعو جو سوپيا جي نفسيات تي گهرو اثر ٿيندو آهي، پر هن جا والدين هن کي انهيءَ نفسياتي مسئلي مان ڪڍن ٿا ۽ سوپيا ٻي مس وٽ پڙهي ٿي ۽ پنهنجي پڙهائي پوري ڪري ٿي.

ترقي پسند ادب جي تخليق ٿيڻ سان سنڌي سماج ۾ طبقاتي فرق جي فڪر جنم ورتو، جنهن کي ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع

ٻڌايو ۽ سنڌي سماج جي عڪاسي پنهنجين ڪهاڻين ذريعي سنڌي سماج ۾ پيش ڪئي آهي. ترقي پسند ادب جي تخليق سان سماج ۾ اهڙو فڪر شروع ٿيو.

هيئين ڪهاڻين ۾ اهي مختلف فڪر نمايان نظر اچن ٿا:

پنهنجو پنهنجو غرض: هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪردار وڏيرو ۽ ٻي ان جي زال جو ڪردار ۽ ٽيون ۽ چوٿون ڪردار ان جون ٻه ڌيئر آهن. پنجون ڪردار ايم.ڊي هن جو دوست ۽ ڇهون ڪردار بئنڪ مئنيجر جو آهي. هيءَ ڪهاڻي جمهوري دؤر جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏيري جي سوچ کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو بئنڪ مان قرض نٿوونئي، پر هڪ ڳوٺ جي ماڻهوءَ کي پنهنجو سمجهي خيرات وٺي ٿو.

هڪ وڏيرو آهي. ان جي ڌيءَ کي پيڻ جي شاديءَ جو فڪر آهي ته پيڻ جي شادي ڪرائڻي آهي. شاديءَ لاءِ هن کي پئسا گهرجن. هن جو پيءُ هن کي بئنڪ مئنيجر ڏي وڃڻ لاءِ چوندو آهي. اها پاڻ نٿي وڃي، پر پنهنجي ماءُ کي موڪلي ٿي. پوءِ وڏيري اها ڳالهه هڪ بئنڪ مئنيجر کي چوي ٿو جيڪو هن کي پنهنجو مائٽ لڳي ٿو. بظاهر هي وڏيرو نواب هشمت علي خان هڪ زميندار آهي. هن وٽ ڪافي مال ملڪيت آهي. هي هڪ دوست کي دعوت ۾ گهرائي ٿو. ايم.ڊي هن جو دوست جنهن جو نالو محمود آهي. ايم.ڊي محمود وري وڏيري هشمت جي دعوت ۾ اچي ٿو ۽ هن بئنڪ مئنيجر رشيد جو وڏيري سان تعارف ڪرائي ٿو. پر هن ايم.ڊي کي خبر نه هوندي آهي ته هي وڏيرو ۽ مئنيجر پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻين ٿا، جيڪي هڪ ڳوٺ جا رهاڪو آهن. پوءِ هي وڏيرو حشمت علي خان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن بئنڪ مئنيجر کي فون ڪري چوي ٿو:

> ”نه پٽ، ان ۾ ڪا مهربانيءَ جي ڳالهه ڪانهي. تون پنهنجو آهين ۽ خانداني ماڻهو آهين. توکي پنهنجو سمجهي ئي ته فون ڪيو اٿم. اصل ۾ ڳالهه اها آهي ته هڪ ڇوڪرو آهي، خانداني، ڇا پر اعليٰ خانداني. اڄڪلهه ته ٽٽي ٽامٽي پيا جاوا ڪن، پر هي نوجوان نهايت خوددار ۽ شريف آهي ۽ سخت لاچاريءَ هيٺ آهي. تو وٽان گهڻائي انڊسٽريلسٽ قرض کڻن ٿا. انهن کي چئي هن نوجوان جي چڱي چوکي مدد ڪري سگهين ٿو. آئون پاڻ هن جي مدد ڪندو رهندو آهيان، پر هن

پيري هن کي ڳچ رقم ڪپي، جو پيڻ جي شادي ڪرائڻي اٿس.”
(سيد، 1981: 112)

ان ڪان پوءِ هن جي ڳالهه تي هي مئنيجر سوچي ٿو. وري نواب کي کهڙو جواب ڏيان. نواب اڃا ڳالهائي رهيو. پوءِ هي ڪم اچ سياڻ ٽيڻ ڪپي. هن کي ڏاڍي ضرورت آهي. مهل ئي اهڙي آهي. نواب جي ڳالهه ٻڌي هي مئنيجر ان کي ”جي، جي نواب صاحب بلڪل ڪوشش ڪبي آئون حاضر آهيان.“ وري هي مئنيجر سوچي ٿو ۽ نواب صاحب کي چوي ٿو ته، ”نواب صاحب معاف ڪجو ان مهل اوهان سان تفصيل سان نه ڳالهائي سگهيس جو ڪجهه ماڻهو ويٺا هئا. اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي ته آئون پنهنجي پارٽين ڪان ڪو به فيور نه وٺندو آهيان. اهو منهنجو اصول آهي. بس هير ٻڌجي چڪي آهي. اهو منهنجو اصول آهي. مون پنهنجي ايمانداريءَ جي ڌاڪ ويهاريندي ڪيس قائل ڪندي چيو پر نواب صاحب ائين نه سمجهو ته ان سلسلي ۾ آئون اوهان جو حڪم نه مڃيندس. انڪري گذارش آهي ته اوهان دل ۾ نه ڪندا. آئون پنهنجي ڪيسي مان امداد ڪندس. هونئن به مستحق ۽ گهرجائون ماڻهن جي امداد ڪرڻ اسان جو فرض آهي. آئون ڳالهائيندو رهيس. في الحال ته ڪجهه گهٽ رقم آهي هزار ڪن رپيا، پر اوهان سان واعدو آهي ته اڳتي به اهڙن خير جهڙن ڪمن ۾ مدد ڪندو رهندس. آئون ايترو ڳالهائي هاڻي ماٺ ٿي ويس.“ فون جي ٻئي پاسي ڪجهه سانت رهي. منهنجي دل ۾ ان ڪجهه سيڪنڊن ۾ سانت ۾ ويچار جو طوفان لنگهي ويو. ڇا منصوبو اسڦل ٿي ويو، ڇا رقم گهٽ آهي. نواب صاحب ان تي خوش نه ٿيو. اڃا سوچ ۾ هئس ته نواب صاحب جو آواز آيو، ”نه پٽ انصاري تنهنجي وڏي مهرباني. ڏس آئون توکي ڪا تڪليف ڏيڻ نٿو گهران. تون پنهنجو آهي، مون کي تنهنجي خبر آهي. مون حجت رکي توتي ڪم رکيو هو، پر جي بندوبست نٿو ٿي سگهي ته اُلڪو ڪونهي. تون تڪليف نه ڪر.“ نواب صاحب جي لهجي ۾ ڪجهه پنهجائپ هئي. سندس ان لهجي مون کي پشيمان ڪري ڇڏيو. مون نواب صاحب تي هروڀرو شڪ ڪيو هو ته هن ڪو منصوبو سٽيو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ظفر حسن وڏيري جي ۽ بئنڪ مئنيجر جي فون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه ۽ فڪر کي واضح ۽ مثبت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هڪ طرف وڏيري جي ڌيءَ کي پيڻ جي شاديءَ جو فڪر آهي. اها سوچي ٿي ۽ پيءُ کي چوي ٿي، پر پاڻ پئسا وٺڻ نٿي وڃي ۽ ماءُ کي موڪلي ٿي.

وري وڏيرو ۽ ان جي زال بئنڪ مئنيجر وٽ وڃن ٿا. هڪ طرف سندس زال کي موڪلي ٿو ۽ ٻئي طرف پاڻ رڪشا ۾ ويٺو هوندو آهي. وڏيرو هڪ طرف بئنڪ مئنيجر کي پنهنجو مائٽ سمجهي ٿو، ان کي چوي ٿو تو وٽان گهڻا صنعتڪار قرض وٺن ٿا، انڪري هن نوجوان (زال) جي مدد ڪري. هي وڏيرو پاڻ غريبن جي پئسي تي عياشي ڪري ٿو ۽ پنهنجي گهر وارن کي خرچ نٿو ڏئي. انهن کي بئنڪ مئنيجر ڏي موڪلي ٿو ۽ هي مئنيجر هن جي مدد پنهنجن پئسن مان ڪري ٿو، ان ڪري ته هي پاڻ بئنڪ جو ملازم آهي، اهو قرض ڪٿان لاهيندو. هي مئنيجر سوچي ٿو پر وڏيرو سوچي نٿو.

ٻيو ڪردار هڪ بئنڪ مئنيجر جو آهي، جيڪو سرڪاري ملازم آهي. اهو پنهنجي گهر وارن کي ايترو خرچ نٿو ڏئي ۽ هن وڏيري کي ڏسي هن کي سوچ اچي ۽ فڪر ٿئي ٿو ته: ”هن نئين صورتحال مون کي وسوسي ۾ وجهي ڇڏيو، يعني آئون امداد به ڪريان ته مون کي اها به خبر نه پئي پوي ته ڪنهن کي امداد ڏني اٿم. هڪ پل ۾ الڳ الڳ ويچار ذهن ۾ ڊوڙي ويا. هزار رپين جي يڪي امداد، اها به غائبانا طور! مون ته ڪڏهن خيرات ۾ ڏهه رپيا به نه ڏنا هئا. زال البت زڪوات ۽ فطرو وغيره به ڪيندي رهندي آهي ۽ محرم ۽ شب برات ۾ خيراتون ڪندي رهندي آهي. آئون اها سوچي رهيو هوس.“

هڪ بئنڪ مئنيجر آهي، جيڪو بئنڪ ۾ ملازم آهي. اهو سوچي هن ڪڏهن ڪنهن جي مدد نه ڪئي، ڪڏهن به ڏهه رپيا خرچ نه ڪيا آهن. هن جي زال عيد تي خير خيرات ڪندي آهي. محرم ۽ شب برات تي خيراتون ڪندي رهندي آهي. هن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ حيرت ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪنهن کي امداد نه ڏني اٿم. هڪ پل ۾ هن جي ذهن ۾ ڪهڙا ويچار اچن ٿا. يڪدم ۾ هڪ هزار رپين جي يڪي امداد اها به غائبانا طور تي.

> ”وڏيرو وري هن جي خيال کي ٽوڙي ٿو ۽ چوي ٿو ته، ”انصاري، آئون توکي وري فون ٿو ڪريان تيار ڪري تو ڏانهن موڪليانس ٿو. گهرجائو آهي، ڪيئن نه ايندو.“
> پوءِ وڏيرو هن ڏي ان (عورت) کي موڪلي ٿو.
> وري هي مئنيجر سوچي ٿو ته، آئون ان نقطي تي سوچيندو رهيس. هونءَ جي نواب صاحب مون کان هزار رپيا اڌارا به

گهري ها ته ڪيڏي ڏيانس ها، پر ڪير آهي جو اڄڪلهه لکي خيرات ڪندو هوندو. خيرات ڪندڙ ۾ جو خود غرضيءَ جو جزو هوندو آهي، اهو مون تي به حاوي پوڻ لڳو. ماڻهو پنهنجي نالي ۽ عزت لاءِ ڇا ڇا نٿو ڪري. غريبن جو خون چوسي وري غريبن لاءِ خيراتي اسپتال ٺهرائي؛ ان تي پنهنجو نالو رکڻ به ته امير ڪندو آهي. قوم جا لاهه پٽيندڙن جا نالا روڊن تي رکجي سگهن ٿا. ٺيڪ آهي، انهن لکين رپيا خيرات ڪيا، غريبن جي مدد ڪئي، پر اهي لکين رپيا آيا ڪٿان؟ ۽ هاڻي آئون به ترقي ڪري اهڙي حيثيت تي پهچي ويو هوس، جو آئون به گهرجائن لاءِ خيرات ڪري سگهان. آئون نواب صاحب جو ٿورائتو آهيان جو هن مون کي اهڙو احساس ڏياريو. پر هي ته قصو ئي پيو ٿي رهيو هو. آئون حياتيءَ جي پهرين امداد ڪري رهيو هوس، اها به اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ کي. مون فيصلو ڪيو ته نواب صاحب کي همت ڪري صاف صاف چئي ڇڏيندس ته امداد ڪندس پر ان ماڻهوءَ کي سڌو سنئون مون وٽان اچي وٺڻي پوندي. سوچڻ لڳس ته نواب صاحب ڪاوڙجي ته نه پوندو؟ مون تنهنڪري نه ته ڪئي هئي. آئون ته پاڻ پنهنجي کيسي مان پئسا ڏيئي رهيو هوس، پر الائي مون کي هن نوجوان جو ويچار اچڻ لڳو. ڇا ماڻهو حياتيءَ ۾ ايترو مجبور ٿي وڃي ٿو، جو هو اوچي خاندان جو هوندي به ائين امداد جا خيرات ئي آهي، اها وٺڻ تي لاچار ٿئي.“ (سيد، 1981: 120-121)

مطلب ته هڪ طرف هن مئنيجر کي سوچ اچي ٿي هي ڪنهن جي مدد ڪري سگهي ٿو. اهو احساس هن کي وڏيري ڏياريو آهي، جنهن جو هو احسان مڃي ٿو. هي وڏيري هن کان اڌارا وٺي ها ته ٺيڪ پر ڪنهن لاءِ خيرات وٺي ڏيڻ حيران ڪندڙ ڳالهه آهي. پوءِ هي وڏيري سان شرط رکي ٿو ته جنهن کي هي خيرات ڏئي ٿو، ان سان پاڻ روبرو ملندو. ٻئي طرف هن کي وري اهي نوجوان (عورت) جو احساس ٿي رهيو هو ته ڪيترو اوچي خاندان جي هوندي به ائين امداد، جا خيرات ئي آهي، اها وٺڻ لاءِ لاچار ٿئي ٿي، ڇو ته هن جا مائٽ هن جو خيال نٿا رکن. شاديءَ کان پوءِ اهي سمجهن ٿا ته وڏيرو امير ماڻهو آهي، پر وڏيرو اها ذميواري نٿو کڻي، جيڪا هن عورت جا مائٽ هن جي پوئواري نٿا ڪن.

بئنڪ مئنيجر جي ذهن ۾ اوچتو عجيب ويچار آيو. ڪٿي نواب صاحب پاڻ ته پئسا ڪونه وٺي رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو ڪُتو هجي ۽ هن اهي طريقا پئسا ڪمائڻ جا اختيار ڪيا هجن. اهو وچ وانگر ويچار آيو ۽ ذهن تان سڄو بار لهي ويو. آئون نواب صاحب جي چالاڪي سمجهي چڪو هوس.

هيءَ ڪهاڻي جمهوري دؤر ۾ ظفر حسن لکي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند فڪر ملي ٿو. وڏيرو ٻين کان مدد وٺڻ ۾ ڪا عار محسوس نٿو ڪري. وڏيرو سمجهي ٿو هي عوام جي پئسن تي پلجي ٿو ۽ هن جا ٻار ۽ پيءُ به عوام جي پئسن تي پلجن ٿا، پر اها غلط سوچ آهي.

تکي اُس ٿڌي ڇانوَ: دوستيءَ جي موضوع تي ڪهاڻي آهي. هڪ ماستر جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي گهر ۾ چار ڀاتي آهن. هڪ هي ۽ ان جي زال، ٻيو ان جو پيءُ، ٽيون ان جو پاءُ هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار آهن.

هڪ ماستر جو پيءُ بيمار هوندو آهي. ان جي دوا لاءِ هن کي پئسا کپن ۽ ٻيو هن جو پاءُ آهي، اهو امتحان ۾ پاس ٿيندو آهي. پهرين هن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. هن کي وري ٻيو فڪر ٿيندو آهي ته ان جي مٿئين ڪلاس ۾ داخلا ڪرائڻي آهي. هڪ ماستر جا ٻه مسئلا آهن. پوءِ هي سوچي ٿو ته ڪٿان اهو پئسا گڏ ڪري بيمار پيءُ جو علاج ڪرائي. پوءِ هي پنهنجي دوستن ڏي مدد لاءِ وڃي ٿو. پهرين هن کي مايوسي ٿيندي آهي، هن کي دوست "تِکي اُس" وانگر محسوس ٿيندا آهن، پر ڪجهه وقت کان پوءِ هن جا دوست هن جي مدد ڪن ٿا ۽ پيءَ جي بيماريءَ لاءِ هن کي ڪجهه اڌار رقم ڏين ٿا. وري هن کي دوستي "ٿڌي ڇانوَ" وانگر لڳي ٿي، پر پاءُ جو هن کي فڪر ٿيندو آهي. فيل ٿئي ها ته ٺيڪ هو پر هاڻي پاس ٿيو، ان جي وڌيڪ تعليم لاءِ ڪٿان پئسا ايندا. پوءِ هڪ مسئلو هن جا دوست حل ڪندا آهن ته پيءُ جي دوا جا پئسا هن کي ڏين ٿا، پر پاءُ جي لاءِ وڌيڪ پئسن جو بندوبست نه ڪري سگهندا آهن.

مشتاق کيسي ۾ هٿ وڌو. نوٽ ڪڍي، هن جي هٿ تي رکيا.

"معاف ڪجانءِ يار وقت تي ڏيئي نه سگهيوسانءِ. ٻن ٽن دوستن وٽ چڪر لڳايم، سڄو ڏينهن رليو آهيان، نيٺ احمد علي وٽان ملي ويا. ويهه رپيا گهٽ اٿئي. احمد علي وٽ به ايترا پئسا ڪين هئا." (سيد، 1981: 89)

۽ هن کي محسوس ٿيو سندس بدن جي پرندڙ باهه تي ڪنهن ٿڌي پاڻيءَ جو مٺ اوتي ڇڏيو هجي ۽ هو ڪاڙهي تتل واٽ تي هلندي هلندي وڻ جي ٿڌي ڇانوَ هيٺ اچي بيٺو هجي.

هيءَ ڪهاڻي سنڌي سماج جي وچولي طبقي جي عڪاسي ڪري ٿي ته هڪ دوست ٻين دوستن کان مدد وٺندا آهن، جيڪا ترقي پسند فڪر جي ترجماني ڪري ٿي. سماج ۾ اهڙا به ڪردار آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي سوچي مدد ڪن ٿا ۽ انهن جي پاڻ ۾ دوستي برقرار رهي ٿي.

سوکڙي: هيءَ ڪهاڻي ’سوکڙي‘ معنيٰ تحفي جي موضوع تي ظفر حسن لکي آهي، سوکڙي (پنهنجي طرفان ٻئي دوست کي ڏنل تحفو) جيڪا هڪ دوست ٻئي دوست کي شاديءَ ۾ ڏيندا آهن. ڪا شئي يا سونو هار، نقد پئسا، پر هتي اهو هڪ سونو هار هوندو آهي. هڪ ڪردار رشيد آهي، ٻيو ڪردار ان جي زال زرينا آهي، ٽيون ڪردار ان جو دوست آهي انور.

رشيد کي هڪ دوست انور شاديءَ جي دعوت ڏئي ٿو. رشيد کي هاڻي ڳڻتي فڪر ٿيندو آهي. هو آفيس مان گهر اچي پنهنجي زال سان ڳالهه ڪندو آهي ته هن جي دوست جي شادي آهي، هاڻي ان کي تحفي سوکڙي ڏيڻي آهي، پر اها ڪهڙي هجي. پوءِ هن کي دوست وٽان مليل هار جيڪو هن کي دوستن هن جي شاديءَ ۾ ڏنو. پوءِ اهو سوچي پنهنجي زال کي ڪنهن بهاني سان هڪ دفعو درياهَ جي سير تي وٺي ويندو آهي، وري پنهنجي زال کي چوندو آهي ته اها هي سونو هار پائي هلي. پوءِ وري درياهَ تي سندس ڏاڍي تعريف ڪندو آهي. پوءِ ڳالهين ڳالهين ۾ هن کي چوندو آهي ته اسان وٽ هينئر ڪهڙي قيمتي شئي آهي. اها زرينا هن کي چوندي آهي ته هي هار آهي. پوءِ هي رشيد زرينا کي چوندو آهي ته اهو هار اگر گم ٿي وڃي ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو. انڪري هي قيمتي آهي، پر زرينا توکي پسند آهي، انڪري هن کي اهو هار پائڻ لاءِ هن کي روڪي ٿو. ٻئي دفعي هي هار نه پائجانءِ. وري هن جي زال زرينا اهو هار نٿي پائي. پوءِ وري زرينا کي چوندو آهي اگر اها هار سوکڙي نواز کي ان جي شاديءَ ۾ سوکڙي طور ڏين ته پوءِ زرينا هن جي ڳالهه سان متفق ٿي ويندي آهي. پوءِ ٻئي انور جي شاديءَ ۾ اهو سونو هار هن کي سوکڙي طور ڏيندا آهن. پوءِ انور ۽ ان جي زال ٻئي انهن ماڻهن جي طرفان مليل سوکڙيون کولي ڏسندا آهن. ان ۾ هڪ خاص سوکڙي سون جو هار هوندو آهي.

هڪ طرف هڪ دوست ٻئي دوست کي اها سوکڙي طور سونو هار ڏيندو آهي پنهنجي خوشيءَ سان، پر ٻئي طرف هن جي دوست کي اها ڳالهه نٿي وڻي، پر رشيد جو فڪر هوندو آهي. هن دوستي نڀائي وڏو ڪم ڪيو. پوءِ هي سوچي ٿو اها سوکڙي ڪو غريب پاڻ وٽ گهڻي دير تائين نٿو رکي سگهي. يا ته اها سوکڙي وڪڻي ٿو يا ٻئي هنڌ ڏيئي ڇڏي ٿو، پر هن کي پاڻ تي پنهنجي دوست مشتاق فخر ٿيندو آهي ته هن وڏو ڪم ڪيو آهي. مطلب ته هن وڏي ڪوشش ڪان پوءِ اها سوکڙي پنهنجي دوست جي شاديءَ ۾ ڏئي ٿو، پوءِ پاڻ تي پنهنجي دوست فخر محسوس ڪري ٿو. پر هن کي انور حيرت ٿئي ٿي هڪ دوست ڏنل سوکڙي موٽي وري ٻئي دوست ڏني آندي وڃي ٿي، جيڪا صحيح ڳالهه نه آهي.

> "انور جي اچرج جو ڪارڻ اهڙي قيمتي هار جهڙي سوکڙي رشيد وٽان اچڻ جي ڪري نه هو. سندس اچرج جو ڪارڻ هو ته اهو ساڳيو هار، جيڪو هن پاڻ مشتاق کي شاديءَ ۾ ڏنو، هن اهو هار انهن ڏينهن ۾ ڏهه هزار رپين ۾ خريد ڪيو هو. مشتاق کي ڏنل سندس هار جي اها سوکڙي ائين دوستن وٽان ڦري واپس موٽي ملندي، ان جو کيس گمان به نه هو. هونئن به ڪو غريب ڪا سوکڙي گهڻي دير تائين پاڻ وٽ سنڀالي رکي نٿو سگهي، ڇو ته يا ته اها وڪڻي پوندي آهي يا وري سوکڙي ڪري ٻئي هنڌ ڏيڻي پوندي آهي. مشتاق ۽ رشيد وري به ڀاڳوند هئا، جو سوکڙي وڪڻڻ جي لاچاري کان ته بچي ويا." (سيد، 1981: 32)

هيءَ ڪهاڻي وچولي طبقي سان تعلق رکي ٿي، جنهن ۾ هڪ دوست ٻئي دوست کي سوکڙي ڏئي ٿو. چاهي ان کي وڻي نه وڻي، پر جيڪو سوکڙي ڏئي ٿو، ان کي خوشي ٿئي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند فڪر ملي ٿو.

هڪ مرجهايل (خشڪ/سڪل) گل جي سوکڙي: "مرجهايل گلن" جي سوکڙي (خشڪ گل) ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي، هڪ "مرجهايل گل" کي "انسان جي مري وڃڻ" سان ڪهاڻيڪار ظفر حسن تشبيهه ڏني آهي ته ڪنهن هڪ گل مرجهائجي وڃي ٿو. ان جو ايترو احساس نٿو ٿئي، پر هڪ انسان جو ٻئي انسان کان جدا ٿيڻ هڪ وڏو حادثو/ واقعو آهي. هي واقعو هڪ شاگرداڻي سان پيش اچي ٿو. هوءَ اسڪول ۾ پنهنجي مس

ڪي هڪ گل روز ڏيندي آهي، پر هڪ ڏينهن اچانڪ موڪل ٿي ويندي آهي ۽ هي ٻئي ڇوڪريون سوپيا ۽ سنڌيا جيڪي پاڻ ۾ پينرون آهن، ٻئي ڏينهن اسڪول وڃن ٿيون ته سوپيا کي خبر پوندي آهي ته سنڌس مس مارئي اچانڪ گذاري ويئي آهي. پوءِ سوپيا کي سنڌس مس جو ڏک ٿيندو آهي. اها ڳالهه هي پنهنجي گهر وارن سان ڪن ٿيون. پوءِ مس جي گهر وڃن ٿيون ۽ انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ معلومات وٺن ٿيون ته مس ڇا جي ڪري گذاري ويئي. پوءِ اهي مس جي مزار تي ويندیون آهن ۽ سوپيا هڪ مرجهايل گل ان جي قبر تي رکندي آهي ۽ دعا گهرندي آهي.

ظفر حسن ان منظر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

> ”دعا گهرڻ لاءِ هٿ کنياسون ته سوپيا کي الائي ڇا ياد آيو، ڇوڻ لڳي:
> ”بابا ترسو، منهنجو ”گل“ ته رهجي ويو. امان منهنجو گل ته ڪڍي ڏيو.“
> ماٽس پنهنجي پرس مان هڪ ”مرجهايل گل“ سوپيا کي ڪڍي ڏنو. سوپيا اهو گل قبر تي سيني گلن جي وچ ۾ رکي ڇڏيو.“ (ولپ، سيد، 1984: 225)

سماج ۾ جتي استاد ۽ شاگرد جو تعلق اسڪول جي حد تائين محدود رهي ٿو ته اتي شاگردن جو پنهنجي استاد يا مس سان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو واسطو رکي ٿو. اتي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان گڏ شاگردياڻيون ٻين سرگرمين ۾ به حصو وٺن ٿيون، جتي پوءِ تفريق ڪرڻ گڏ وڃن ٿيون، پر اچانڪ هڪ انسان مس هنن سان گڏ هئي اها هاڻي نه رهي ۽ ان جو ڏک ٻارن جي ذهن تي گهرو اثر ڇڏي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته وڏا ته وڏا پر ٻار به ان ڏک جو اثر وٺندا آهن ۽ اظهار ڪن ٿا ۽ هڪ ٻيو واقعو مس کي پهرين پگهار ملي ٿي، اها پنهنجي پهرين پگهار گهر ۾ خرچ ڪري ٿي، پوءِ هن جا ساهرا تڪڙ ڪن ٿا هن جي شاديءَ ۾ تڪڙ ڪيو. هن جو مڱيندو بيروزگار هوندو آهي، پر هن جا ڇوڪري تڪڙ ڪندا آهن، جنهن ڪري مس کي فڪر ٿئي ٿو ته هينئر پئسا خرچ ڪري ڇڏيا، پوءِ هي پنهنجي مائٽ کي وري ڪجهه اڌار رقم ڏئي ٿي هن جي شاديءَ ۾ خرچ ڪن ۽ شادي ٿئي، پر مس کي اچانڪ رات جو بخار ٿئي ٿو، جنهن جي ڪري اها گذاري وڃي ٿي. اهي ٻئي واقعا هڪ ٻئي سان تعلق رکن ٿا، جتي پنهنجا خود غرض ۽ لالچي ماڻهو آهن، اها ڪنهن جي مشڪل ۾ ڪم نه ڪن ٿا اچن پر وڌيڪ

لالچ رکن ٿا ۽ رشتا ٽوڙي ڇڏين ٿا. اتي ٻيا سنڌي ماڻهو هن ڪان سچي واقعي جو حال احوال وٺن ٿا. انهيءَ واقعي کي ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ موضوع طور تي آندو ۽ ان ماڻهن جي مذمت لفظ ذريعي ڪئي.

هڪ واقعو ٻئي واقعي سان جڙيل آهي. ٻارن کي فڪر هوندو آهي ته اهي پڙهي لکي سماج جا سٺا فرد ٿين، پر ٻئي طرف اهڙا واقعا ان جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا، جنهن ڪري ٻار نفسياتي مونجهاري جو شڪار ٿين ٿا. انهن جي احساسن ۽ جذبات تي ڏک جو اثر ٿئي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي نفسيات جي موضوع تي ظفر حسن لکي آهي، جنهن ۾ ٻين مسئلن کي بيان ڪيو ويو آهي. هڪ شاگرد جي نفسياتي حالت آهي، ٻيو مس جي نفسياتي حالت. وڏا ته پنهنجا فيصلا ڪن پر اڳتي هلي ٻارن تي انهن جي فيصلن جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو، جنهن سان ٻارن توڙي وڏن ۾ احساس محرومي جنم وٺي ٿو ۽ اهي ڪو به پاڻ فيصلو نٿا ڪري سگهن. هيءَ ڪهاڻي ترقي پسند فڪر جي ترجماني ڪري ٿي.

”مرجهايل گلن جي سوڪڙي“ ڪهاڻيءَ تي تبصرو ڪندي ادل سومرو لکي ٿو ته:

> ”اها اهڙي ته پرپور احساساتي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڙهندي اکين ۾ آلاڻ سبب منهنجي آڏو لفظ ڏنڌلا ٿي ويا. اها ليکڪ جي وڏي ڳالهه آهي جو هن جي لکڻيءَ ۾ سمايل ڪيفيت جو اثر پڙهندڙ جي دل تي ٿئي ۽ پنهنجي وس ۾ نه رهي.“

مطلب ته ڪهاڻيءَ ۾ اهڙا احساساتي لفظ آهن، جو پڙهندڙ کي به ڏک ٿئي ٿو.

رهيل قرض: هڪ وڏيري جا هڪ غريب هاري مرزي ڏي ڪجهه اڌارا پئسا رهيل هوندا آهن. هاڻي هاريءَ کي فڪر هوندو آهي ته هي اهي اڌارا پئسا ڪٿان آڻيندو. هن جي ڌيءَ جوان هوندي آهي ۽ هڪ پٽ اسڪول ۾ پڙهي ٿو. ان کي چريو چئي اسڪول مان ڪڍرائي وجي مال جي سار سنڀال ڪرڻ لاءِ رکي ٿو. هاڻي هن کي فڪر هوندو آهي ته ڌيءَ جوان نه هجي ها ته پٽ کي ڪڏهن به پڙهائيءَ لاءِ نه ڇڏي ها. انگريزي

پڙهائڻ لاءِ ٽنڊي شهر موڪلڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان ڪري ٻين ڇوڪرن کي ٻه ڇريو ڇئي اسڪول کان ڪيرائي ڇڏي ٿو ۽ انهن کي چوي ٿو وڃي مائٽن جي ٻني ٻاريءَ ۾ مدد ڪن. پوءِ هن کي وري فصل جي لهڻ ۾ ڪجهه اميد هوندي آهي. هي مسيت ۾ نماز پڙهي ٿو ۽ دعا گهري ٿو. ان کان پوءِ پنهنجي ٻنيءَ تي اچي ٿو. هن جو فصل مينهن جي ڪري تباهه ٿي وڃي ٿو. هاڻي هن کي وڏيڪ فڪر ٿئي ٿو. سندس گهر وارن کي خبر هوندي آهي ته ساران تي وڏيري جي اک هئي. پوءِ هاڻي هن کي وڏيڪ ڳڻتي يا فڪر هوندو آهي. سوچي ٿو ڪٿان واٺ تان چوري ڪري يا وڏيري کي ڏاڙو هٽي. پوءِ اهو سوچن ۾ گم هوندو آهي ته اچانڪ هڪ آواز سان هن جي سوچن جو سلسلو ٽٽي ٿو پوي. ان کي چيو وڃي ٿو ته تنهنجي پٽ جو هڪ موٽر سان ٽڪر ٿي پيو آهي. هاڻ ان کي سول ۾ ڪٽي ويا آهن. پوءِ چاچا تون اتي هل. پوءِ هن جو پٽ انهيءَ واقعي ۾ مري وڃي ٿو ۽ اهي ماڻهو هن کي ڪجهه پئسا ڏين ٿا. هن کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو، پر هن کي وري پيو فڪر هوندو آهي، اهو پنهنجي ڏيءَ ساران جو جنهن کي هي هاري مزور بچائي ٿو ۽ هو ڳوٺ ڇڏي نڪري ٿا وڃن. ڪهاڻيءَ جو مطلب ته ڪهاڻيڪار ظفر حسن ڪيئن هڪ غريب هاريءَ جي فڪر سوچ ڳڻتيءَ کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. سندس ڪهاڻي هڪ غريب هاريءَ سان ٿيل وڏيري جي ظلم جو عڪس واضح نظر اچي ٿو ته ڪيئن وڏيرا غريب تي ظلم ڪن ٿا. هيءَ ڪهاڻي سماج جي هيٺين طبقي جي عڪاسي ڪري ٿي، جنهن کي ڪهاڻيڪار ظفر حسن پنهنجي انداز بيان ڪيو ته وڏيرو غڙيب هاريءَ کي قرض ڏئي ٿو ۽ قرض نه موٽائڻ جي صورت ۾ ان جي ننگ ۾ نظر وجهي ٿو. پر هي غريب هاري نماز پڙهي ٿو، ان کي قدرت جي طرف کان مدد ملي ٿي ۽ هن جي ڏيءَ بچي وڃي ٿي. هيءَ ڪهاڻي سنڌي سماج ۾ اشتراڪيت جي دؤر جي عڪاسي ڪري ٿي. ڪيئن وڏيرو غريب هاريءَ تي ظلم ڪري ٿو ۽ وڏيرو پنهنجو پاڻ کي خدا ٿو سمجهي، پر هن کي خبر نه آهي ته هن کان وڏي ٻي به هستي هن دنيا ۾ آهي، جنهن کي وڏي طاقت آهي.

”ڪافي دير تائين ڪمري ۾ خاموشي رهي. وري هنن مان هڪڙو اُٿي آيو ۽ مرزي کي چوڻ لڳو: ”اسين تنهنجو پٽ ته نٿا موٽائي سگهون، ۽ نڪو هن جي موٽ ٿي سگهي ٿي.“ ائين چئي هن پتلون جي هڪ کيسي مان ٻٽون ڪڍيو ۽ ڪجهه نوٽ ڳڻي مرزو جي هٿ تي رکيا: ”هي هزار اٿو چاچا، هاڻي

توهان جي پٽ جي زندگي ته موٽي نٿي اچي سگهي، پر. . .”
مرزو پهرين ته انڪار ڪيو، پر جڏهن هنن تمام گهڻو مجبور ڪيو، ته سوچ ۾ پڙجي ويو. پوءِ اوچتو هن هٿ وڌائي نوٽ ڪڍي ورتا. ڪيس پنهنجو قرض ۽ ساران ياد اچي ٿيا. هاڻ هو پنهنجي عزت بچائي سگهندو. گهڙي ڪن لاءِ هو دينوءَ کي وساري ويٺو.” (سيد، 1981ع: 20)

هن ڪهاڻيءَ مان اهو نُڪتو نڪتو آهي ته ڪيئن هڪ غريب هاري حالتن جو مقابلو اڪيلي سر پاڻ ڪري ٿو ۽ پنهنجي فصل کي ته نه بچائي سگهيو، پر پنهنجي ننگ جي حفاظت ڪري ٿو ۽ وڏيري جو رهيل قرض موٽائي ڳوٺ مان نڪري وڃي ٿو.

شينهن ۽ ڪُئي جي ڪهاڻي: هڪ شينهن سُتو پيو هوندو آهي. اچانڪ هڪ ڪُئو ان جي مٿان ٽپا ڏئي ٿو، جنهن تي شينهن جاڳي پوي ٿو، پوءِ ان ڪُئي کي ڌمڪي ڏئي ٿو ته توکي اڄ نه ڇڏيندس. ڪُئو هن کي منٿ ڪري پنهنجي ڏاڏي جو هن جي پڙ ڏاڏي تي ڪيل احسان ياد ڏياري ٿو. شينهن کي هن ڪُئي تي رحم اچي وڃي ٿو ۽ هن کي ڇڏي ڏئي ٿو. وري هڪ هڪ شڪاري جهنگ ۾ اچي ٿو ۽ شينهن کي ڦاسائي ٿو. پوءِ اهو ڪُئو هن جي مشڪل ۾ هن شينهن جي مدد ڪري ٿو، پر هن دفعي اهو شينهن ڪُئي کي کائي وڃي ٿو. هي ڪُئو هن کي ٻڌائي ٿو ته اها رسي نائلون جي ڌاڳي مان ٺهيل هئي، جنهن ڪُئي جي تيز ڏند ڪُتريو، پر هن جا ڏند مُڏا ٿي ويا، پر هن شينهن کي هن ڪُئي تي رحم نه آيو.

“سندس تيز ڏند گسي گسي مُڏا تي ويا. شينهن سمجهيو ته هاڻِ ڪُئو ڪيس دوکو ڏيئي رهيو آهي. شينهن سڄي ڏينهن ڪان بکيو ويٺو هو. پنجوڙ مان چنبو ڪڍي ڪُئي کي ڪٽي بلائتو ڪيائين، “گهڻو ڪيئي نڳ، پهريان جان ڇڏائي پڄي ويو هئين، هاڻي نه ڇڏيندوسانءِ.” بک ۾ ڪُئو هرڻ جي مثال، ڪٽي وات ۾ وڌائين. ويچارو هڪ گراهه به مس ٿيو.” (سيد، 1967: 68)

بک ۾ ڪُئو هڪ گرهه وانگر شينهن کي لڳو، جيڪو هن وات ۾ وڌو.

پنجوڙ ڪُئي جي ڪترڻ کان واقعي زور هئي ۽ سندس ذرو به ڏوهه ڪونه هو، پنجوڙ نائلون جي ڌاڳي مان ٺهيل هئي.

مطلب ته رسي سخت هئي، جيڪا ڪُئي جي ڪُترڻ ڪان وڏي هئي، پر ڪُئي جو ڏوهه به نه هو، پر ڪُئي کي اها نيڪي ڏاڍي مهانگي پيئي. هڪ جانور ٻئي جانور جي ڏکيءَ مهل ۾ مدد ڪري ٿو، پر ٻيو ان کي ئي ڏوهي ٿو سگهجي ۽ ان کي ڳڙڪائي وڃي ٿو. هيءَ علامتي ڪهاڻي آهي. پورهيت يا لاچار طبقو جڏهن بيوس ٿي وڃي ٿو ته سندس طاقت ختم ٿئي ٿي. مٿيون طاقتور طبقو ان کي ڳڙڪائي وڃي ٿو. ترقي پسند فڪر تي ظفر حسن ڪهاڻيون لکيون آهن.

باندر ۽ ٻلين جي جديد ڪهاڻي: هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ باندر ۽ به ٻليون آهن. اڇي ٻلي ۽ ٻي ڪاري ٻلي – ٻئي کاڌي جي تلاش ۾ هونديون آهن، پر هر جاءِ تي کاڌو هنن کي گهٽ ٿو ملي. اڇي ٻلي سوچي ٿي ته پهرين کاڌو گهٽو هوندو هو، پر هاڻي ماڻهن جي گهر مان گهٽ نظر اچي ٿو. پوءِ ان کي خبر پوي ٿي ته هڪ گهر ۾ مٺو ڪيڪ آهي. ان جاءِ تي وري ٻي ٻلي ڪاري اها هن اڇي ٻليءَ سان گڏ ٿي ۽ ٻئي ٻليون ان ڪيڪ جون حقدار ٿيون ۽ ٻئي وڙهي پيون. وري انهن فيصلو هڪ باندر کان ڪرايو، پر اهو باندر هنن جو ڪيڪ کائي ويو. وري ڪيئن ان جو ڏاڏو ڪيڪ جا پورا به اڌ ڪرڻ جي ترڪيب سان سڄو ڪيڪ چٽ ڪري ويو هو. ٻئي دفعي وري هن باندر هڪ ساهمي (تارازي) ۾ اها ترڪيب استعمال اهو ڪيڪ اڌ هڪ ساهميءَ ۾ رکيو اهو کائي ۽ ٻئي پاسي رکيو، ان مان اڌ کائيندو ويو. پوءِ هن جي طبيعت خراب ٿيندي ويئي ۽ اهو بيهوش ٿي ويو.”

ڪهاڻيءَ ۾ هن طرح ورهاڱي کي بيان ڪيو ويو آهي:

> ”الائي خدا کي خبر، اسان کي هڪ ڪيڪ ’آزاد بيڪري‘ مان مليو هو، جتي سڀ شيون خالص ڪير، سڄي گيهه، اصلي ميدي ۽ تازن آنن مان ٺهن ٿيون.“ ڪاري ٻليءَ جواب ڏنو. پوءِ باندر اُلٽي ڪئي ۽ بيهوش ٿي ويو.“ (سيد، 1967: 51)

ٻئي ٻليون باندر کان فيصلو ڪرائين ٿيون، پر اهو باندر هنن کي ٺڳي وڃي ٿو، پر وري اهو ساڳيو واقعو هنن سان ٿئي ٿو، جنهن ۾ هي ٻئي ٻليون ان باندر کان بدلو وٺن ٿيون. ان مان اهو مطلب نڪري ٿو ته لالچ جو انجام برو آهي. باندر لالچ ڪئي ۽ انصاف نٿو ڪري، جنهن ڪري مري ٿو ۽ ٻليون پنهنجو فيصلو پاڻ ڪن ٿيون. مطلب ته جتي ٻڌي هوندي، اتي ڪو به جانور ٻئي جانور کي نٿو ٺڳي سگهي، اهو انسان لاءِ اهم سبق

آهي. هيءَ به هڪ علامتي ڪهاڻي آهي، جيڪا انساني حوس لالچ کي ظاهر ڪري ٿي. ننڍي ڪنڊ جو به ساڳي طرح ورهاڱو ڪيو ويو هو.

ڪهاڻيڪار ظفر حسن هن ڪهاڻيءَ ۾ انسان سماج کي جانورن جي علامتي ڪردارن ذريعي ظاهر ڪيو آهي ته ڪيئن ڏاڍو ۽ مٿيون طبقو هيٺين جا حق کائي وڃي ٿو. جانور پنهنجو فيصلو ٻين کان ڪرائين ٿا ته ٻيا پنهنجو فائدو ۽ غرض ڳولين ٿا. نتيجي ۾ جانور کي پاڻ فيصلو ڪرڻو پوي ٿو، جيڪو عام ماڻهن لاءِ سبق آهي.

ڀاڳ ۽ نڀاڳ: ڀاڳ ۽ نڀاڳ جي موضوع تي ڪهاڻي لکي ويئي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏيري ۽ هڪ سرڪاري ملازم جي سوچ کي واضح بيان ڪيو آهي. ڀاڳ جي عام معنيٰ وڏي دولت وارو ماڻهو آهي ۽ نڀاڳو ڪنگال جنهن وٽ هڪ به ٽڪو پئسو نه هجي، اهو نڀاڳو ماڻهو آهي، پر هتي هڪ سوچيندڙ شخص کي ڀاڳ واري سان ڪهاڻيڪار تشبيهه ڏني آهي ۽ بنا سوچي ڳالهه ڪرڻ واري شخص کي نڀاڳو ٿو سمجهي. ٻيو سرڪاري ملازم آهي، جيڪو سوچي ٿو، اهو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيندو آهي ۽ پوءِ عوام جا مسئلا حل ڪري سگهندو آهي.

هڪ وڏيرو آهي، جيڪو هڪ ايڊيٽر/ ليکڪ کي پنهنجي گهر گهرائي ٿو ۽ ٻيو فلم جي ڊائريڪٽر کي پنهنجي گهر گهرائي ٿو. ان کان پوءِ هن کان پريس لڳائڻ جو خرچ پڇي ٿو، ان تي ڪيترو خرچ ٿيندو. بنا سوچي 10 هزارن جو چيڪ هن ليکڪ/ ايڊيٽر کي ڏئي ٿو. ان تي ايڊيٽر سوچي ٿو ته هن وٽ ايترا پئسا ڪٿان آيا جو هو خرچ ڪري ٿو. ايڊيٽر هڪ غريب ماڻهو آهي. هن وڏيري جو عوام جي مسئلن سان ڪو به تعلق نه آهي. هو رڳو پريس لڳارائي ٿو ۽ سنڌي فلم ٺهرائڻ لاءِ ڊائريڪٽر کي گهٽي رقم ڏئي ٿو. هڪ لک پنجونجاهه هزار رپيا. وري ڊائريڪٽر وري حيران ٿي وڃي ٿو. هي عوام جي پئسي سان عيش عياشي ڪري ٿو. ان مان پنهنجي پٽ جي شادي به ڪرائي ٿو، جنهن جي شاديءَ ۾ پنجاهه هزار خرچ ڪري ٿو ۽ هي هر اليڪشن ۾ پارٽيون مٽائي ٿو. هر طرف پريس ۽ فلم لڳائڻ طرف هن جو ڌيان آهي. ٻئي طرف وري هر وري چئي ٿو هو اليڪشن جي چونڊ ۾ ڪامياب ٿي يا نه هو هاڻي ماڻهن جا مسئلا يا ڪو ظلم سرڪار جي اڳيان پيش ڪيو.

> ”اوهان غلط سمجهيو. آءٌ هي مسئلا ۽ تقريرون جو عوام جي آڏو ڪندو آهيان، اهو منهنجو فرض آهي. منهنجو چونڊ ۾ بيهڻ جو مقصد به اهو هوندو آهي ته جيئن اهي مسئلا اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگهان، ته جيئن مسئلا حل ٿي سگهن، پر جيڪڏهن چونڊن ۾ ڪامياب نه ٿيا، ته انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي ته تقريرون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيان يا مضمون نه لکان. منهنجو هڪ سنڌيءَ جي حيثيت سان فرض آهي، ڪو به ظلم يا مسئلو هجي ته ان کي سرڪار جي آڏو پيش ڪريان. چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ يا نه ٿيڻ منهنجو مقصد ڪونهي.“ (سيد، 1981: 72)

مطلب وڏيرو سوچي سمجهي ڳالهائي نٿو. جيڪڏهن هي اليڪشن جي چونڊ ۾ ڪامياب نه ٿيو، اهو اسيمبليءَ ۾ ڪو نه پهچي سگهندو، پوءِ عوام جا مسئلا ڪيئن سرڪار جي آڏو پيش ڪري سگهندو. ظفر حسن وڏيري جي ڪردار کي جيئن ڏٺو، تيئن پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو.

ٻئي طرف سرڪاري ملازم آهي، جيڪو عوام سان سچو آهي ۽ حڪومت جي زبردست مخالفت ڪندڙ آهي. سدائين جيل ۾ هوندو آهي ۽ اهو سياست ۾ اچي ٿو، پر هن کي وڏيرا پنهنجي حڪومت ۾ شامل نٿا ڪن، جيئن هو انهن جي حقيقت عوام جي سامهون نه آڻي سگهي.

> ”هو شخص سرڪار جي زبردست مخالفت ڪندڙ آهي. سدائين جيل ۾ هوندو آهي، پر مجال آهي جو پرواهه هجيس. هو اچي ٿو، سڀ ڪيس ملڻ لاءِ اٿي بيهن ٿا. سڀني دعوتين مان هن جا ئي ڪپڙا پراڻي اسٽائيل جا آهن. اهو ئي جهوني زماني جو سوٽ ۽ چاليهه سال پراڻي ٽاءِ. هو سنڌ جي مشهور هستي آهي. هن جو اخلاق اعليٰ آهي. هن ڪڏهن به ڪو ڪڏو ڪم نه ڪيو آهي. هن ڪڏهن به زبان ڏيئي اسان وانگر ڦرٽي نه ڪاڍي آهي. هن سدائين ظلم جي خلاف جهاد ڪيو آهي. هن جي اڳيان ڪڏهن به ذاتي مفاد نه رهيو آهي. هو رڳو حڪومت جو جذباتي مخالف ڪونهي، هو رڳو گاريون ڏيئي نه ڇاڻي، هن وٽ ظلم جا انگ اکر آهن، ثبوت آهن، هر ظلم جو تفصيل آهي. اهو اسان جو سچو ۽ صحيح معنيٰ ۾ ليڊر آهي، پر اسان نپاڳن ڪڏهن به هن کي چونڊن ۾ ڪامياب

ٽيڻ نه ڏنو آهي. اسين حڪومت جا چمچا، سندس دل ۾ ته عزت ڪندا آهيون،پر ٻاهران حڪومت کي ڏيکارڻ لاءِ گاريون ڏيندا آهن. آءٌ سرندي سرندي هن جي ويجهو پهچان ٿو، ڊپ ٿو ٿئيم ته جي گهڻي دير ڳالهائيندو سانس ته متان منهنجا ئي چمچا ساٿي نه وڃي مٿي ڪن پرين ۽ منهنجا ترا ڪدي ڇڏين.” (سيد، 1981: 69-70)

مطلب هڪ سرڪاري ملازم جيڪو عوام سان سچو آهي ۽ عوام جي مستقبل جي باري ۾ فڪر مند آهي ۽ اهو عوام جي باري ۾ سوچي ٿو ۽ اليڪشن ۾ چونڊ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو پر وڏيرا هن کي حڪومت ۾ شامل نه ڪندا.

ٽيون ڪهاڻيڪار ظفر حسن هن وڏيري جي باري ۾ سوچي ٿو ۽ پنهنجي ماءُ سان اڌوري ڳالهه ڪري ٿو ۽ ان کي هن جي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، پر هي پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهي.

”امان ڪيترا به اسين غريب چو نه سهي، پر آءٌ اهو ڪجهه سوچي سگهان ٿو، جو ٻيو ڪير به سوچي نٿو سگهي. ۽ امان، هي پير، وڏيرا ۽ زميندار ڏاڍا بدنصيب اٿو ۽ جو ڪجهه ڪرڻ ته ٿهيو، پر ڪجهه سوچي به نٿا سگهن. آءٌ خوش نصيب آهيان، آءٌ وڏو ماڻهو آهيان.”

مطلب غريب وٽ سوچ آهي، اهو پنهنجي سوچ سان پنهنجا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو. ڪهاڻيڪار ظفر حسن ترقي پسند فڪر کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ آندو ته جيئن عوام وڏيرن ۽ سرڪاري ملازم جي ڪردار کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهن ۽ ان جي فڪر جي باري ۾ ڄاڻ سگهن ته عوام جو خير خواهه ڪير آهي ۽ عوام سجاڳ رهي.

هيءَ ڪهاڻي ون يونٽ جي دؤر ۾ لکي ويئي آهي. ون يونٽ ٽُٽڻ جو اعلان ٿيو، جمهوريت جا اهڃاڻ به ظاهر ٿيا آهن ۽ سهڻي ۽ ٻين رسالن کي ڊڪليريشن ملي. ان دؤر ۾ هڪ وڏيرو هڪ فلم ٺاهي ٿو ۽ سنڌي ايڊيٽر، ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر کي پنهنجي گهر گهرائي ٿو ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ڪتاب لکڻ کي اهميت ڏئي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ لاءِ ماڻهن کي انعام به ڏئي ٿو. هڪ وڏيري جو ڪردار مثبت ڏيکاريو ويو آهي. ٻئي طرف ان ۾ سوچڻ جي صلاحيت گهٽ اچي ٿي. عوام هن کي ووٽ ڏئي ٿو ته عوام لاءِ

ڪم ڪري، پر وڌيرو اهو پئسو پنهنجي عيش عياشي ۾ خرچ ڪري ٿو. بنا سوچڻ جي اليڪشن ۾ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ جو چوي ٿو. ظفر حسن سندس ڪردار ڪي عوام جي اڳيان آندو آهي.

ڪني پاٽيءَ جو تلاءُ: هيءَ ڪهاڻي غريب ماڻهن جي آهي، جيڪي جهوپڙين ۾ رهن ٿا. انهن وٽ سٺا گهر ته نه آهن، پر جهوپڙيون آهن، انهن ۾ هي رهن ٿا، جتي اهي وڏيرا بنگلا ناهين ٿا. انهن بنگلن مان ڪنو پاڻي غريبن جي جهوپڙين ۾ اچي ٿو. انهن مان هڪ غريب آهي، جيڪو سوچي ٿو ته اهو ڪنو پاڻي هڪ ڏينهن ختم ڪبو. ٻيا ان کي چريو سمجهندا آهن. پوءِ ان ڪڏ کي ڪنين شين سان پري چڏيندو آهي، جنهن مان ڪنو پاڻي جهوپڙين ۾ ايندو آهي. پوءِ اهو پاڻ مري ويندو آهي. ٻيا هن تي کلندا آهن، پر جڏهن هي مري وڃي ٿو ته انهن ماڻهن کي پوءِ احساس ٿئي ٿو ته هن ماڻهو اسان لاءِگهڻو ڪجهه ڪيو، جنهن جو هو احساس نٿا ڪن. هي ڪني پاٽيءَ جو رخ وڏيري جي بنگلن ڏي ڪري ٿو ۽ پنهنجي غريب ماڻهن جي مدد ڪري ٿو. پوءِ سندس وڃڻ ڪان پوءِ هن جي مائٽن کي احساس ٿئي ٿو ته ڪيئن هن پنهنجي جان ڏيئي ٻين لاءِ سُک ڪيو. پوءِ انهن کي سندس مرڻ جو ڏک ٿئي ٿو.

مطلب ته هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي هيٺين طبقي جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي ته ڪيئن امير پنهنجا بنگلا ناهي غريب جي جهوپڙيءَ ڏانهن گند موڪلين ٿا، پر ان جي پيٽ ۾ غريب ماڻهو غريب ته آهن، پر اهو ڪيئن سوچي سمجهي ان مسئلي جو حل ڳولي وٺن ٿا ۽ ڪني تلاءَ کي ختم ڪن ٿا. وڏيرا سوچين نٿا، ڪنهن جو نقصان به ڪري ويهن ٿا، انهن ۾ احساس ۽ جذبات نه هوندا آهن.

مارڪسي فڪر جو اثر

ويهيني صديءَ جو اجا آغآز ئي ڪو نه ٿيو ته هينري جيمس ( Henry James) پنهنجو مشهور مضمون "The Art of Fiction" لکيو، جيڪو جديد افسانا نگاريءَ جي سلسلي ۾ اهم مجيو وڃي ٿو. هن پنهنجي مضمون ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو ڪهاڻيءَ جي ذريعي به پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي مضمون ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو افسانن جي ذريعي به پيش ڪيو آهي. هن افسانن لاءِ اها تجويز پيش ڪئي ته:

”هر افساني ۾ شعور جو هڪ مرڪزي نقطو هجڻ ضروري آهي، ته جيئن سڄو مواد هم آهنگ ٿي سگهجي.“

انهيءَ نقطي جو بهترين مثال The Portrait of Lady ناول آهي، جنهن ۾ هر وقت ازابيل هڪ اهڙو مرڪز آهي، جنهن سان سيئي واقعا ۽ ڪردار اهڙي طرح ته گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيئن آئيني ۾ ان جو عڪس نظر اچي رهيو هجي. ان ڪان پوءِ جي ناول Ambassadar هڪ نهايت ئي اهم ناول آهي، جنهن ۾ هڪ پوڙهو شخص، جنهن اسٽريچر جي شعور ذريعي قصو پيش ڪيو آهي، پر هينري جيمز جي هيءَ لکت گهڻي مقبوليت حاصل نه ڪري سگهي. سائنس جي ترقيءَ ۽ نوان خيالن ۽ نون نظرين جهڙي طرح سڄي دنيا جي عقيدن ۽ قدرن ۾ تبديلي پيدا ڪئي، اهڙي طرح ان جو اثر هندستان تي به ٿيو. ترقي پسند تحريڪ سان گڏ نئين نسل جي لکندڙن انهيءَ سائنسي ترقيءَ جي زير اثر پراڻا قدر ۽ عقيدا ختم ڪري، نوان قدر تلاش ڪيا. اهو ئي سبب آهي جو سڄي دنيا ۾ اشتراڪيت ۽ مارڪسيت ڏانهن رجحان وڌڻ لڳو. انهن حالتن سان پهرين عالمگير جنگ ڪان پوءِ، اقتصادي بحران ڪميونزم ڪي ڦهلائڻ ۽ مارڪسي رجحان ڪي عام ڪرڻ ۾ زبردست حصو ورتو. اهڙين حالتن ۾ روس ۾ اشتراڪي نظام جي قائم ٿيڻ ڪري، سڄي دنيا انهيءَ اشتراڪيت ڏانهن متوجهه ٿي. جيئن پنڊت جواهر لال نهرو ”سوويت رشيا“ (Soviet Russia) ۾ هڪ صفحي تي لکي ٿو ته:

”سڄي دنيا انهيءَ ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڪي خوف ۽ نفرت وچان ۽ ڪي انهيءَ سرشتي ڪي اختيار ڪرڻ جي اميد ۽ خواهش وچان.“

اهڙي طرح هر پراڻي نظام ۾ پوءِ چاهي اهو اقتصادي نظام هو يا سماجي نظام، مذهبي نظام هو يا اخلاقي، هر نظام اعتقاد ۽ عقيدي تي ختم ٿيندو ويو ۽ پوري دنيا نون نظرين ۽ نون قدرن ڪي تلاش ڪري رهي هئي. انهيءَ وقت روس مارڪسي نظرين ڪي اختيار ڪري، سڄي دنيا ۾ هڪ زبردست نئون تجربو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح بقول هربوٽ مولر اهو فئشنل ادبي رجحان بڻجي ويو.

دراصل انهن ئي حالتن، پراڻن عقيدن ۽ پراڻن قدرن تان اعتماد ختم ٿيڻ جي نتيجي ۾، سڄي دنيا جي اديبن ۽ دانشورن ڪي اشتراڪيت ڏانهن

مائل ٿيڻ تي مجبور ڪيو ھو. جيئن آرتم ڪونسلر "پٿر ڪي ديوتا" ۾ پنھنجي ڪميونسٽ بنجڻ متعلق لکي ٿو، "آءٌ ڪميونسٽ انھيءَ ڪري بڻيس جو آءٌ انھيءَ تبديليءَ لاءِ اڳيئي تيار ھوس. آءٌ ھڪ اھڙي انتشار پذير سماج جو فرد ھوس، جيڪو عقيدي جي تلاش ۾ منجھيل ھو.

اھڙيءَ طرح اشتراڪيت ڏانھن وڌندڙ اھو رجحان، سڄي دنيا جي حالتن جي ضرورت بڻجي ويو، جنھن جو اثر ننڍي کنڊ جي ڪھاڻيڪار تي به ٿيو. ڪھاڻي پنھنجي دؤر جي رجحان ۽ روايتن جي آئينه داري به ڪري ٿو ۽ انساني سماج جي حالتن جي عڪاسي به ڪري ٿو. سنڌي افساني جي فردن جي ذھني مونجھاري ۽ اشتراڪيت جي وڌندڙ رجحمان کي پيش ڪيو آھي.

ھونئن ته سڄي دنيا ۾ آسودگي ۽ بي آرامي ڦھليل ھئي، ڇو ته حل پريشان ڪندڙ ھو ۽ مستقبل غير يقيني – دنيا ۾ معاشي بحران به برپا ھو. دنيا به ھڪ عجيب بيچينيءَ جي حالت ۾ ھئي. انھيءَ ئي زماني ۾ مارڪسي ۽ اشتراڪيت واري نظريي ۾ اديبن کي اميدون نظر آيون. انھن حالتن جو ذڪر پنڊت جواھر لال نھرو پنھنجي ڪھاڻي ۾ صفحي نمبر 141 تي ھن طرح ڪري ٿو:

> "مارڪسٽ جي نظريي ۽ ان جي فسلفي منھنجي ذھن جي گھڻن تاريڪ پھلوئن کي روشن ڪيو. ھاڻي منھنجي نظر ۾ تاريخ جي معنيٰ ئي بدلجي ويئي آھي. مارڪسي نظريي، انھيءَ کي گھڻو روشن ۽ واضح ڪري ڇڏيو آھي ۽ مون کي اھو محسوس ٿيڻ لڳو ته ھي ھڪ ڊرامو آھي، جو گويا بتدريج اسٽيج تي ڪيو پيو وڃي ۽ انھيءَ جي تھه ۾ ھڪ مقصد ۽ نظام موجود آھي. خواھه اھو غير ضروري ڇو نه ھجي. ماضي ۽ حال جي دل کي ڏڪائيندڙ تباھي ۽ بربادي‌ءَ جي باوجود، مستقبل ۾ ھزارين خطرن سان گڏ اميد جي روشني جلوه گر آھي. مارڪسٽ جو پھلو مون کي خاص طور پسند آيو." (خواجه، 2010: 244)

اھڙيءَ طرح اشتراڪيت ڏانھن سڄي دنيا راغب ٿيندي ويئي. انھيءَ جو اثر برصغير تي به ٿيو ۽ گھڻو ڪري مارڪسٽ نظريي ڏانھن مائل ڪھاڻيڪار جي ڪھاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿو. ترقي پسند تحريڪ بنيادي طور

تي مارڪسٽ سان وابسته هئي. انهيءَ ڪري اها به سچي دنيا تي چانئجي ويئي، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻيءَ جو هڪ رجحان اهو به آهي، جنهن موجب ڪن اديبن، طرز اختيار ڪري، روزمرهه جي مسئلن کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بنايو ۽ اهڙي طرح ئي سماجي ناول جي شروعات ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اول ايڇ.جي.ويلز (H.G. Wales) جو نالو اچي ٿو، پر هن جي طرز جي تي جن ماهن عمل ڪيو، اهي يا ته اشتراڪي هئا يا اشتراڪي خيالن کان متاثر ٿيل هئا، جن ۾ روسي ناول نگارن جا نالا اچي وڃن ٿا، جن ۾ شولو خوف جو نالو قابل ذڪر آهي. اشتراڪيت جي لکندڙن ۾ گورڪي جو نالو قابل ذڪر آهي. اشتراڪيت جي لکندڙن ۾ گورڪي جو نالو به اهم آهي. هن کان سواءِ الدس هڪسلي (Aldous Hixley) جي ناولن کي گفتگو وارا ناول چئجي ٿو، جنهن ۾ پلاٽ نالي ماتر هو، پر هڪسلي جي زندگي، انهن روين بابت وضاحت وڏيڪ ڪيل هئي. هو اشتراڪي ته ڪونه هو، پر تڏهن به هن جا ناول انهيءَ طرز جا هئا. (خواجه، 2010: 245)

ظفر حسن جي ڪهاڻي ”پنهنجو پنهنجو غرض“ انهيءَ نموني جو عڪس پيش ڪري ٿي. هڪ وڏيرو عورت کي ڪجهه رقم ڏئي ٿو ۽ پئي بئنڪ مئنيجر ڏي موڪلي ٿو ته هو هن کي ڪجهه رقم وڌيڪ ڏئي ٿو.

ٽن ٺڳن جي ڪهاڻي: ظفر حسن طنز ۽ مزاح جي موضوع تي ڪهاڻي لکي آهي. هڪڙي ننڍڙي شهر ۾ هڪ غريب پاڙي ۾ ٽي ٺڳ رهندا آهن. انهن جو ڪم ماڻهن کي ٺڳڻ آهي، سو پنهنجي ڪم جا ماهر هوندا آهن. هڪ دفعو هڪ همراهه هڪ ٻڪر وٺڻ ويندو آهي. انهن مان هڪ هڪ ڪري هي ٽيئي ان همراهه کي چوندا آهن ته تون ڪاڏي ٿو وڃي. هي انهن کي ٻڌائيندو آهي ته هي عيد تي قربان ڪرڻ لاءِ هڪ ٻڪري وٺڻ ٿو وڃي. پوءِ اهي ٽيئي ٺڳ واري واري سان هن کي چوندا آهن، اسان وٽ ٻڪر آهي، اهو سستو به آهي. تون اسان کان ٻڪري وٺ ۽ پڙيءَ ۾ توکي مهانگي ٻڪري ملندي. اهو همراهه انهن جي ڳالهه سان اتفاق ڪندي اهو ٻڪر وٺي ٿو، پر هن کي اهو ڪتو نظر اچي ٿو، جنهن تي اهي ٽيئي ٺڳ هن کي يقين ڏيارين ٿا ته اهو ڪتو نه آهي، پر ٻڪر آهي، جنهن تي اهو همراهه هي ڪتو وٺي وڃي ٿو. ائين هنن جي ترڪيب ڪامياب ٿي وڃي ٿي. پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو همراهه انهن ٽنهي ٺڳن کي دعوت ڏيئي گهرائي ٿو، جنهن ۾ هي ٽيئي ٺڳ اچن ٿا. دعوت کائي انهن کي وري

ڏک ٿئي ٿو ته اجايو هن کي نڳيوسين. پوءِ هن کان حال احوال وٺن ٿا. پوءِ هي چوندو اٿن ته هي اهائي پڪري آهي، جنهن جي دعوت توهان کائو پيا. اهي ٽيئي بيهوش ٿي ويا آهن. ان مان اهو نقطو نڪري ٿو ته ٻئي کي ٺڳڻ وارو شخص پاڻ به ٺڳجي ويندو آهي.

ٺڳن جي انجام کي ڪهاڻيءَ ۾ هن طرح ظاهر ڪيو ويو آهي:

”هڪڙي ڏينهن ٽيئي ٺڳ هڪ هنڌ بيٺا هئا، ته هڪ شخص وٽن پهتو ۽ چوڻ لڳو، ”ابا دعوت اٿو، اچي اسان وٽان ماني کائي وڃو.“
جڏهن ماني کائي بس ڪيائون ته ڏسن ته سامهون عبدالقدوس بيٺو آهي. ٺنهي جو عبدالقدوس کي ڏٺو ته ڏاڍ ڏک ٿين ته ناحق اهڙي شريف ماڻهوءَ کي نڳيوسون، جنهن هنن جي اهڙي خدمت ڪئي. هڪڙي ٺڳ کي خيال آيو ۽ عبدالقدوس کان پڇڻ لڳو، ”پائو مهينو کن اڳ ۾ تو هڪ پڪري ورتي هئي، ان جو ڇا ٿيو؟“
تنهن تي عبدالقدوس جواب ڏنو، ”تڏهن اوهان ڇا پيا کائو!؟
اهو جواب ٻڌي ٽيئي ٺڳ اتي ئي ڇمي ويا.“ (سيد، 1968ع: 98))

مطلب هڪ چالاڪي ڪري ماڻهو ٻئي شخص کي ٺڳين ٿا پر انهن کي اها خبر نه هئي ته ٻيو شخص به چالاڪ ٿي سگهي ٿو ۽ انهن کي ٺڳي سگهي ٿو. ڪنهن کي به پاڻ کان گهٽ نه سمجهڻ گهرجي. جديد ڪهاڻيءَ جي ذريعي ظفر حسن نئين سوچ ڏني آهي. هيءَ ڪهاڻي ترقي پسند فڪر تي ظفر حسن لکي آهي.

ظفر حسن جي مختلف ڪهاڻين جي باري ۾ علي بابا ڪجهه هن طرح لکيو آهي ته:

”رهيل قرض“ ۾ مون کي سڀ کان وڌيڪ سٺي ڪهاڻي ”ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ“ لڳي. اها ڪهاڻي ماحوليات (Environment) ۽ انساني ڪيفيتن جي عجيب ڪهاڻي آهي، جنهن کي ظفر حسن تمام سهڻي نموني نباهيو آهي، پر مان هتي رڳو ”ياڳ نياڳ“ ۽ ظفر حسن تي ڳالهائيندس. ”ڌاريو“ (Outsider) جي ليکڪ البرٽ ڪاميو پنهنجي ”ڌاريو“ ناول تي هڪ نوٽ لکيو، ”ڌاريو جي جوڙڻ ۾ ٽي ماڻهو داخل هئا، به مرد (جن مان هڪ مان پاڻ هئس) ۽ هڪ عورت – ”ياڳ نياڳ“ ۾ به ڪجهه ائين ئي لڳي ٿو. ان ۾ فقط به ڪردار هڪ ظفر حسن پاڻ آهي ۽ ٻي سندس ماءُ، جا سنڌ ڌرتي آهي.“

## حوالا

1. سنڌي، يوسف (2016ع): ”سنڌي ادب ۾ هڪ سؤ سنڌي اديب“، سچائي يوسف اشاعت گهر، دڙو.
2. قريشي، اعجاز احمد، پروفيسر (2008ع): ”ون يونٽ ۽ سنڌ“، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي.
3. سيد، ظفر حسن، ڊاڪٽر (1981): ”رهيل قرض“، (ڪهاڻيون)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
4. خواجه، نور افروز، ڊاڪلٽر (2010): ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، (ڇاپو پهريون)، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز.
   ايضاً، ص 260
5. سيد، ظفر حسن، ڊاڪٽر (1981): ”رهيل قرض“، (ڪهاڻيون)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
   ايضاً، ص 100-101
6. چنا، محبوب علي، پروفيسر، (1972ع): ”سنڌي ادب ڪي مختلف رجحان“، حيدرآباد، اداره صالح سيريز.
   ايضاً، ص 61
7. جعفري، علي سردار، (1994ع): ”ترقي پسند ادب کا پچاس ساله سفر“، ترتيب: قمر رئيس عاشور قاسمي.
   ايضاً، ص 61
8. گيانچنداڻي، سوڀو، (2011ع): ”سوڀي جون تحريرون“، مرتب: ناز سنائي، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر.
   ايضاً، ص 320
9. منگي، محمد عثمان، (2007ع): ”هڪ قلم هڪڙو مان: حبيب الله صديقي“، حيدرآباد، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم.
10. سيد، ظفر حسن، (1981ع): ”رهيل قرض“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
   ايضاً، ص 90-102
11. ظفر حسن، سيد (1981ع): ”رهيل قرض“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
   ايضاً، ص 43
   ايضاً، ص 20
12. ظفر حسن، سيد (1981ع): ”رهيل قرض“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
   ايضاً، ص 72

باب چوٿون

# ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فني اڀياس

## پلاٽ

پلاٽ ڪهاڻي، ناول يا ڊرامي جو بنيادي جز آهي.

پلاٽ جي لفظي معنيٰ انگريزي - سنڌي ڊڪشنري تان هن طرح ورتي ويئي آهي:

”زمين جو ٽڪر، ناول يا ڊرامي جو پلاٽ، منصوبو، خاڪو، منصوبو سٽڻ، سازش.“ (ميمڻ، 2010: 803)

پلاٽ لفظ جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ سازش، منصوبو آهي. پلاٽ انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

پلاٽ جي وصف آڪسفورڊ لرنرس انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري تان هن طرح ورتي ويئي آهي:

1. واقعن جي سلسليوار بيان کي پلاٽ چيو ويندو آهي، جيڪو ڊرامي، فلم، ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. (2005ع: 1158ص)
2. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهو، هڪ لڪل گروهه منصوبو ٺاهي ٿو، ڪنهن ماڻهوءَ کي نقصان پهچائڻ لاءِ.

انگلش ڊڪشنري ايڊوانس لرنرس ڊڪشنري تان پلاٽ جي وصف هن ريت ورتي ويئي آهي:

1. Plot: The series of events; which from the story about a novel, play, films, movies etc.
2. “A Secret plan, made group of people to do wrong or illegal synpiracy.” (Sally, 2005: 1158)

مثال طور: هڪ عام پلاٽ جنهن تي ڪنهن به جاءِ يا گهر جي اڏاوت ڪرائي ويندي آهي، پر هتي پلاٽ، ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ جي پنهنجي اهميت آهي. پلاٽ ڪهاڻيءَ جو اهم جزو يا حصو آهي، جنهن تي ڪهاڻيءَ جو

بنياد آهي. پلاٽ جي معنيٰ ’سازش‘ آهي. انڪري ڪهاڻيءَ ۾ ڪو واقعو پيش ڪيو وڃي ٿو ته پهرين ان جو خاڪو پيش ڪيو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ، ڪردار، ٻولي، اسلوب اهي سڀئي جزا شامل ڪيا ويندا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ڪي ماڻهو ڪنهن ملڪ يا ڪنهن ماڻهوءَ کي نقصان پهچائڻ لاءِ هڪ لڪل منصوبو يا سازش ٺاهين ٿا، جيڪا ٻين کي خبر نه هوندي آهي، پر اها هڪ خاص شخص جيڪو ڪهاڻي ٺاهي ٿو، ان وٽ اها معلومات هوندي آهي، اهو ڪهاڻيڪار آهي. ڪهاڻيڪار لڪل سازش کي پڙهندڙ (مخاطب) اڳيان پيش ڪري ٿو. ان خيال يا ڳالهه سان آئون خلاف آهيان ۽ ٻيا ان ڳالهه جي خلاف ٿين. اهو هڪ ڪهاڻي ٺاهي ٿو.

جيتري قدر ڪهاڻيءَ جو تعلق آهي ته ناول ۾ آيل ڪهاڻي واقعن جو هڪ سلسليوار بيان آهي، جيڪو هن جي خالي طور رٿيل هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ ان ۾ ناول نگار جي سوچيل سمجهيل سازش لڪل هوندي آهي. اها سازش هي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ به رٿي سگهي ٿو ۽ برائي لاءِ به، تنهن ڪري پلاٽ جون ٻئي معنائون فني اصولن جي نقطه نگاهه کان صحيح آهن. پلاٽ ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائي ٿي ته ٻئي طرف ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي رٿيل دائري اندر بيان ڪري ٿي. اها رٿا ناول نگار جي ذهن ۾ ناول/ ڪهاڻي لکڻ وقت رڳو واقعن کي سلسليوار بيان ڪيو ويندو آهي. انهن واقعن جو سلسليوار بيان ڪردارن جي عمل تي مدار رکندو آهي. اهڙي طرح پلاٽ سازش جو بيان آهي، جنهن ۾ عمل ڪردارن کان ڪرايو وڃي ٿو. (پناڻ، 1982ع: 79ص)

افسانوي ادب ۾ افسانوي زندگيون پلاٽ تحت پيش ڪيون وينديون آهن. انهيءَ ۾ حقيقي زندگيون نه هونديون آهن. حقيقي زندگيون پلاٽ لاءِ ڪيتري قدر مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون، تنهن بابت اي.وي ڪاسٽن برنل لکي ٿو ته:

> ”حقيقي زندگي پلاٽ کي ڪا به مدد نٿي ڏئي، ڇو ته حقيقي زندگيءَ ۾ ڪو به پلاٽ نه هوندو آهي. حقيقي زندگيءَ جي رفتار تمام سست هوندي آهي. هن ۾ هر وقت ۽ واقعي کي اها اهميت نه هوندي آهي، جيڪا ناول نگار ان کي پنهنجي تخليق ۾ ڏيندو آهي. حقيقي زندگي ڪنهن به هڪ خيال جي

پابند نه هوندي آهي ۽ نه وري حقيقي زندگيءَ کي سوچيل سمجهيل اصولن تي هلڻو پوندو آهي. حقيقي زندگي فطري انداز ۾ گذري ٿي، جنهن تي ڪا به ڳالهه رٿيل يا سوچيل مڙهي نه ويندي آهي، پر جنهن به ڳالهه ۾ پنهنجو پلو سمجهندي آهي، تنهن تي عمل ڪندي آهي. ناول جي پلاٽ تحت زندگي ناول نگار جي هٿ ۾ هوندي آهي، جيڪا فن جي اصولن جي دائري کان ٻاهر عمل نه ڪري سگهندي آهي. هيءَ زندگي تمام تيز رفتار هوندي آهي، جيڪا هر موڙ تي رٿيل حادثن ۽ واقعن تان گذرندي ويندي آهي. هن زندگيءَ کي ناول نگار جي خيالن جو پابند رهڻو پوندو آهي. سندس هر عمل فطري نه پر ان ارادي تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو ارادو فنڪار ڪري ٿو. هي زندگيون تفڪر تحت جڙنديون آهن. ائين سمجهڻ گهرجي ته افسانوي زندگيون پتليون هونديون آهن، جيڪي انهيءَ سڀي جون پابند هونديون آهن، جيڪي ناول نگار جي آڱرين ۾ ٻڌل هونديون آهن. اهي رٿيل زندگيون انهن سڀن جي حرڪت سان پنهنجو عمل ڏيکارينديون آهن. اهو عمل رٿيل هوندو آهي، جيڪو افسانوي زندگين کي پنهنجي ڄاتل سڃاتل منزل ڏانهن آڻيندو آهي. حقيقي زندگيءَ ۾ ڪا به منزل ڄاتل سڃاتل نه هوندي آهي ۽ هر منزل فطري انداز ۾ پيش ايندي آهي. هن جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميون اوچتيون اينديون آهن، جن لاءِ هن کي ڪا به خبر نه هوندي آهي، پر رٿيل زندگين جي ڪاميابي يا ناڪاميابي فنڪار جي ذهن ۾ اڳيئي هوندي آهي، جنهن جي نتيجي کي آخر ۾ آندو ويندو آهي. ناول نگار پنهنجي ڪماليت سان انهيءَ نتيجي کي ڳجهو رکي ٿو ۽ انهيءَ راز کي آخر ۾ ظاهر ڪري ٿو. اهو راز فنڪار اڳيئي رٿي ڇڏي ٿو، رڳو پڙهندڙ جي ذهن کي انهيءَ نتيجي طرف سوچڻ جو موقعو نٿو ڏئي. اهو موقعو ئي تڏهن ڏيندو آهي، جڏهن ان جو مقصد پورو ٿيندو آهي. هن جو اهو مقصد تڏهن پورو ٿيندو آهي، جڏهن افسانوي زندگين جي ڪارروائي ۽ انهيءَ جا سبب ملي نتيجو ظاهر ڪندا آهن. انهيءَ ساري معاملي کي پلاٽ چيو وڃي ٿو.” (پنهوَر، 1982: 82)

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پلاٽ بابت هن طرح لکي ٿو:

”ڪهاڻيءَ ۾ واقعي کي رٿا يا منصوبابنديءَ سان پيش ڪيو ويندو آهي. واقعي ۾ پلاٽ يعني رٿا رٿي ويندي آهي. مثال ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪو واقعو پيش اچي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ امير شخص آهي، جنهن وٽ گهڻي ملڪيت جمع ٿيل آهي. هاڻي ٻيا ڪجهه ماڻهو هن جا مخالف آهن. اهي رٿابندي ڪري سوچين ٿا ته ان ماڻهوءَ کان اها ملڪيت ڪهڙي نموني سان ڦُرڻ لاءِ گهر ۾ چور موڪلين ٿا ۽ چوري ڪرائين ٿا ۽ انهيءَ پنهنجي رٿا ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.“ (هڪڙو، 2009: 437)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ڪهاڻيءَ جي پلاٽ لاءِ ٻن عنصرن جو هجڻ ضروري سمجهي ٿو: (1) ڪهاڻيءَ ۾ شروع کان آخر تائين تحريڪ هجي ۽ (2) تجسس ۽ اضطراب هجي، هو لکي ٿو ته:

”خام مواد کي گڏ ڪرڻ سان ئي، ڪهاڻيءَ ۾ تحريڪ شروع ٿي وڃي ٿي ۽ پڙهندڙ جي سامهون مختلف واقعا، مختلف انداز ۾ نمودار ٿين ٿا. هر ڪهاڻي نويس، ڪنهن خاص مقصد کي مدنظر رکي، ڪنهن خاص ڪهاڻي لکڻ کي هٿ ۾ کڻندو آهي، جنهن کان هو گهڻو متاثر هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙن واقعات جي چونڊ ڪندو آهي ۽ انهن کي ترتيب ڏيندو آهي، جن مان هڪ اهڙو مؤثر انداز ظاهر ٿي سگهي، جو هو پڙهندڙ جي ذهن تائين رسائڻ چاهيندو آهي. . . هر ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ تحريڪ ضرور ٿئي ٿي، جا اڪثر حادثات جي تسلسل تي مشتمل هوندي آهي. اها ئي تحريڪ اڳتي هلي پلاٽ جي صورت وٺي ٿي.“ (عرساڻي 2009: 268-269)

مطلب ڪهاڻيءَ ۾ شروع کان آخر تائين واقعو واضح بيان ٿيل هجي ۽ ٻيو ته جيڪو مواد ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو وڃي، اهو اثرائتي نموني سان بيان ڪيو وڃي. پڙهندڙ ۾ وڌيڪ چاهه حيران ڳالهه ڏانهن ڏيان ڇڪجي ته اڳيان ڇا ٿيندو. ان کان پوءِ ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي وڌيڪ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي ۽ دلچسپيءَ جو راز به اهو ئي سمجهيو وڃي ٿو، يعني ته پڙهندڙ لاءِ اهڙي ڪهاڻي، قصو/ واقعو پيش ڪجي جو پڙهندڙ جو ان ۾ چاهه وڌي ته اڳيان ڇا

ٿيو يا ڇا ٿيندو. مثال ڪھاڻيءَ ۾ ڪو چور سازش/ منصوبو ناھي چوري ڪري ٿو، پر اچانڪ گھر جا ڀاتي اٿي پون ٿا، پوءِ اڳيان ڇا ٿيو؟ ڇا چور چوري ڪري نڪري ويو يا پڪڙجي پيو؟" (عرساڻي، 1982ع: 16)

معلوم ٿيو ته ڪھاڻيءَ ۾ دلچسپي تڏھن پيدا ٿئي ٿي جڏھن ڪھاڻيڪار ان ۾ واقعن جي رد و بدل ڪري 'اُڻ ٿُڻ' يا 'پوءِ ڇا ٿيندو' وارو ماحول پيدا ڪري ٿو، پڙھندڙ ۾ ھڪ اشتياق جو جذبو اڀاري ٿو. انھيءَ فنڪارانه ڪوشش جي ڪري ئي ڪھاڻي آخر تائين ڪاميابيءَ جو سفر طئه ڪري ٿي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنھنجي تصنيف "سنڌي ڪھاڻيءَ جي اوسر" ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جي راءِ سان اتفاق ڪندي لکيو آھي ته:

"ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ ڪردارن جي آزمودن جو ورنن ئي ڪٿا وستوءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آھي. ڪٿا وستو ھڪ قسم جي 'ڪٿا' ئي آھي، پر اھا ليکڪ جي خيالات ۽ جذبات جي سھاري اڳتي وڌندي آھي. ڪھاڻي نويس جي ڪلاس سبب ۾ ان ۾ اھڙي ته ڪشش يا دلچسپي پيدا ٿئي ٿي، جو پاٺڪ ان کي پوري ڪرڻ کان سواءِ رھي نه سگھندو. واقعن جو ميلاپ جڳياسا يا ھرکر جي آڌار تي اھڙي نموني ڪيو ويندو آھي، جو ڪٿا ھڪ ڏور ۾ پويل، پنھنجي مقرر مقصد ڏانھن وڌندي ٿي رھي." (لڇاڻي، 1996: 30)

پلاٽ جي باري ۾ ڪھاڻيڪار ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو پنھنجي ڪھاڻيءَ جي ڪتاب "عيبن ھاڻي" ۾ لکي ٿي ته:

حقيقت ۾ انساني زندگيءَ ۾ اھڙا واقعا ۽ حادثا پيش اچن ٿا، جيڪي ٻين انسانن جي دل ۽ دماغ تي گھرو اثر ڇڏين ٿا. مثال: ھڪ صحتمند شخص آھي، ان کي سرڪاري نوڪري دوران آفيس ۾ اچانڪ دل جو دور پوي ٿو ۽ ھو مري وڃي ٿو. اھو اچانڪ حادثو ٻين ماڻھن جي دل ۽ دماغ تي اثر ڇڏي ٿو ته ھڪ صحتمند شخص اچانڪ ڪيئن مري ويو. سندس مري وڃڻ سان ان جي گھر ڀاتين ۽ آفيس جي ماڻھن کي ڏک ٿئي ٿو، پر ان واقعي جو ٻيو رخ اھو آھي ته آخر ھن شخص کھڙي ڳالھه ٻڌي، جنھن جي ڪري ھن جو موت واقع ٿيو ھوندو. اھا سازش ڪنھن ڪئي ھوندي.

ٿي سگهي ٿو ته هن جي گهر جو ڪو مسئلو، رشتيداري يا ملڪيت جو مسئلو هجي. ان سڄي مسئلي جي پوليس جاچ ڪري ٿي ۽ نتيجا حاصل ڪري ٿي.

پر ڪهاڻي ڪو نه ٿو چئي. پلاٽ جي معنيٰ واقعو آهي يا اوچتو واقعو ڪيئن ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ ٻيو واقعو ڪيئن ٿيو. پر اها راءِ غلط آهي. پلاٽ جي معنيٰ سازش آهي، جيڪا ٻيا ماڻهو هڪ شخص کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪن ٿا، جنهن سان انسانن جي نفسيات تي گهرو اثر ڇڏين ٿا.

ناليوارو ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب ”انيس انصاري: فن ۽ شخصيت“ ۾ پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”ڪجهه ڪهاڻين ۾ پلاٽ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ڪجهه ڪهاڻين ۾ پلاٽ نه هوندو آهي. ڪهاڻيءَ جو بنياد پلاٽ تي هوندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ واقعو پيش ڪيو وڃي ٿو. ان ۾ هڪ شخص ٻين ماڻهن لاءِ سازش ڪري ٿو، جيئن هڪ وڏيرو آهي اهو عوام کي انهن جا حق نٿو ڏئي، انهن غريب ماڻهن جي ملڪيتن تي قبضا ڪري اهو سازش ڪري ماڻهن جي ملڪيت کي پاڻ وٽ رکي ٿو، جيڪو طاقت ۽ پئسي جي زور تي ماڻهن تي حڪومت ڪري ٿو. ان ڳالهه کي ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي ذريعي ٻين ماڻهن تائين پهچائي ٿو ۽ فني ۽ فڪري حوالي سان ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪري ٿو، جيڪا صحيح ڳالهه آهي.“ (انصاري، 2008: 17)

پلاٽ جي معنيٰ ڪٿي ’بيان‘ آهي ته ڪهاڻيڪار ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪري ٿو ۽ ڪٿي ماڻهوءَ جي سازش، منصوبو کي بيان ڪري ٿو، جيڪي لڪائي منصوبو ٺاهين ٿا ڪنهن ماڻهوءَ کي يا ملڪ کي نقصان پهچائڻ لاءِ.

## ظفر حسن جي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ

ظفر حسن جي ڪهاڻين جا پلاٽ سادا ۽ واقعي جي ترتيب سان پيش ڪندڙ آهن. مثال طور ”مرجهايل گل جي سوڪڙي“ هڪ شاگردياڻي جي نفسيات جي موضوع تي ڏنل ڪهاڻي آهي، جنهن جي آپا جي وفات

جو هن تي گهرو اثر ٿئي ٿو. اها پنهنجي گهر وارن سان گڏجي ان جي قبر تي گل رکڻ ويندي آهي ۽ پنهنجي پيءَ کي چوندي آهي ته....

هڪ شاگردياڻيءَ کي گل جي مرجهائڻ جو ايترو نه هوندو آهي، هن جو تعلق هڪ انسان جو ٻئي انسان کان جدا ٿيڻ جو ڏک ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي وفات جو هن جي نفسيات تي گهرو اثر ٿئي ٿو، جيڪا بظاهر هن جي رشتيدار نه آهي، پر انسانيت جي ڪري هڪ سماج ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهي. پنهنجن کان به وڌيڪ آهي. ان جي نسبت ان کان علاوه ٻيا ماڻهو پنهنجا هوندي به غير ٿا لڳن، جيڪي لالچي ماڻهو آهن، جنهن جي ڪري اهو واقعو پيش آيو. ڪهاڻي انهن ماڻهن جي چهري تان نقاب لاٿو، جيڪي سماج ۾ پنهنجا ٿي پنهنجن جي ڏکئي وقت ۾ ڪم نٿا اچن، ساٿ نٿا ڏين، پر لالچ ٿا رکن. اهڙن ماڻهن جي ڪهاڻيڪار پنهنجن لفظن ۾ سخت مذمت ڪئي آهي، جيڪي سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري رشتا ڪن ٿا، پر انهن ۾ لالچ رکن ٿا، پر انهن کي ڪجهه نٿو ملي ته اهي رشتا ٽوڙي ٿا ڇڏين. ٻين جي مجبوري نٿا سمجهن. بجاءِ انهن جي مالي مدد ڪن، پر انهن ماڻهن کي مجبور ٿا ڪن، جنهن جي ڪري ڪنهن جي جان به هلي ٿي وڃي. (ولپ، 1984: 210-225)

هن ڪهاڻيءَ جو واقعو سماج جي وچئين طبقي سان تعلق رکي ٿو، جيڪو سماجي بک، بدحالي، سماجي اڻ برابري، ڏک جي موضوع تي لکيو ويو آهي.

گذريل سماج ۾ ٻارن کي ايتري اهميت ۽ توجهه ڏنو ويندو هو، پر جيئن سماج ۾ سڌارو ايندو ويو تيئن ادب ۾ ترقي ايندي ويئي. انهيءَ ڪري پهرين کان هاڻي ٻارن کي سماج ۾ اهميت ملي آهي، جنهن ڪري هو وڏن سان ڳالهائي سگهن ٿا. انهن سان پنهنجا حال احوال ڏيئي وٺي سگهن ٿا. انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي، ڪهاڻيڪار ظفر حسن ٻار جي ذهني نفسيات جي عڪاسي هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪئي آهي، جنهن کي پنهنجي مس جي وفات جو گهرو اثر ٿئي ٿو. سماج ۾ مٽ مائٽن کان علاوه ٻيا به انسان هن سماج ۾ رهندا آهن، جنهن سان ٻار نوان رشتا ناتا رکن ٿا، جنهن ۾ لالچ نٿا رکن، پر پيار محبت جو رشتو رکن ٿا. ٻيا سماج ۾ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجا هوندي به غير ۽ لالچي ڪردار جا ماڻهو آهن. ڪهاڻيڪار ظفر حسن ٻار جي ذهني نفسيات جي عڪاسي ڪئي آهي ته

ٻار به وڏن وانگر ڪنهن ڏک تڪليف کي محسوس ڪري سگهن ٿا، ان جو اظهار ڪري سگهن ٿا.

”رهيل قرض“ ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ وڏيرڪي سماج ۾ هارين ۽ پورهيتن تي ظلم کي ڪهاڻيڪار واقعن جي ترتيب سان پيش ڪيو آهي. وڏيرو هوندو آهي، جيڪو هاريءَ کي ڪجهه رقم قرض ڏئي ٿو، جيڪا رقم هن کي نه ملندي آهي، پوءِ وڏيرو هي هاريءَ جي ڌيءَ ۾ نظر رکي ٿو. ان کي ڪيئن به ڪري حاصل ڪريان، پر هاري نماز پڙهندڙ آهي. پهرين ته هن هاريءَ جو فصل تباهه ٿي ويندو آهي، پر الله سائين هن جي ٻئي طرف کان مدد ڪري ٿو. هاريءَ جي پٽ سان هڪ حادثو ٿئي ٿو، نتيجي ۾ اهو فوت ٿي ويندو آهي. هو ماڻهو جنهن جي موٽر سان هن هاريءَ جو پٽ ٽڪرائبو آهي، اهي شرمندا ٿيندا آهن ۽ بدلي ۾ هن هاريءَ کي ڪجهه رقم ڏيندا آهن ۽ شرمندا ٿي چوندا آهن ته اسان تنهنجو پٽ ته نه بچائي سگهياسين، پر ڪجهه رقم اٿئي. پوءِ هاريءَ کي هڪ طرف پٽ جي مرڻ جو ڏک ته ٿيندو آهي، پر اها رقم ڏسي هن کي پنهنجي نياڻيءَ جو فڪر هوندو آهي. اها رقم وڏيري کي ڏيئي راتو واهه ڳوٺ ڇڏي نڪري ويندو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار ظفر حسن وڏيري جي سازش کي بي نقاب ڪيو آهي. بظاهر وڏيرو غريب هاريءَ جو خيال رکي ٿو، پر اندر ۾ ٻيائي رکي ٿو. ان جي ننگ ۾ نظر وجهي ٿو. ڪهاڻيءَ جو سماجي پلاٽ وڏيرن ۽ زميندارن جي ظلم، هارين جي بيوسيءَ تي رکيل آهي.

ڊاڪٽر تهمينه مفتي ’ڪٿا اپڪٿا‘ جي مهاڳ ۾ پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿي ته:

> ”فني حوالي کان ڪامياب ڪهاڻي اها آهي، جيڪا رٿا بندي يعني پلاٽ تحت هجي، پر پڙهندڙ کي اهو محسوس نه ٿئي. جيتوڻيڪ جديد ڪهاڻيءَ ۾ بنا پلاٽ جي ڪهاڻين جا به تجربا ڪيا ويا، پر پلاٽ کان سواءِ ڪهاڻي خود هڪ پلاٽ آهي. ائين جيئن ادب ۽ سياست ۾ نظرين جي اهميت کي رد ڪرڻ بذات خود هڪ نظريو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ۽ رٿا جي اهميت بنيادي هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان کان سواءِ ڪهاڻيءَ جي خيال کي ڪاميابيءَ سان پڙهندڙ تائين پهچائي نٿو سگهجي. ڪردارن ۽ واقعن جي خاص رٿا تحت اٽت کي ئي پلاٽ چئبو

> آهي. ڪردارن ۽ واقعن توڙي سندن ترجماني ڪندڙ ڊائلاگس جي اٽت ائين هجي جيئن پرت پربو آهي، جنهن ۾ ڪو به اجايو يا ڳُتل ڪڻ پرت جي سونهن کي عيبدار ڪري ڇڏيندو آهي. (مفتي، 2007ع: 13)

مطلب واقعن جي سلسليوار بيان کي پلاٽ چئبو آهي، يعني هڪ واقعو هڪ انسان سان ٿيو، جنهن جي ڪري ان جي نفسيات تي گهرو اثر ٿيو ۽ ٻيو واقعو ته اها ڳالهه ڇا آهي؟ ڇا جي ڪري اهو واقعو ٿيو جنهن سان انساني نفسيات ۽ جذبات تي گهرو اثر ٿئي ٿو، جنهن مان ڪنهن جي ڏک ۽ غمي يا خوشيءَ جي ڳالهه جي خبر پوي ٿي. عام طور زندگيءَ ۾ واقعا ٿين ٿا، پر ڪهاڻيڪار ڪهاڻي هڪ خاص ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪرائي ٿو ته پڙهندڙ ان جي طرف ڌيان ڏين. هڪ واقعو ڪنهن جي جان به وٺي سگهي ٿو ۽ هڪ واقعو ڪنهن تي ظلم جو بيان به ڪري سگهي ٿو.

ٻيو واقعو لڪل سازش ٿي سگهي ٿي، پوءِ اهو ڪنهن ملڪ جي لاءِ هجي يا ڪنهن ماڻهوءَ جي گهر جي لاءِ هجي. جيڪي ماڻهو لڪل منصوبو ٺاهين ٿا ۽ ٻين کي نقصان پهچائين ٿا.

**ٻولي**

ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي پنهنجي اهميت آهي. ڪردارڪي ٻوليءَ جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي. ڪهڙو ڪردار ٻولي ڪيئن ٿو ڳالهائي. جيئن مثال هاريءَ جو ڪردار آهي. ان ۾ ٻولي اها استعمال ڪئي وڃي ته لڳي هاري ٿو ڳالهائي. ان کان سواءِ ۾ ٻيا ڪردار به هوندا آهن، جن جو انداز ۽ لهجو مختلف منفرد هوندو آهي.

ٻولي. ث زبان، لسان. ڀاشا، ڳالهاءُ، گفتگو، لات، (پکين جي) انجام – واعدو. (سنڌيڪا لغت، 2006: 139 ص)

ٻولي: دنيا ۾ ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. هر ملڪ جي ماڻهن جون پنهنجيون ٻوليون ۽ لهجا آهن، پر هتي اسان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ بيان ڪنداسين. سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، جيڪا پنج هزار سالن کان وٺي هلندي اچي ٿي. ٻوليءَ جا ڪيترا قسم آهن. عام ٻولي ۽ خاص ٻوليءَ ۾ فرق آهي. عام ٻولي سماج ۾ ڳالهائي ويندي آهي، ان ۾ پهاڪا، چوڻيون استعمال ڪونه ڪيا ويندا آهن، پر خاص ٻولي جيڪا

ادبي ٻولي آهي، ان ۾ خاص لهجا، پهاڪا، چوڻيون استعمال ڪيا ويندا آهن. سنڌي ادبي ٻولي جيڪا دفتري ٻولي ۽ لکڻ پڙهڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي. ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا آهن. سنڌ جي هر علائقي جي پنهنجي ٻولي ۽ لهجا آهن. اتر جي ٻولي الڳ ۽ لهجو الڳ آهي، لاڙ جي علائقن جي ٻولي الڳ ۽ لهجو الڳ آهي. ان کان علاوه ٻيون ٻوليون آهن: ڪوهستاني، ٿر جي ڍاٽڪي ٻولي آهي، سرائيڪي ٻولي، آريائي ٻولي وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي سڃاڻپ آهي، جيڪا صدين کان هلندي اچي ٿي. جيئن جيئن ماڻهن ۾ شعور آيو، تيئن تيئن پڙهڻ لکڻ جو شعور آيو ۽ ادبي ٻوليءَ جي ذريعي شعر و شاعري، ڪهاڻي لکڻ جو رواج پيو ۽ ٻوليءَ کي ادبي ٻوليءَ جي ذريعي عوام تائين پهچائڻ لاءِ نوان انقلاب ۽ نوان رجحان آيا. ٻين ملڪن جي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون، پر هتان جي مقامي ماڻهن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ڪيتريون ئي قربانيون ڏنيون ۽ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ تي هڪ حرف به اچڻ نه ڏنو. مختلف دورن ۾ مختلف ماڻهن سنڌ تي حملا ڪيا، پر اهي سڀ ناڪام ٿي ويا ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ جو دور آيو ۽ پنجابين جي سياسي ۽ فوجي حڪمرانن سنڌ صوبي ۽ ٻين صوبن کي نقصان پهچائڻ جو منصوبو ٺاهيو، جنهن ۾ سنڌ جي عوام ۽ سنڌي اديبن، شاگردن، استادن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن پنهنجين لکڻين ذريعي عوام ۾ سجاڳي آندي.

ڪهاڻي لکڻ ۾ هر ليکڪ جو پنهنجو طريقو هوندو آهي، جنهن سان هو ڪهاڻي لکي ٿو ۽ هر ڪو ليکڪ پنهنجي تخليق عوام تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي مخصوص ادبي ٻولي استعمال ڪري ٿو، جنهن ۾ مختلف پهاڪا ۽ چوڻيون به استعمال ڪري ٿو. ڪو ليکڪ وري سنڌ جي تهذيب ۽ ريتن رسمن کي جديد قدرن سان ملائي ٿو ۽ سندس ڪهاڻين ۾ نوان موضوع ۽ نوان رجحان ملن ٿا. ان مان ڪن ڪهاڻيڪارن جون لکڻيون سنڌي ۾ اهميت رکن ٿيون.

آڪسفورڊ لرنرس ڊڪشنري ۾ ٻوليءَ جي وصف هن طرح ڏني ويئي آهي:

> "**Language:** A particular style speaking or writing: bad/ foul/ strong language word that people may consider offensive."

ٻولي رابطي جو ذريعو آهي، جيڪو هڪ ماڻهوءَ جو خاص طبقو لکڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو ڪنهن علائقي لاءِ يا ملڪ لاءِ مثال تشبيهون ۽ چوڻيون.

دنيا جي سڌريل قومن ڪي پنهنجي قومي سجاڳيءَ جي پهرين منزل تي، قومي ٻوليءَ جي واڌاري جي ضرورت پوي ٿي، جنهن سان هو پنهنجي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي رقم ڪري، تاريخ ۾ هميشه لاءِ زندهه جاويد رهن ٿا. ٻوليءَ جي اهميت کي علامه آءِ. آءِ قاضي هن طرح بيان ڪيو آهي:

> ”ڪنهن فرد جي سڃاڻپ سندس ٻوليءَ مان ٿيندي آهي. ماڻهن جي غربت ۽ اميري جي خبر پوي ٿي، جتان جا ماڻهو خوشحال هوندا ته انهن جي ٻولي به خوشحال هوندي آهي ۽ ماڻهن جو حالتون خراب هونديون ته ٻوليءَ تي ان جا اثر نظر اچن ٿا. ان جي لهجي مان خبر پوندي آهي.“ (قاضي، 2009ع: 8 ص)

انهن سڀني ۾ ظفر حسن جو ڪردار برابر اهميت رکي ٿو. هن سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ انهن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ناانصافين خلاف به تمام گهڻو لکيو. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون: سڳ جي سٽ، رهيل قرض، سوڪڙي، گناهه جو ڏک، ڀاڳ نڀاڳ، تکي اُس ٺڏي ڇانوَ، عيد جي خرچي، پنهنجو پنهنجو غرض، حياتيءَ جي ٿه-رقمي، رات جنهين جو ماڳ، ڪني پاڻيءَ جو تلاءُ، هڪ مرجهايل گل جي سوڪڙي، شينهن ۽ ڪُئي جي جديد ڪهاڻي، باندر ۽ ٻلين جي جديد ڪهاڻي، انڌي ۽ منڊي جي نئين ڪهاڻي، زخمي ڪتي جي ڪهاڻي، طنز ۽ مزاح، ٽن ٺڳن جي نئين ڪهاڻي، خوش نصيب ۽ بدنصيب، رات جي منزل وغيره. سندس خوبصورت عام فهم سنڌي ٻوليءَ جو مثال آهن. ظفر حسن جون ڪهاڻيون سنڌ جي سونهن آهن.

هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ آسان پهاڪا ۽ تشبيهون به استعمال ڪيون آهن ۽ ڪجهه ڪهاڻين ۾ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه ۾ سادي ٻوليءَ کي استعمال ڪيو آهي ۽ ان ۾ پهاڪا ۽ تشبيهون به استعمال ڪيل آهن. ڪٿي ڏک جي موضوع تي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، ڪٿي خوشيءَ جي موضوع تي به ڪهاڻي لکيل آهي. عام پڙهندڙ لاءِ اهڙا ڪردار به تخليق ڪيا اٿس، جن سان اسان روزمرهه جي زندگيءَ ۾ ملندا آهيون.

ظفر حسن جا ڪردار سماج جا ڪردار آهي. ظفر حسن پنهنجي شعور جي ذريعي به ٻين کي سجاڳ رهڻ لاءِ چوي ٿو.

> ”هن جي ٻولي ۽ ادبي معيار جي مطابق عام فهم ٻولي آهي. سهڻا ٻهاڪا، سهڻيون چوڻيون ۽ سهڻيون تشبيهون استعمال ڪرڻ سان گڏ، ڪهاڻين جا سهڻا پس منظر ۽ پيش منظر پيش ڪري ٿو.“ (صائب، 1989: 132)

پر اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي سڀئي لفظ، سنڌي سماج جي روزمرهه جي زندگيءَ اندر يا سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج نه ٿي سگهيا.

ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن سڀني سياسي سماجي ۽ علمي ادبي پاليسين جي ڀرپور مخالفت ڪئي، جيڪي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نقصان پهچائڻ لاءِ خانگي توڙي سرڪاري سطح تي لاڳو ڪيون آهن. هن جي سوچ ۽ فڪر ۾ پنهنجي زبان، تهذيب، روايتن ۽ ثقافت جون اميدون آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سنڌين جي سياسي، معاشي ۽ اخلاقي سکيا ڪئي.

ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ۾ خالص سنڌي ماحول اندر، خالص سنڌي ڪردار ۽ سادي ٻوليءَ کي هٿي وٺرائي، جنهن جو واضح مقصد سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي پڙهندڙن سامهون آڻڻ سان گڏ، ڪيس پنهنجي منزل تائين پهچائڻ هو. هن ليک جيڪو لساني، قومي ۽ تهذيبي شعور ڏنو آهي ۽ ليکڪن سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ ان ظلم ۽ ڏاڍ خلاف مزاحمت ڪئي آهي، ان جي حق لاءِ آواز ٻين تائين پهچايو آهي ته اڄ به اسان جي ان مادري ٻوليءَ کي سنڌ اندر قومي زبان طور اهميت نه ملي آهي. دنيا ۾ جتي به جيڪا قومي اڪثريت ۾ وڏيک آهي، ان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ علم حاصل ڪرڻ جون سڀ سهولتون حاصل آهن، جنهن جي معرفت هو پنهنجي علم ادب، تهذيب ۽ تمدن ۽ ريتن رسمن ذريعي پنهنجي ثقافت کي زندهه رکي، سندس اهميت کي دنيا ۾ روشناس ڪرائي، سندس عزت افزائي ڪن ٿا. ڪيول ملڪاڻيءَ جي لفظن ۾ ته:

> ”ادب ۽ ٻولي سماج جي زندگيءَ جو خاص حصو هوندا آهن . . . سنڌي ادب ۽ ٻولي، عام زندگي ۽ فڪر جو عڪس ۽ معيار جو عڪس آهن.“ (ملڪاڻي، 1991: 267)

ٻوليءَ جي شروعاتي ۽ تهذيبي حيثيت کي واضح ڪندي، سنڌي ٻوليءَ جي خاص اديب ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مشهور زمانه شاعر، مولانا روميءَ جي شعر جي مفهوم سان ڪندي لکيو آهي ته:

> ”هر قوم کي پنهنجي جدا ٻولي مليل هوندي آهي ۽ هر قوم جي هڪ الڳ رهڻي ڪهڻي آهي. هند وارن کي هند جي پنهنجي ٻولي ۽ سنڌ وارن کي سنڌ جي ٻولي آهي. مطلب ته هر قوم کي پنهنجي هڪ الڳ قومي ٻولي آهي، هڪ نرالي تهذيب آهي ۽ جيئن ته اهي خصوصيتون قانون فطرت جي عين مطابق آهن، انهيءَ ڪري انهن جو احترام به لازمي آهي.“ (بلوچ، 2001: 8-7)

هڪ ماڻهوءَ جو پنهنجي ڪلچر، زمين ۽ ٻوليءَ سان محبت ۽ عقيد فطرتي هوندي آهي. ظفر حسن جي محبت ۽ سنڌ سان پنهنجو الڳ تعلق آهي، جنهن تيئڻ سنڌي ٻوليءَ کي گهڻي مقدار ۾ پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل ڪري، عام ماڻهن تائين سندس وقار ۽ عظمت کي رسائي ڏني. سندس ڪهاڻين ۾ مثبت رويو دراصل پنهنجي ٻوليءَ لاءِ وڙهندڙ جنگ جو هڪ حصو هو.

ظفر حسن جي ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ تشبيهه گهڻي استعمال ڪئي ويئي آهي ۽ ٻوليءَ ۾ مختلف لهجا استعمال ڪيا اٿس. شهري ٻوليءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو اٿس ۽ ڳوٺاڻي ٻولي عام سنڌي ٻولي استعمال ڪئي اٿس. سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا، محاورا استعمال نه ڪيا اٿس. ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ ڪرداري ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي، جيڪا مڪالمن جي ذريعي اظهار بيان ڪردارن جي ذريعي ڪرائي ويئي آهي.

## اسلوب

اسلوب ڪهاڻيءَ جي فني جزن مان هڪ جزو آهي.

انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري مان اسلوب لفظ جي معنيٰ هن طرح ورتي ويئي آهي:

"Diction: ٻولي، عبارت، لکٽي، محاورو."

آڪسفورڊ لرنرس ڊڪشنري مان ڊڪشن جي وصف هن طرح ڏني ويئي آهي:

"Diction: (1) The way that so pronounces words: clear diction (2) technical: The choice and use of word in literature." (422)

پنهنجي خيالن ۽ احساسن کي اظهار ڪرڻ جي بيان کي 'اسلوب' چئبو آهي. اسلوب عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي طريقو، رستو، روش." (المنجد، 385)

اسلوب بيان يعني طرز ادا يا طرز تحرير، جنهن جو تعلق بنيادي طرح خيالن جي ادائگيءَ سان آهي. خيالن جي ادائگيءَ جو مطلب هي آهي ته مصنف جا ذهني تجربا پڙهندڙ جي ذهن تائين پهچن. انهيءَ ڪري ليکڪ کي اهڙو اسلوب بيان اختيار ڪرڻو پوندو آهي، جيڪو سولائيءَ سان سمجهڻ جهڙو، واضح، قطعي ۽ استدلال هجي ته جيئن هو جيڪي خيال ظاهر ڪرڻ گهرجي ٿو يا جنهن واقعي يا ڪيفيت کي بيان ڪرڻ گهرجي ٿو، اهو پڙهڻ يا ٻڌڻ واري جي دماغ کي متاثر ڪري ۽ ڪيس اها ڳالهه چڱي طرح ذهن نشين ٿي وڃڻ گهرجي.

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو "اسلوب انداز" بابت لکي ٿو ته:

"افساني ۾ سڀ کان اهم جزو آهي اسلوب، اظهار جو طريقو، افساني جا پلاٽ يا ڪردار ڪيڏي به مضبوط ۽ سٺا هوندا، پر ڳالهه ڪرڻ جو طريقو دل کي احساس ڏياريندڙ نه هوندو ته ڪهاڻيڪار جي سموري ڪوشش بي معنيٰ نظر ايندي، تنهن ڪري ڪهاڻيڪار لاءِ ضروري آهي ته هن جي جملن جو اهڙو انداز بيان هجي جو نفسياتي طور تي اها ڳالهه اصلي نظر اچي ۽ بيان جو طريقو اهڙو هجي جو عام توڙي خاص پڙهندڙ کي افسانو ۽ ڪهاڻي پڙهڻ جو مزو يا لطف اچي، ان مان ڪو سبق ملي سگهي." (هڪڙو، 2009: 438)

مطلب افساني ۾ اهڙو اسلوب واضح هجي جو پڙهندڙ کي ڪٿي به مونجهارو نه ٿئي ۽ هو سولائيءَ سان ڪهاڻيءَ کي سمجهي سگهي.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“ ۾ اسلوب بيان بابت هن طرح لکيو آهي:

> ”اسلوب، ادب جي اظهار ڪرڻ جو نمونو شخصيت جو مظهر آهي. ڳالهه ڪرڻ جو طريقو آهي. انهيءَ انداز بيان ڪرڻ سان اسلوب جي تعريف هيٺين طرح بيان ڪري سگهجي ٿي. اسلوب مان مطلب آهي، ڪنهن ليکڪ جو اهو خاص فنڪارانه طريقيڪار، جنهن جي مدد سان هو پنهنجي ڳالهه ۾ ان ۾ پيدا ٿيندڙ احساس پڙهندڙ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.“ (سنڌي، 2006: 30)

ليکڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙي نموني سان اسلوب سان ڪنهن به خيال، فڪر کي پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب اسلوب بيان جي ٺاهه ٺوهه ۾ پنج عنصر ٻڌايا آهن. هو لکي ٿو ته:

> ”ادب جي تخليقي عمل جي تجزئي ۾ ڪنا ڪيڙ مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلوب بيان جي ٺاهه جوڙ ۾ پنج عناصر ڪار فرما آهن: مصنف، ماحول، موضوع، مقصد ۽ مخاطب، يعني اسلوب جي سٽاءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جو وڏو دخل آهي ته ڳالهه ڪير ڪري رهيو آهي، مان مطلب آهي ته ليکڪ جي علمي لياقت ڇا آهي، ادبي ذوق ڪهڙو آهي ۽ ادب جي باري ۾ ان جو نقطه نظر ڇا آهي، وٽس موضوع جو واضح تصور آهي يا نه، روايت جو پابند آهي يا تجربي کي پسند ڪندڙ آهي. ماحول مان مطلب آهي، انهيءَ زماني جو ادبي ذوق ۽ ادبي لاڙا، جنهن ۾ اهو نثر لکيو ويو. موضوع يا خيال جي نوعيت ڪيترن ئي نمونن جي ٿي سگهي ٿي، مثلاً علمي، تاريخي، افسانوي، صحافتي، تدريسي وغيره. هر موضوع هڪ جداگانه اسلوب سان واسطو رکي ٿو ۽ هر قسم جي خيال جي ادائگيءَ لاءِ قسم جو اسلوب بيان ڪم نٿو ڪري سگهي. موضوع کان پوءِ مقصد کي به وڏي اهميت حاصل آهي، جنهن جي لاءِ ليکڪ لکڻ تي مجبور ٿيو. اهي مقصد مختلف قسمن جا ٿي سگهن ٿا، مثلاً پڙهندڙ کي مرعوب ڪرڻ، معقول بنائڻ، معلومات ڏيڻ، متاثر ڪرڻ يا محظوظ ڪرڻ – مقصد معلومات ڏيڻ هوندو، ته بياني اسلوب اختيار ڪندو، مطلب متاثر ڪرڻ

گهرندو ته پُرجوش اسلوب اختيار ڪندو. اسلوب جو آخري عنصر مخاطب آهي. مصنف کي اهو ڏسڻو آهي ته هو جن ماڻهن لاءِ لکي رهيو آهي، اهي ڪهڙي طبقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جي علمي لياقت ڇا آهي، ادبي ذوق ڪهڙو آهي، رجحانات ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙو اسلوب بيان انهن جي دل ۽ دماغ تي سڀ کان وڌيڪ اثرانداز ٿي سگهي ٿو، يعني مطلب جي مزاج ۽ فطرت جو لحاظ رکڻ کان سواءِ، جيڪو به اسلوب بيان اختيار ڪيو ويندو، اهو ڪيڏو به پُر شڪوه ڇو نه هجي، پر ان کي ڪامياب اسلوب بيان ڪڏهن به چئي ڪونه سگهبو.” (ميمڻ، 2006: 30)

مطلب ڪهاڻيڪار جو انداز بيان آسان هئڻ گهرجي ته جيئن ان جي ڳالهه پڙهندڙ کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي.

سنڌي ادب جو جيڪڏهن انهيءَ لحاظ کان مطالعو ڪيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته هر ليکڪ جو ڳالهه ڪرڻ جو پنهنجو مخصوص انداز آهي. علي بابا جي لکڻ جو ڍنگ آغا سليم جي اسلوب بيان کان جداگانه نظر ايندو. امر جليل کي اسلوب ٺئي وري پنهنجو آهي. مطلب ته هر ليکڪ پنهنجو منفرد بيان اختيار ڪندو آهي، جيڪو سندس تحرير کي ٻين جي تحريرن کان الڳ ڪري بيهاريندو آهي. ظفر حسن جو پنهنجو انداز بيان آهي، جيڪو هر پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، ان جي نتيجي تي به پهچي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جي راءِ مطابق لڳاتار مشق (Exercise) ڪرڻ سان ليکڪ هڪ سٺو ڪهاڻيڪار بڻجي سگهي ٿو. هو لکي ٿو ته:

“مسلسل مشق ڪرڻ سان هڪ فرد سٺو ڪهاڻيڪار بڻجي سگهي ٿو. مصنف کي ضروري بضرور پنهنجو انفرادي طريقو (Distinctive touch) هئڻ گهرجي. طرزِ ادا بابت ائين ڪٿي چئجي ته هر هڪ انسان جو لفظن کي استعمال ڪرڻ ۽ انهن کي جملن ۽ بيانن جي شڪل ۾ ورچڻ جو پنهنجو پنهنجو طريقو آهي، ته اهو بلڪل درست ٿيندو. هر طرد جي طرز ادا به اهڙي طرح ذاتي يا شخصي آهي، جهڙي طرح هرڪنهن جي ڳالهائڻ جو لب و لهجو جدا جدا آهي.” (عرساڻي، 2009: 273-274)

مٿئين بحث مان هي نچوڙ نڪري ٿو ته ليکڪ کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ سٺو ماحول ميسر هجي ۽ انساني گروهه ۽ مختلف جاين تي ڪيس گهٽي ڪان گهڻا واقعا آسانيءَ سان نظر ايندا هجن، پلي ته هن کي زندگيءَ متعلق شخصي نظريو هجي، جنهن کي هو مختلف ڪهاڻين ۾ دهرائيندو رهي، پر اهڙي خاصيت جا هڪ ليکڪ جي ادبي ڪم ۽ ٻين ادبي ڪمن جي وچ ۾ فرق پيدا ڪري ٿي، سو فقط ان جو ڳالهه ڪرڻ جو طريقو آهي، يعني ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ آهي، جنهن جي وسيلي اسان ڪنهن لکت کي پڙهي، هڪدم ان جي اصل تخليقڪار جي سڃاڻپ ڪري سگهون ٿا. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جي راءِ سان آءٌ متفق نه آهيان، پر ڪو واقعو ڪهاڻيڪار يا سماج جي ڪنهن فرد سان ٿئي ٿو، جنهن جو ڪهاڻيڪار سان واسطو هوندو آهي ۽ پوءِ ڪهاڻيڪار ان واقعي جي باري ۾ لکي سگهي ٿو. ڪهڙي سبب جي ڪري واقعو پيش آيو، عام ماڻهو ڪا به ڪهاڻي نٿو لکي سگهي، پر هڪ خاص ماڻهو جنهن جو ادب سان واسطو آهي، اهو ڪا به ڪهاڻي لکي سگهي ٿو.

## ظفر حسن جي ڪهاڻين جو اسلوب

ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ هن جو پنهنجو منفرد اسلوب آهي، جنهن تحت هن مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن. مثال:

سندس ڪهاڻين جو اسلوب هن طرح آهي:

”پر نواب صاحب اوهان جو مون تي حق آهي ته اوهان مون کي ڪم چئو.“
”پٽ، اها مهرباني آهي، جو تون ائين ٿو سمجهين. دراصل ڳالهه اها آهي ته هڪ ڇوڪرو آهي، خانداني، خانداني ڇا پر اعليٰ خاندان – اڄڪلهه ته ٽٽي ٽامڻي پيا جاوا ڪن، پر هي نوجوان نهايت خوددار ۽ شريف آهي ۽ سخت مجبوريءَ هيٺ آهي. تو وٽان گهڻا ئي انڊسٽريلسٽ (صنعتڪار) قرض ڪڻن ٿا، انهن کي چئي هن (نوجوان) جي چڱي موڪي مدد ڪري سگهين ٿو. آءٌ خود هن جي مدد ڪندو رهندو آهيان، پر هن دفعي هن کي ڳچ رقم کپي، جو هڪ ڀيڻ جي شادي ڪرائڻي اٿس.“ آءٌ نواب صاحب جي هن عجيب ڪم تي ڪجهه سوچڻ لڳس ته ڪهڙو جواب ڏيان. نواب اڃا ڳالهائي رهيو هو. ”پوءِ

> هي ڪم اڄ سپاڻ ٿيڻ کپي. هن کي سخت ضرورت آهي. موقعو ئي اهڙو آهي.”
> ”جي، جي نواب صاحب، بلڪل ڪوشش ڪبي. آءٌ حاضر آهيان.”
> ”نه ڪوشش ووشش نه، هي ڪم ڪرڻو پوندو.” (سيد، 1981ع: 112)

مطلب هن ڪهاڻيءَ ۾ ظفر حسن ڀن ماڻهن وڏيري حشمت علي خان ۽ بئنڪ مئنيجر فون تي ٿيل ڳالهه ٻولهه کي واضح نموني لکيو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته وڏيري جو ڪهڙي نموني سان ڳالهائڻ جو انداز پيش ڪيو آهي ته هي پاڻ ٻين انڊسٽريلسٽس کان مدد يعني منٿ نٿو ڪري، پر هڪ بئنڪ مئنيجر کي منٿ ٿو ڪري ۽ ان کي چوي ٿو ته تون پنهنجو ماڻهو آهين، انڪري انڊسٽريلسٽ کان هن کي گهٽي رقم وٺي ڏي. بظاهر هڪ وڏيرو ۽ ايم.ڊي پاڻ ۾ گهاٽا دوست آهن، پر وڏيرو ايم.ڊي کان مدد نٿو وٺي. ڪهاڻيءَ جي لکڻ مان خبر پوي ٿي ته ظفر حسن ان دؤر جي ماڻهن کي چڱي طرح ڏٺو ۽ ان جو انداز بيان مثبت نموني لکيو آهي. وڏيرو ٻين ماڻهن جي دعوتون ڪري ٿو، هن وٽ وڏيون ڪوٺيون (حويليون) آهن، هڪ بنگلو آهي ۽ به ڪارون آهن، پر پنهنجي زال جي لاءِ رقم نه آهي جو هن جي مدد ڪري. هڪ وڏيرو پنهنجي گهر واريءَ جي مدد نٿو ڪري، ڇا اهو غريب عوام جي مدد ڪندو، جيڪي هن کي ووٽ ڏين ٿا.

بئنڪ مئنيجر هڪ سرڪاري ملازم آهي. اهو بئنڪ مان قرض نٿو ڪڍي، ڇو ته اهو قرض ڪٽان لاهيندو. اهو سوچي هڪ هزار پنهنجي خرچ مان وڏيري جي گهر واريءَ کي ڏئي ٿو خيرات طور تي ۽ ٻيا صنعتڪار بئنڪ مان قرض ڪڍن ٿا، اهي موٽائي ڏين ٿا، پر وڏيرا قرض نٿا ڪڍن.

ظفر حسن وٽ ٻوليءَ ۾ لکڻ جو پنهنجو اسلوب يا ڍنگ آهي، جيڪو عام ماڻهوءَ کي به آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو. عام يا خاص پڙهندڙ کي به هي پنهنجي انداز بيان سان موهي وڃي ٿو. هن جا ڪردار ائين لڳن ٿا، ڄڻ حقيقي ڪردار هجن.

سماج ۾ ماڻهو وڏيرو سمجهي پنهنجي نياڻي وڏيري کي ته ڏين ٿا پر پوءِ سار سنڀال نٿا رکن. ٻاهران ته وڏيرو آهي، پر اندر جو غريب آهي. ان

وٺ پنهنجي عياشين لاءِ دولت آهي، پر پنهنجن لاءِ هن وٽ ڪجهه رقم آهي.

اهڙي طرح جاگيرداري نظام ۽ سرمائيداري نظام جو گهٽو غلبو ڪهاڻيءَ ۾ موضوع طور پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيڪار ظفر حسن وڏيري ڪلاس جي ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. وڏيرا ۽ سرمائيدار پاڻ ۾ دوست آهن، پر ڪم لاءِ وڏيرو ان ايم.ڊي دوست کان مدد نٿو وٺي.

مطلب ته هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار ظفر حسن جو منفرد اسلوب استعمال ڪيو آهي، جنهن ۾ ڳالهه کي ڳالهه سان جوڙي مسئلي جو حل ڏنو ويو آهي. ڪو به مسئلو آهي، چاهي اڌار يا قرض وٺڻ جو مسئلو آهي، ان جو حل ڳالهائڻ جي ذريعي ڪيئن ڪجي، اهو هتي پيش ڪيو ويو آهي. ٻن ماڻهن جي ٽيل ڳالهه ٻولهه کي ظفر حسن پنهنجي منفرد انداز ۾ پيش هتي پيش ڪيو آهي.

## ڪردار نگاري

ڪردار نگاري ڪهاڻيءَ جو اهم جزو آهي.

سنڌي ٽو انگلش ڊڪشنري ۾ ڪردار جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

ڪردار: (1) ڪو حرف، انگ يا نشاني جيڪا لکت يا ڇپائيءَ ۾ استعمال ٿئي، (2) امتيازي وصف، (3) قسم يا نمونو، (4) ڪنهن شخص يا ٽولي جو مخصوص رويو يا ورتاءُ، اخلاقي سگهه، (6) ساک.

ڪردار مان مراد ڪنهن به شخص يا فرد جو رويو يا ورتاءُ هوندو آهي. مثال: ڪنهن شخص جو منفي يا ناڪاري رويو هوندو آهي ۽ ڪڏهن وري ڪنهن شخص جو رويو هاڪاري هوندو آهي، ان کي ڪردار چئبو آهي. ڪردار جي وڌيڪ وضاحت لغت ۾ هن ريت ڪئي ويئي. جامع سنڌي لغات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪردار جي هن طرح معنيٰ ڏني آهي:

ڪردار فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ اخلاق، ورتاءُ، طريقو، رويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ مطابق انساني ڪردار ڪي جتي به بيان ڪجي ٿو ته ان ۾ شخصيت جي خاص جُزي ڪي بيان ڪجي ٿو، جنهن ڪري ڪردار جي شخصيت ۽ ان جي سماجي اهميت ۽ سندس شعور جي وضاحت ٿي وڃي ٿي.

هڪ جلد سنڌي لغات ۾ ڪردار جي وصف هن طرح ڏنل آهي:

ڪردار: (ف) هلت، چال – طريقو – طرز – عمل – ورتاءُ. (سنڌي لغت 2006: 597 ص)

ڪردار فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي سنڌيءَ ۾ مختلف معنائون آهن: ورتاءُ، طريقو، طرز – عمل وغيره.

ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به شخص جو ٻئي شخص سان ڳالهه جو رويو ڪيئن آهي. آيا اهو نرم لهجي سان ٻئي سان ڳالهه ڪري ٿو يا تلخ لهجي ۾ ٻئي شخص سان ڳالهائي ٿو.

مثال: آفيسر آفيس ۾ ملازم ڪي ڪم نه ڪرڻ تي ان جي شڪايت ٻئي آفيسر سان ڪري ٿو – ڪاوڙ جو اظهار (رويو سخت آهي).

مثال استاد شاگرد ڪي ڪم نه ڪرڻ تي دڙڪا ڏئي ٿو (سخت رويو – ڪاوڙ جو اظهار)

مطلب: ڪردار مان مراد ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن شخص يا فرد جو رويو هاڪاري به ٿي سگهي ٿو يا ناڪاري به ٿي سگهي ٿو.

آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ ڪردار (Character) جي وضاحت هن طرح ٿيل آهي:

> "Character: The mental and moral qualities distinctive to an individual."
> (Sally, 2005: 246)

اهي سڀ خاصيتون، گڻ، رويا جيڪي هڪ ماڻهو يا هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن گروهه جي ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ الڳ الڳ ٿاهين، ان ڪي ڪردار چئجي ٿو. يعني فرد جون اهي خاص انفرادي خاصيتون جيڪي سماج ۾ ڪيس الڳ سڃاڻپ جو ذريعو بڻجن ٿيون، ان ڪي ڪردار چئجي ٿو.

اردو لغت ۾ ڪردار جي وضاحت هن طرح ڏيل آهي:

اردو لغت ۾ ڪردار جون ڪيتريون معنائون آهن، مثال: روش، چلن، فعل، عادت.

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي اڳتي پيش ڪرڻ ۾ ڪردار نگاريءَ جو اهم حصو آهي. ڪردار نگاريءَ جي اهڙي اهميت انسائيڪلو پيڊيا آف آمريڪا ۾ هن طرح بيان ڪئي ويئي آهي:

> “Characterization: in literary device that is used step by step in literature to highlight and explain the details about a character in a story.” (1985: p 291)

ڪهاڻيءَ جي فني جزن مان ڪردار نگاري نهايت اهم جزو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي انسان حصو وٺندا آهن، انهن کي ڪردار چئبو آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار بي معنيٰ نٿا ٿي سگهن. اهي دنيا جا جيئرا جاڳندا انسان ئي هوندا آهن. ڪنهن به ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جي اهميت لاءِ اهو ڏسڻو پوي ٿو ته مصنف گهڻا زندهه/ اصلي ڪردار تخليق ڪيا آهن؟ ۽ هن ڪردار نگاريءَ لاءِ ڪهڙين صلاحيتن جو ثبوت ڏنو آهي.

داستان جي ڪهاڻيءَ ۾ انساني عمل، جنن ۽ ڀوتن، جانورن ۽ پکين وغيره کان ڪرايو ويندو هو، مگر ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انسان عمل انسانن کان ڪرايو ويندو آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي، يعني انسان ۽ سندن عمل، ناول جي ڪهاڻي مرتب ڪن ٿا. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي انسان بهرو وٺن ٿا، تن کي ڪردار (Character) چيو وڃي ٿو. انهن جي زندگين جي عڪاسي واقعن ۽ ڏنل شهادتن تي مبني هوندي آهي. انهن شهادتن جو واسطو سڌي يا اڻ سڌي طرح ڪنهن نه ڪنهن ناول جي ڪردار سان هوندو آهي، جن مان ڪردار جي مزاج جو اظهار ٿيندو آهي.

ڪردار نگاريءَ جي باري ۾ ٻين محققن جا رايا

پروفيسرڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو ڪردار نگاريءَ جي فن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”افساني جو ٻيو اهم حصو آهي ڪردار نگاري، جنهن ۾ خاص واقعو ڪنهن نه ڪنهن فرد سان ضرور تعلق رکندڙ آهي، ڇو

ته انساني زندگيءَ ۾ واقعي جو فرد سان گهرو تعلق آهي. افساني جا ڪردار مختلف هوندا آهن.″ (هڪڙو، 2009: 437)

ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙ جا خيالات ۽ احساسات فقط تڏهن ئي هڪ هنڌ چمي بيهي سگهن ٿا، جڏهن ڪردارن جي پيشڪش فنڪارانه هجي، جن ۾ ڪردارن جو عمل ۽ ردعمل ظاهر ٿيل هجي. ڪو واقعو ڪنهن فرد سان پيش آيو هجي ۽ اهو ان ڪي ڪنهن ڪردار ۾ محسوس ڪندو آهي. اهو ڪردار هن جو ڏنل وائنل هجي، جنهن مان ڪو تاثر ملي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اهو ڪردار ڪيئن ٿو اظهار ڪري ۽ غميءَ جي ڳالهه آهي ته اهو ڪيئن ٿو اظهار ڪري ۽ ٻي ڪا حيران ڪندڙ ڳالهه آهي ته اهو ڪردار ڪيئن ٿو اظهار ڪري، عمل ۽ رد عمل ڪري ٿو.

″ڪردار جي فطرت ۾ جيڪا به تبديلي نظر ايندي آهي، سا واقعن جي اثر کان آهستي آهستي ٿيندي آهي، مگر هڪ ئي وقت ۾ ساڳيو ئي ڪردار مختلف عادتن وارو نه هوندو آهي، چاڪاڻ جو ڪو به انسان هڪ ئي وقت ايماندار ۽ غدار، ظالم ۽ رحمدل نٿو ٿي سگهي. افساني جا ڪردار به حقيقي انسان لڳن ٿا. ڪردار جيڪو ردعمل ڪري ٿو، اهو ڪهاڻيڪار چوندي ۽ ان کان عمل ڪرائي ٿو. پڙهندڙ کي يقين ٿي وڃي ٿو، ته انهيءَ ماحول ۾ جيئرا جاڳندا ڪردار صرف اهوئي ڪري سگهن ٿا ۽ انهيءَ ماحول ۾ رڳو اهي ئي واقعا اثرانداز ٿي سگهيا.″ (عرساڻي، 1983: 49)

محمد اسماعيل عرساڻي وڌيڪ لکي ٿو ته:

″ڪردار ڪهاڻيءَ جو اهم حصو آهن. ڪردار ڪجهه بهادر نظر اچن ٿا ۽ ڪٿي ڪردار ڪمزور به نظر اچن ٿا. ٻيا ڪردار ٻين جي مدد ڪندي نظر اچن ٿا.″ (عرساڻي، 1982: 50)

ڪردار ڪيترن ئي قسمن جا ٿيندا آهن. هڪ وقت هڪ ڪردار ٻيا ڪيترا روپ نٿو ڌاري/ ڪري سگهي. مثال طور: هڪ وقت ۾ هڪ ڪردار ظالم ۽ همدرد نٿو ٿي سگهي.

هڪ وقت هڪ ڪردار ظالم ٿي سگهي ٿو ۽ ڪڏهن هڪ ڪردار همدرد ٿي سگهي ٿو. جيئن وڏيري جو ڪردار آهي ته اهو هارين کان ٻنيءَ

۾ ڪم ڪرائي ٿو ۽ انهن کي محنت جو اجورو نٿو ڏئي. وڏيري جو ظلم ڪندڙ ڪردار آهي ۽ هڪ استاد ڪلاس ۾ شاگردن کي ڪم ڏئي ٿو ۽ شاگرد ڪم ڪن ٿا ته موٽ ۾ انهن کي شاباس ڏئي ٿو يا شاگرد جي ڪردار کي ساراهي ٿو. استاد جو ڪردار همدرد ڪردار ڏيکاريو ويو آهي. هي به مختلف ڪردار آهن.

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جا ٽي طريقا ڪيا ويا آهن. پهرئين طريقي ۾ رڳو هيرو ۽ هيروئن هوندا آهن ۽ پوري ڪهاڻي انهن ٻن ڪردارن تي مشتمل هوندي آهي. ٻئي طريقي ۾ هيرو، هيروئن ۽ ٽيون ولين به هوندو آهي، ٽئين طريقي ۾ اهم ڪردار هڪ هوندو آهي، پر ٻيا ڪردار اهم ڪردار جي پويان ڦرندا نظر ايندا آهن، جن جو ڪم مرڪزي ڪردار جي شخصيت کي اُڀارڻ ۽ نمايان ڪرڻ هوندو آهي.

پهرئين طريقي ۾ الجهن پيدا ڪرڻ جو سبب غلط خيال يا غلط سوچ هوندي آهي. ٻئي طريقي ۾ الجهن بدمعاش پيدا ڪندو آهي ۽ ٽئين طريقي ۾ الجهن حالتون پيدا ڪنديون آهن.” (پٺاڻ، 1984: 59)

مثال (1): هڪ سورمو ۽ سورمي آهن اهي هڪ ٻئي سان پيار ڪن ٿا، پر سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃن ٿا يا معاشي حالتن جي ڪري يا مذهبي اختلافن جي ڪري، ٻيا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا.

مثال (2): هڪ سورمو ۽ هڪ سورمي ۽ ٽيون بدمعاش: هڪ سورمو ۽ هڪ سورمي هڪ ٻئي سان شادي ڪن ٿا، پر معاشي حالتون خراب آهن ۽ اهي ٻئي وڏيري جي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪن ٿا، پوءِ وڏيرو انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ٿو، جنهن ڪري اهي ٻئي هڪ ٻئي کان ڌار ٿي وڃن ٿا. وڏيرو بدمعاشي ڪري ٿو.

مثال (3): هڪ ڪردار مرڪزي ڪردار ۽ ٻيا ان جي چوڌاري نظر ايندا آهن. مثال هڪ آفيسر جو پنهنجي آفيس ۾ ڪردار اهم هوندو آهي. ٻيا ملازم ان جي ماتحت ڪم ڪندا آهن. ان جو ”رويو“ سڀني سان سٺو به ٿي سگهي ٿو ۽ خراب به.

فلم يا ڊرامي جو ڪردار هيرو/ سورمو هوندو آهي ۽ ٻيا ان جا ساٿي هوندا آهن، جيڪي ان سان گڏ هوندا آهن.

ڪردار نگاريءَ جي وسيلي ليکڪ جي ڪردار جو گهرائيءَ سان پتو پوي ٿو. نفسيات، سماجي حيثيت، فڪري لاڙن کان ويندي ظاهري جسماني ڪردار جو هر نقش پيش ڪرڻو پوندو.

ڪردار نگاريءَ ۾ ڪردارن جون هيٺيون اهم حالتون بيان ڪيون وينديون آهن:

ڪردار نگاريءَ جو بنياد ڪردارن جي صداقت تي آهي. ڪردار ۾ جيتري زندگي هوندي، اوترو وڌيڪ زندهه به رهندو، پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو.

مان هن جي ڪردار نگاريءَ سان متفق آهيان. ڪامياب ڪردار نگاريءَ لاءِ صداقت ۽ سچائي هجڻ ضروري آهي.

”ڪردار نگاريءَ جي فن کي وڌيڪ جاندار ۽ گهرو ۽ حقيقي بڻائڻ لاءِ زندگيءَ جي اڀياس جي ضرورت آهي. ليکڪ جيترو سماج ۾ انساني حياتيءَ کي گهرائيءَ سان ڏسندو، محسوس ڪندو، اوترو وڌيڪ جاندار ڪردار تخليق ڪندو. هڪ قابل ڪهاڻي نويس کي گهرجي ته هو پنهنجي پاترن جي جيون تتو جو اظهار اهڙي نموني ڪري جو سندس پاتر/ ڪردار جاندار ٿي اٿن. انهيءَ ڪاميابيءَ لاءِ ليکڪ جو جدا ماڻهن جي چاريترڪ وصفن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪري جڳائي، جيڪڏهن چرتر چترڻ جو آڌار منو ويگيانڪ سچ آهي ته ڪردار سڀاويڪ حقيقي ۽ جاندار نظر ايندا.“ (لڇاڻي، 1996: 38)

ظفر حسن جا ڪردار مثبت نموني سان مسئلو حل ڪن ٿا.

ظفر حسن ڪردار کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

”نواب حشمت علي خان جي شڪل اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. مون کي گهٽ سالن کان پوءِ ڏٺو هو. جهڙو سندس نالو هو، تهڙي هيس حشمت، رعب ۽ دٻدٻو، پر هاڻي ڪجهه عمر ڪارڻ ڍرڪي ويو هو، پر تڏهن به سندس شاندار ماضيءَ جا اهڃاڻ سندس شخصيت مان ٻکي رهيا هئا. پهرين ته ايترو بندرو ڪونه لڳندو هو، پر هاڻي پيٽ نڪري اچڻ ڪري بندرو

پي لڳو. شيروانيءَ ۾ ته ويتر وڏيڪ ٿلهو پي لڳو. اهڙي ئي چمڪدار شيرواني پيل هيس، جهڙي اڳي پائيندو هو. شيرواني ماٺهوءَ جا اڇا ڪارا پڌرا ڪري چڏيندي آهي. ماٺهوءَ جو ٿورو پيٽ پرجي ته ڦاٽ ڪايو وجي.“

”نواب صاحب ڪي پاجامو به ساڳيو ئي پيل هو. نواب صاحب سدائين چوڙيدار پاجامو پائيندو هو ۽ پير ۾ سليم شاجي جوتو. نواب صاحب پان به دستور وانگر ئي چٻاڙي رهيو هو. مون ڪڏهن به نواب صاحب کي پان کان سواءِ نه ڏٺو. سندس ماٺهو پاندان سان سدائين موجود هو. سندس ڳاڙها ڳاڙها ڏند به چڊا ٿي چڪا هئا. البت رنگ ۾ ڪارا پئي لڳا. هڪڙو فرق سو ڏٺم ته نواب صاحب جون مڇيون پهرين کان گهاٽيون ۽ وڏيون ٿي لڳيون، تنهن کان سواءِ ڪاريون به – نواب صاحب شايد ڪيس لڳائڻ شروع ڪيو هو. سندس مٿي جا وار به کُسي ويا هئا، پر جيڪي به باقي بچيل هئا، سي به ڪارا ٿي لڳا. وارن کُسڻ جو رڳو مون اندازو لڳايو هو، باقي اڳي مون ڪڏهن به نواب صاحب کي بنا ٽوپيءَ نه ڏٺو هو. سدائين جناح ڪئپ پيل هوندي هيس. سندس ٻاچ ۾ پيل ٿلهي مهر واري منڊي اڄ به موجود هئي. ان منڊي کي آئون ڪڏهن به وساري نه سگهندس، جو ان منڊيءَ ۾ جيڪو پٿر يا ڌاتو هو، ان تي عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهه ٻول لکيل هئا. بلڪل ائين جيئن پراڻن سڪن تي هوندا آهن. سائيز ۾ به انهيءَ منڊي جي ٽڪ تمام وڏي هئي.“ (سيد، 1981: 105-106)

وڏيري حشمت علي خان جي ڪردار جي نفسيات ۽ حرڪتن مان خبر پئجي ٿي وڃي ۽ توهان جيڪڏهن غور ڪندؤ ته اهڙا ڪردار توهان کي ضرور سماج ۾ نظر ايندا، جن کي توهان هڪ نظر وجهڻ کان پوءِ نظر ۾ رکي سگهو ٿا. ظفر حسن هن ڪردارکي پرکي ڪهاڻيءَ جو ويس ڍڪائي، پڙهندڙ کي اهو تاثر ڏنو ته معاشري جا اهي ڪردار ڪهڙن سببن جي ڪري ائين نظر اچن ٿا. هي وڏيرا پاڻ ته عيش عياشيءَ جي زندگي گذارين ٿا ۽ غريب عوام کان ووٽ به وٺن ٿا، پر عوام لاءِ ڪونه ٿا سوچين. اهي صرف ووٽن وٺڻ مهل نظر ايندا آهن اليڪشن جي ڏينهن ۾. هڪ وڏيرو آهي، جيڪو بظاهر گهڻو امير آهي. پنهنجي شڪل شباهت ۾ پئسي ڏوڪڙ ۾ پر پنهنجي گهر واريءَ جي مالي مدد نٿو ڪري.

هن جا ايم. ڊي سان سٺا تعلقات آهن، هو ٻئي ننڍپڻ جا دوست آهن، پر هي وڏيرو هڪ غريب بئنڪ مئنيجر کان مدد وٺي ٿو ۽ چوي ٿو ته تو وٽان گهڻا ئي انڊسٽريلسٽ قرض کڻن ٿا، انهن کي چئي هن نوجوان (زال) جي چڱي چوکي مدد ڪري سگهين ٿو. پوءِ هي غريب مئنيجر بئنڪ مان قرض نٿو کڻي سگهي ۽ ٻين کان قرض نٿو وٺي، پر هي پاڻ پنهنجي خرچ مان هن وڏيري جي مدد ڪري ٿو ۽ هن کي وڏيري جي انهيءَ ڪردار تي حيرت لڳي ٿي. هو پنهنجي گهر واريءَ جي مدد نٿو ڪري. بظاهر ته ماڻهو وڏيرن سان رشتيداري ان ڪري ڪن ٿا ته هو انهن جي نياڻيءَ کي خوش رکندا، پر وڏيرا انهن جي مدد نٿا ڪن. وڏيري جي ڪردار کي پڙهندڙ جي اڳيان بيهاري ٿو. بظاهر وڏيرا امير آهن، پر اندر جا غريب آهن.

عيد جي خرچي

هن ڪهاڻيءَ ۾ ظفر حسن هن طرح ڪردار پيش ڪري ٿو:

”عيد جي خرچي“ ۾ هڪ غريب ٻار ساران ۽ ان جي پاءُ مقبول جا ڪردار آهن، هيءَ غريب طبقي جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ساران جو هڪ پاءُ آهي ۽ ماءُ پيءُ جا ڪردار آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ ساران سوچي ٿي ته عيد جي خرچيءَ مان هوءَ سونا والا خريد ڪندي، جيڪي هن عيد کان پهرين دڪان تي ڏٺا هئا. پوءِ عيد جو چنڊ نظر اچي ٿو. هن کي خوشي ٿيندي آهي ته عيد ايندي ته هوءَ اهي والا وٺندي. هوءَ وڏيري جي گهر ويندي آهي ته اچانڪ ٻي ڏيانيءَ سان هن سان هڪ واقعو ٿئي ٿو، جنهن ڪري اها مري وڃي ٿي. ان جا سپ خواب ختم ٿي ويندا آهن. غريب ٻار وٽ سوچون هونديون آهن، پر پئسا نه هوندا آهن، جن سان هو پنهنجون ضرورت جون شيون وٺي سگهن. انهن جي مائٽن وٽ ڪو به هُنر يا روزگار نه هوندو آهي، جنهن سان پنهنجي ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. ڳوٺ ۾ هڪ وڏيرو هوندو آهي، جنهن وٽ پئسا هوندا آهن. اهو وڏيرو ڳوٺ جي ٻارن توڙي غريب ماڻهن جو خيال رکندو آهي ۽ انهن کي عيد جي خرچي ڏيندو آهي. پوءِ ساران به ان وڏيري جي گهر پاءُ سان گڏجي ويندي آهي، پر اچانڪ ٻي ڏيانيءَ سان هن سان هڪ واقعو پيش ايندو آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار ظفر حسن پيش ڪيو آهي.

> ”خدا ڪري اڄ صاحب وٽ گهڻا ماڻهو اچن ته گهڻي خرچ ملي!“ ساران چوڻ لڳي.

”بابا پئي چيو ته صاحب اڳي ڪان به وڏو آفيسر ٿي ويو آهي. بابا اهو به پئي چيو ته ماڻهو جيڏو آفيسر هوندو، اوترا ماڻهو وڏيڪ وٽس ايندا.“ مقبول پڇائڻ لڳو.

”اڙي، بابا ته قد ۾ وڏو آهي، هونئن ٿورو ئي وڏو آهي.“ ساران جي نظر ۾ بابا قد ۾ وڏو آهي، پر بابا پئسي ۾ غريب آهي. (سيد، 1981: 98)

اهڙي طرح اميرن، غريبن جا ڪردار هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪري ٿو.

## حوالا


1. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، 2007ع، ڪٿا اپڪٿا“، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي.
   ايضاً، ص 13
2. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، 1982ع، ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
   ايضاً، ص ص 79، 59
3. عرساڻي، شمس الدين، 2009ع، ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“، (نثري ادب ڇاپو)، حيدرآباد، اوسر اشاعتاڻو.
   ايضاً، ص 268-269
4. عرساڻي، شمس الدين، 1982ع، ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
   ايضاً، ص ص 82، 16
5. انصاري، اشتياق، 2008ع، ”انيس انصاري، فن ۽ شخصيت“، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن.
6. سيد، ظفر حسن، 1981ع، ”رهيل قرض“، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد.
   ايضاً، ص 21
   ايضاً، ص 112
7. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، 1982ع، ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
   ايضاً، ص 16
8. جوڻيجو، تنوير، 1982ع، ”عيبن هاڻي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
   ايضاً، ص 10

9. عرساڻي، شمس الدين، 1982ع، ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، (ڇاپو پھريون)، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
ايضاً، ص 50

10. عرساڻي، شمس الدين، 2009ع، ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“، (نثري ادب ڇاپو)، حيدرآباد، اوسر اشاعتاڻو.
ايضاً، ص 72

11. انصاري، اشتياق، 2008ع، ”انيس انصاري، فن ۽ شخصيت“، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن.
ايضاً، ص 17

12. Oxford Advance Learners' Dictionary, 2005, (7th Edition), Oxford University Press. Chief Editor, Sally Wehmeier.

13. The Encyclopedia of America, Vol: 6, 1985.

14. A Comprehensive English-Sindhi Dictionary by Abdul Hussain Memon. (2010, First Edition, published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, Pakistan.

15. علامه آءِ. آءِ. قاضي 2009ع، ”صوفي لا ڪوفي (مضمون ۽ ڪردار)“، مرتب: عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
ايضاً، ص 8

16. عرساڻي، شمس الدين، 2009ع، ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“، (نثري ادب ڇاپو)، حيدرآباد، اوسر اشاعتاڻو.
ايضاً، ص 273-274

17. عرساڻي، محمد اسماعيل، 1983ع، ”چار مقالا“، (ڇاپو ٻيو)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ.
ايضاً، ص 49

18. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 2006ع، ”سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس“، (ڇاپو ٻيو)، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.
ايضاً، ص 30

19. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 1997ع، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، لاڙڪاڻو، ڪانياواڙي، بندر روڊ.
ايضاً، ص 30

20. ھڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، 2009ع، ”شڪارپور شھر جو سنڌي ادب ۾ حصو“، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
ايضاً، ص 437-438

21. قاضي، آءِ. آءِ.، علامه، 2009ع، ”صوفي لاڪوفي“، مرتب: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

22. ملڪاڻي، ڪيول ۽ تاج جويو، 1991ع، ”سنڌي ڪهاڻي (تاريخ)“، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن.
ايضاً، ص 267
23. سيد، ظفر حسن، 1981ع، ”رهيل قرض“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
ايضاً، ص 122

باب پنجون

# نتيجا

1. ظفر حسن جي ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ جي ترتيب بهتر ۽ مضبوط نظر اچي ٿي.
2. ڪهاڻيڪار ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڳوناڻي ٻولي استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ تشبيهه به ڏني آهي ۽ ڪٿي شهري ٻولي استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ انگريزي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن، جيڪي روزمرهه ۾ استعمال نه ٿي سگهيا آهن.
3. ظفر حسن پنهنجو الڳ اسلوب قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ هر ڳالهه واضح بيان ٿيل آهي. ڪنهن به پڙهندڙ کي ڪٿي به ڪهاڻي پڙهڻ ۾ مونجهارو يا ڏکيائي نٿي ٿئي.
4. سندس ڪهاڻيون هر طبقي جو ماڻهو پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو.
5. ڪهاڻين ۾ فطري منظر نگاريءَ جا سمورا رنگ موجود آهن.
6. منظر نگاري جنهن ۾ مختلف جاين جي منظر نگاري ڪئي اٿس. ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ڳوناڻو ماحول آهي ته اتي ڳوناڻو منظر پيش ڪيو اٿس، ڪٿي وري شهري ماحول آهي، اتي شهري منظر پيش ڪيو اٿس. ڪٿي رات جو منظر پيش ڪيو اٿس ۽ ڪٿي ڏينهن جو منظر پيش ڪيو اٿس.
7. هن جون ڪهاڻيون سماجي حقيقت تي مبني آهن.
8. هن جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي نفاست ڪان وٺي اظهار جي بلندي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ تشبيهون استعمال ٿيل آهن.
9. سندس ڪهاڻيون مجموعي پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ اظهار، ٻوليءَ جي سونهن ۽ منظر نگاريءَ جي حوالي سان اهميت رکن ٿيون.
10. سندس ڪهاڻين ۾ ٻارن جا ڪردار آهن، جيڪي نفسياتي مسئلن جو شڪار ٿين ٿا، جن مان انهن کي ڪهاڻيڪار ڪڍي ٿو.
11. ٻارن جي معصوم احساسن ۽ انهن جي بنيادي حقن کي هو مختلف ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو.

12. سندس ڪهاڻيون ان دؤر جون پيداوار آهن، جڏهن ون يونٽ جو دؤر هو ۽ پيا آمريتي دؤر به آيا هئا. هن سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حقن جي بحالي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي درجو ڏيارڻ لاءَ پنهنجي قلم ذريعي جدوجهد ڪئي.
13. زميناري ظلم کي عيان ڪيو ويو آهي. زميندار پنهنجي گهر جي عورتن کي بئنڪ مئنيجر ڏي موڪلي ٿو رقم وٺڻ لاءِ.
14. سندس ڪهاڻيون ان دؤر جي ماڻهن جي احساسن ۽ جذبات جي ترجماني ڪن ٿيون.
15. سندس ڪهاڻيون غريب طبقي ۽ انهن جي ڏک، پيڙا ۽ درد جون ڪهاڻيون آهن.
16. هن پنهنجي ذهانت ۽ قابليت جو استعمال ڪندي سهڻي، آرسي، ڌرتي رسالن ذريعي عوامي سجاڳيءَ جو ڪم ڪيو آهي.
17. هن ڪهاڻيڪار سماج جي هر طبقي جي فرد جي زندگيءَ تي لکيو آهي. وڏيرن جي حويلين ۾ رهندڙ، ڪچن ۽ پڪن گهرن ۾ رهندڙ، هاري، پورهيتن جي ڪردارن ۽ مظلوم غريب طبقي، وچولي طبقي جي ڪردارن کي نمايان طور پيش ڪيو آهي.
18. هن جي ڪهاڻين ۾ سماج جي قدرن، ريتن رسمن کي پيش ڪيو آهي. ماڻهن کي انهن ريتن رسمن جي پڄڪڙي ڪندي پيش ڪيو آهي.
19. ظفر حسن جون اڪثر ڪهاڻيون سنڌ ۽ سنڌ جي مظلوم عوام جي موضوعن ۽ مسئلن تي ڪهاڻيون آهن.
20. ڪن ڪهاڻين ۾ سندس ڪهاڻين جا ڪردار وقت ۽ حالتن سان مقابلو ڪن ٿا ۽ ڪامياب تي وڃن ٿا ۽ ڪٿي وقت ۽ حالتن کان مايوس، همت ۽ حوصلو هاري ويهن ٿا.
21. ڪن ڪهاڻين ۾ هن وڏيرن جا ڪردار پيش ڪيا آهن ته اهي سوچي سمجهي پنهنجا فيصلا نٿا ڪري سگهن، پوءِ اهي ٻين يعني غريب عوام جا فيصلا ڪيئن ڪندا.
22. وچولي طبقي جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڏکيءَ مهل ۾ ڪم اچن ٿا، جن وٽ پنهنجن جي احساسن ۽ جذبن جو قدر آهي.

23. ڪٿي هن جي ڪهاڻين ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي قابليت کي اهميت نه ملڻ جي ڪري انهن وڏيرن ۽ سياسي ماڻهن کان نفرت جا تاثرات ملن ٿا، جيڪي وقت اچڻ تي ووٽ وٺن ٿا ۽ غريب کي آسرو ڏيئي انهن کي نوڪري نٿا ڏين. هن سفارشي ڪلچر کان بغاوت به ڪئي، جنهن ۾ نوجوانن جي قابليت کي اهميت نٿي ڏني وڃي.
24. ڪٿي سندس ڪهاڻين ۾ هن سماج جي لالچي ماڻهن جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي، جيڪي پنهنجا ٿي پراون وارو سلوڪ ڪن ٿا غريب بي پهچ پنهنجن سان لالچ رکن ٿا.
25. ”ورهيه“ ۽ ”ويندڙ چٺ جا ڏينهن“ ڪهاڻيون آمريت جي دؤر جي تاريخ آهن.
26. ترقي پسند فڪر تي ظفر حسن مختلف ڪهاڻيون لکيون: رهيل قرض، مرجهايل گلن جي سوکڙي، پاڳ نپاڳ، تلاءُ، ويندڙ چٺ جا ڏينهن، تکي اُس ٽڏي چانوَ، سوکڙي، باندر ۽ ٻلين جي ڪهاڻي، ٽن ٺڳن جي ڪهاڻي.
27. هڪ دوست ٻئي دوست جي شاديءَ ۾ سوکڙي سونو هار ڏيندو آهي.
28. هاري سوچي ٿو ۽ وڏيري جي رهيل رقم ڏيئي پنهنجو ننگ بچائي ٿو.
29. سوپيا کي نفسياتي مسئلي مان هن جا والدين ڪڍن ٿا ۽ اها پنهنجي پڙهائي پوري ڪري ٿي.
30. هڪ نوجوان رمضان پنهنجو مسئلو پاڻ حل ڪري ٿو. ڪني پاڻيءَ جي تلاءَ کي شهر جي ڪن ڪچري سان پري ٿو. هن کي وڏيرن ۾ ڪا به اميد نه هوندي آهي.
31. هڪ پٽيوالي کي پوليس وارا ماريندا آهن. انهن کان هن جو پاءُ بدلو وٺندو آهي.
32. هڪ ماستر جو پيءُ بيمار هوندو آهي. اهو پنهنجي دوستن کان اڌار سڌار ڪري پيءُ جو علاج ڪرائيندو آهي ۽ هن وٽ پاءُ جي پڙهائيءَ لاءِ وڌيڪ پئسا نه هوندا آهن.
33. ٻليون باندر کي ڪيڪ ڏينديون آهن ۽ اهو بيهوش ٿي ويندو آهي.
34. ٽي ٺڳ هڪ ماڻهوءَ کي ٺڳيندا آهن، پر پوءِ اهي پاڻ به ٺڳجي ويندا آهن.

ظفر حسن ڪهاڻيءَ جي تخليق ۾ پاڻ هڪ نئون خيال، فڪر، تصور پيش ڪيو، جيڪو هن کان اڳ ڪنهن بئي ڪهاڻيڪار پيش نه ڪيو هو. هو پنهنجو پاڻ هڪ مفڪر هو، جيڪو ان وقت جي حوالي سان اهميت جو حامل آهي. هن هڪ تاريخي ۽ سماجي فڪري حوالي سان سماج ۾ سجاڳيءَ جو شعور ڏنو آهي ۽ سماج ۾ ٿيندڙ واقعن تي غور ۽ فڪر ڪيو، پوءِ سماج ۾ هر طبقي جي ماڻهن جي عڪاسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪئي آهي. وڏو طبقو ڪتاب نٿو پڙهي، انهن وٽ مطالعي جو ڪو به رجحان نه آهي، صرف مرد پڙهندا آهن ۽ سياست ڪندا آهن. اهي عورتن کي ڪونه پڙهائيندا آهن ۽ ٻيو طبقو وچولو طبقو آهي، اهي پاڻ به پڙهندا آهن ۽ سڄي گهر جي ڀاتين جي کي به پڙهائيندا آهن. پوءِ ٻارن جي پويان هي پنهنجو سڀ ڪجهه خرچ ڪري ڇڏيندا آهن. ٻيو انهن جي اولاد جي شاديءَ لاءِ ۽ نوڪريءَ لاءِ انهن وٽ ڪجهه پيل نه هوندو آهي. انهن ماڻهن ۾ نفسياتي ۽ سماجي اڻ برابريءَ جا مسئلا جنم وٺندا آهن. وڏيرا پنهنجو ڪم پاڻ نه ڪندا آهن، انهن وٽ نوڪر هوندا آهن. وڏيرا عوام جي پئسي تي اليڪشن وڙهندا ۽ بدلي ۾ عوام کي ڪجهه به نه ڏيندا آهن. انهن مسئلن کي ڪهاڻيڪار ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ موضوع طور پيش ڪيو آهي. انهن وڏيرن کان هن کي سخت مايوسي ٿي، جيڪي بي حس آهن، انهن وٽ عام ماڻهن لاءِ ڪي به احساس ۽ جذبات نه آهن. ڪهاڻيڪار ظفر حسن پنهنجين ڪهاڻين ۾ وچولي طبقي جي ماڻهن جا ڪردار هن طرح پيش ڪيا آهن: وچولي طبقي جا ماڻهو هڪ ٻئي کان مدد وٺندا آهن ۽ هڪ ٻئي جو مشڪل مهل ۾ ساٿ ڏيندا آهن. ڪٿي ماڻهو لالچي آهن، جيڪي سماجي اڻ برابريءَ جي ڪري پنهنجن سان رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏين ٿا. ڪٿي ماڻهو ٺڳ آهن، پنهنجي سوچن ذريعي هڪ ٻئي کي ٺڳيندا آهن.

ظفر حسن هيٺين طبقي سان وابسته ڪهاڻيون به لکيون آهن. جيڪي ڪٿي ٻارن ۾ پنهنجي مائٽن وٽ پئسا نه هئڻ ڪري احساس محروميءَ جو شڪار ٿين ٿا. انهن جون به ڪي خواهشون هونديون آهن ته انهن وٽ وٽ پئسا هجن، جنهن مان عيد تي شيون خريد ڪن پر اهي انهن سوچن جي ڪري حادثن جو شڪار ٿيندا آهن، نتيجي ۾ اهڙا واقعا پيش آهن، جنهن ڪري انهن جون خوشيون ماتم ۾ مٽجي وينديون آهن. ڪٿي وري وڏيرا ۽ پوليس وارا غريب پٽيوالي کي ماريندا آهن ۽ انهن جو ظلم ۽ ڪاوڙ غريب ماڻهن تان لهندو نه آهي. سماج ۾ ٿيندڙ واقعن کي ڪهاڻيڪار ظفر حسن جيئن ڏٺو تيئن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي ۽ آئينده به آگاهه رهڻ جو عوام کي شعور ڏنو. جيڪا قوم پنهنجي ٻولي

وساري ٿي، اها پين قومن جي غلام بڻجي ٿي. هن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ جاني توڙي مالي قربانيون ڏنيون. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيون پاڻ به لکيون ۽ مختلف دؤرن ۾ مختلف رسالن ۾ ڪم ڪيو ۽ هن هڪ تاريخي رسالو 'آرسي' شايع ڪري پين لاءِ به مثال قائم ڪيو. ون يونٽ جي دؤر ۾ هن ڪهاڻيڪارن، شاعرن ۽ اديبن حڪمرانن جي مخالفت ڪئي، انهن ۾ ظفر حسن جو ڪردار به ساراهه جوڳو آهي.

# ڪتابيات (BIBLIOGRAPHY)

**<u>سنڌي ڪتاب</u>**


1. انصاري، اشتياق، (2008ع): "انيس انصاري، فن ۽ شخصيت"، حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن.
2. پناڻ، غلام حسين، (1973ع): "تحقيق جو فن"، پاڪستان اپياس مرڪز، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
3. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، (1982ع): "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ"، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
4. جعفري، علي سردار، (1994ع): "ترقي پسند ادب کا پچاس ساله سفر"، ترتيب: قمر رئيس عاشور قاسمي.
5. جوٽيجو، تنوير، ڊاڪٽر، (1982ع): "عيبن هاٽي"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.
6. جوٽيجو، تنوير، ڊاڪٽر، (2004ع): "عورت سماج ۽ ڏاڍ"، عورتازاد ويمن ريسرچ ۽ پبليڪيشن، ڪراچي.
7. چانڊيو، خادم حسين (2003): "مارو جي ملير جا"، حيدرآباد، گنج بخش ڪتاب گهر.
8. چنا، محبوب علي، پروفيسر، (1972ع): "سنڌي ادب ڪي مختلف رجحان"، حيدرآباد، اداره صالح سيريز.
9. حسن، ظفر، سيد، (1981): "رهيل قرض"، (ڪهاڻيون)، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد.
10. حسن، ظفر، سيد، (2003ع): "ظفر حسن جي ڊائري"، (جلد پهريون)، ڪراچي، ناليج سينٽر.
11. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، (2005): "پائي پَٽ ڪٽا"، حيدرآباد، گنج بخش ڪتاب گهر.
12. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، (2010ع): "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر"، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز.
13. سيد، در شهوار، ڊاڪٽر، (1995ع): "تحقيق جو طريقيڪار"، ڪراچي، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
14. عرساڻي، شمس الدين، (1982ع)، "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
15. عرساڻي، شمس الدين، (2009ع)، "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ"، (نثري ادب ڇاپو)، حيدرآباد، اوسر اشاعتاڻو.

16. عرساڻي، محمد اسماعيل، (1983ع): ”چار مقالا“، (ڇاپو ٻيو)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ.
17. قريشي، اعجاز احمد، پروفيسر (2008ع): ”ون يونٽ ۽ سنڌ“، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي.
18. ڪاڪا، نواب، (2015): ”سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري: تحقيقي ايپاس (قلمي)
19. ڪاڪا، نواب، (2017ع): ”سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار“، (ڇاپو پهريون“، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.
20. ڪلا پرڪاش (1987): ” جي هينئڙي منجهه هرن“، سچائي اشاعت گهر، دڙو.
21. گاڏهي، همسفر (2004ع): ”سنڌ جي ڏاهپ ڪان انٽرويو، سارنگ پبلشنگ هائوس، ڪمرو نمبر 3.
22. گيانچنداڻي، سوڀو (2004ع): ”سنڌ جي ڏاهپ ڪان سورهن انٽرويو“، همسفر گاڏهي، ڪراچي، سارنگ پبليڪيشن هائوس.
23. مٽلاڻي، ٻلديو، ڊاڪٽر، (2006ع): ”تحقيق جا فن ۽ ان جا اصول“، حيدرآباد، سنڌي لينگئيج اٿارٽي.
24. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، (2007ع)، ”ڪٿا اپڪٿا“، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي.
25. ملاح، مختيار احمد (2021): ”سيد ظفر حسن هڪ مثالي ۽ آدرشي ادبي شخصيت“، (ڇاپو پهريون)، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ.
26. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (2006ع)، ”ادب، زندگي ۽ سماج“، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي.
27. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (2009ع)، ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.


## <u>تحقيقي جرنل/ ادبي رسالا</u>


1. ڪينجهر تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
2. ڪلاچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي
3. ٿماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
4. ماهوار نئين زندگي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ آف سنڌ
5. سنڌي ادب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
6. ڪارونجهر، سنڌي شعبو، فيڊرل اردو يونيورسٽي، ڪراچي
7. ڀٽائي، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي، خيرپور.
8. سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل

9. آرسي رسالو، 1984ع-1983ع
10. سهٽي رسالو، 1966-1978ع
11. گل ڦل، 1977ع
12. ڦليلي رسالو، 1957ع-1956ع
13. ڌرتي رسالو، 1986ع
14. ڌرتتي رسالو، 1977ع-1975ع
15. سارنگ رسالو


## اردو کتابیں


1. روشن ندیم/ صلاح الدین درویش (2002): "جدید ادبی تحریکوں کا زوال"، گندھارا بکس۔
2. سید، مظہر جمیل (2004): "جدید سندھی ادب و میلانات، امکانات، رجحانات"، اکادمی بازیافت۔
3. سید، وقار عظیم، (1960): "داستان سے افسانے تک"، اردو اکیڈمی، سندھ کراچی۔
4. میمن، عبدالمجید، (؟) "سندھی ادب کی مختصر تاریخ، انسٹیٹیوٹ آف سندھیالوجی، جام شورو۔


**ENGLISH BOOKS**


1. Oxford Advance Learners' Dictionary, 2005, (7th Edition), Oxford University Press. Chief Editor, Sally Wehmeier.
2. One Juld Sindhica Dictionary in Sindhi Language, by Abdul Sattar Baloch, 1st Edition, 2006, Sindhica Academy, Karachi.
3. The Encyclopedia of America, Vol: 6, 1985.
4. A Comprehensive English-Sindhi Dictionary by Abdul Hussain Memon. (2010, First Edition, published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, Pakistan.


**WEBSITES**


1. https://www.sd.wikipedia.org/wiki سيد، ظفر حسن
2. https://www.enwikipedia/wiki/encyclopedia.sindhiana.

# AN IDEOLOGICAL STUDY OF ZAFAR HASSAN'S SHORT STORIES


## ABSTRACCT

Professor Zafar Hassan Shah was born in 14th August 1937. He was born in Syed family at Hyderbad. He got his early education from his village Qutub Shah Khatyan Wanki Wasi Sachool. His father settled permmenently in Hyderabad with his family for sake of getting job. His father was employee of government bank. His mother murtured him after death of his father. He passed got his secondary education from Noor Muhammad High School Hyderabad in 1957. He passed his intermediate in 1959 from DJ National College. Furthermore, Zafar Hassan went for getting higher education to Sindh University, Jamshoro and passed B.A. (Honors) examination and M.A. (Geography) in 1960. He was appointment as a lecturer in same department. He was promoted as a professor and appointed to post of chairman. He retired in 13th August 1997 from University of Sindh.

Zafar Hassan wrote his first story during his studies. His story was published in phulil Sindhi bag part in 1956-57. His first story was named with Sang Ji Sit. After that he started to write frequently as short stores in Suhini magazine. After that he wrote various stories in Suhini magazine during 1966 to 1978. These stories were written from starting of one unit and of it. Then Prof. Zafar Hassan also wrote in era of democracy and martial law period. His stories are reflection of social, political and ideological context during martial law period. He wrote stories on different topics in varioys magazines and the collection of his stories was published in Rahyal Qarz in 1981. Aarsi magazine is one of his literary work which was coauthored with Valiram Valabh. Aarsi magazine is a signfincant work in field of literary journalism.

His stores were published in different magazines including Aarsi with different topic e.g: Pulili, Gul Phul, Suhini, Dharti, Dhartati, Sarang, Aarsi etc.

These stories were significantly important in relation to social and ideological.

Zafar Hassn highlighted ideololgy, social and psychological problems in his stories.

Zafar Hassan's stories carry natural colors of characterization character potrate his stories characters are complete reflection of society. He has write these stories based on reflection of social realism and progressive thought.

1. Break up
2. One's Selfishness
3. Fortunate unfortunate
4. Loan
5. Cold shadow, schoching sunlight
6. Eidi
7. Pond
8. The three dimensions of life
9. Offence of cover/hiding of sin
10. Aim of night destination
11. Years
12. Git of one withered flower (wrinkled)
13. The story of Hatim Tai's arrivals in Lahore
14. Days of intense heat
15. A modern story of criticism and humor
16. A modern story of lion and rat
17. A modern story of monkey and dog
18. A modern story of blind and lame person
19. A modern story of injured dog
20. A modern story of three fraud persons
21. Gift

UNIVERSITY OF SINDH

**M. Phil THESIS**

# AN IDEOLOGICAL STUDY OF ZAFAR HASSAN'S SHORT STORIES

Thesis submitted towards the partial fulfillment of the requirement of the University of Sindh, for the award of Master of Philosophy degree in Sindhi

**PASHMEENA CHANNA**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
**University of Sindh**
**Jamshoro, Sindh, Pakistan**
**2021**